عرب ۽ هند
نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾
مصنف:
قاضي اطهر مبارڪپوري
مترجم:
پروفيسر عبدالحي موريائي
زير انتظام:
تنظيم فڪر و نظر سنڌ
سنڌ اسلامڪ سينٽر رشيد پارڪ سکر

هي ڪتاب ڪل پاڪستان شاهه لطيف ڪانفرنس ١٩٨٧ع
جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو.

قيمت : ويهه روپيا

عرب ۽ هند

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾

مصنف:

قاضي اطهر مبارڪپوري

مترجم:

پروفيسر عبدالحي موريائي

زير انتظام:

تنظيم فڪر ونظر سنڌ

سنڌ اسلامڪ سينٽر رشيد پارڪ سکر

ڪتاب جو نالو: عرب ۽ هند نبي صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾.
مصنف: قاضي اطهر مبارڪپوري.
ترجمو: پروفيسر عبدالحي موريائي.
ڪتابت: محسن علي پتو. ٽنڊو جام.
ٽائيٽل ڪور:
ناشر: قربان علي ميمڻ
جنرل سيڪريٽري تنظيم فڪر ونظر سنڌ.
طابع: ڪمرشل پرنٽنگ پريس سکر.
تعداد: هڪ هزار
سال: صفر ۱۴۰۸ھ بمطابق آڪٽوبر ۱۹۸۷ع
قيمت:

سنڌ جي سڀني بوڪ اسٽالن تي دستياب آهي.

زير انتظام:

تنظيم فڪر ونظر سنڌ

مضمونن جي فهرست

”عرب ۽ هند نبي صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾“

مضمون	صفحو
پيش لفظ	١٢
مهاڳ	١٤
عرب ۽ هند عهد رسالت جي زماني ۾	١٦
ڪوپري ڪان ڪارڪ تائين	٢٠
سنڌ ۽ هندستان عربن جي نظر ۾	٢٠
هندستان ۽ عربن جي وچ ۾	٢٠
سمنڊي ۽ ساحلي رستا	٢٢
عرب جي ساحلن جا پراڻا سمنڊي رستا ۽ خشڪي رستا	٢٦
عرب ۽ سنڌ جا پراڻا تجارتي رابطا	٣١
هندستان جي ڪهڙي جڳهه ڪان ڪهڙي شيءِ عرب ۾ ويندي هئي؟	٣١
عرب ۾ هندستاني مال جي چار ساحلي منڊيون ايله، صحار،	
عدن ۽ جار	٣٣
عرب جي اندر سڀ ڪان اهم تجارتي مرڪز مڪه مڪرمه	٣٨
عربن جي خاص خاص جڳهن ڪان منسوب ڪيل هندستاني شيون	٤١
خط ۽ خطي نيزا	٤١
دارين ۽ داري مشڪ	٤٢
عرب جا وڏا وڏا موسمي ۽ مقامي بازار	٤٢
دومة الجندل	٤٣
مشقر	٤٣
صحار	٤٣
دُبا	٤٣
شحر مهره	٤٤
صنعاء	٤٤
رابيه	٤٥
عڪاظ	٤٥

مضمون	صفحو
ذوالمجاز	٤٥
ٻيون بازارون	٤٥
عربي ادب ۾ هندستاني شين جو ذڪر	٤٦
هندي تلوار	٤٦
خطي ۽ سمهري يعني هندي نيزا	٤٦
مشڪ	٤٩
عود	٥٠
ڪافور	٥٣
سُنڊ	٥٤
لونگ	٥٥
مرچ	٥٦
ساڳوان	٥٧
قسط	٥٨
ٽاٽي	٥٨
سنڌي ڪڪڙ	٥٨
سنڌي ڪپڙا	٥٩
ڳوڻ ۽ چادر	٦٠
چولو	٦٠
عرب ۾ آباد هندستاني قومون	٦٤
سنڌ ۽ سنڌي	٦٤
هند ۽ هندي	٦٥

مضمون	صفحو
هند ۽ سنڌ جون ست قومون	٦٧
١- زط (يعني جاٽ)	٦٩
هندستان ۾ جاٽن جو علائقو	٧١
ايران ۾ جاٽن جو علائقو	٧٢
عرب ۾ جاٽن جو علائقو	٧٤
عربي زندگي ۾ جاٽن جو اثر	٧٧
جاٽن جي زبان ۽ انجو عربي زبان تي اثر	٧٨
جاٽن ۽ عربن جي باهمي معاشرت	٨٠
جاٽن جي مسلمانن سان اختلافن کان ڪناره ڪشي	٨١
مسلمانن جي گهرو لڙائي ۾ جاٽن جي طرفداري	٨٢
جاٽن جي ڏاڍائي ۽ مارڌاڙ	٨٣
٢- ميد (يعني بحري ڌاڙو)	٨٥
ميد جي تحقيق	٨٥
هندستان ۾ ميد جو علائقو	٨٧
ميد جي شرارت ۽ مسلمانن جي سزا	٨٩
سيابجه يا سبابجه	٨٩
سبابجه جي تحقيق	٩٠
المنجد واري جي غلطي	٩٣
سيابجه ايران ۾	٩٤

مضمون	صفحو
سيابجه عرب ۾	٩٥
سيابجه ايراني فوج ۾	٩٦
سيابجه عربي معاشري ۾	٩٦
سيابجه اسلام جي دور ۾	٩٧
سيابجن جو بي رحميءَ سان قتل	٩٧
٤. احامره (يعني ڳاڙهو)	٩٨
احامره جي تحقيق	٩٩
ڳاڙهي رنگ کان منع	١٠٠
احامره ۽ جنگ تبوڪ	١٠١
حمراء دويلم	١٠٣
ٿي احمري	١٠٤
٥. اساوره (شهسوار)	١٠٥
اساوره جي تحقيق	١٠٥
اساوره ايراني فوج ۾	١٠٧
فاروقي زماني ۾ اساوره جو اسلام آڻڻ	١٠٩
عرب ۾ اساوره جا علائقا	١١١
يمن جا ابناء اساوره جا اولاد آهن	١١٤
عرب ۾ اساوره جو اقتدار	١١٤
سواري عالم ۽ رجال	١١٦
عربي شاعريءَ ۾ اساوره جو ذڪر	١١٧
٦. بياسره	١١٨
بياسره جي تحقيق	١١٩
هندستان جي ساحل جا ڏهه هزار بياسره	١٢٠
ڪجهه بيسري عالم	١٢١
ٺاڪر (ٺڪاڪر)	١٢١
محمد بن قاسم سان ٺاڪرن جي جنگ	٢٢٢
عربي شاعريءَ ۾ ٺاڪرن جو ذڪر	١٢٢
عرب ۾ هندستاني آباديون	١٢٤
اوڀر ۽ ڏکڻ جي ساحلن ۾	١٢٦
يمن ۾	١٢٨
عراق ۾	١٢٩
بحرين ۽ عمان ۾	١٣٢
هندستانين جو عربي زبان ۽ زندگيءَ تي اثر	١٣٢
ارتداد جو فتنو ۽ هندستاني باشندا	١٣٤
وچ عرب ۾	١٣٦
يمامه ۾	١٣٦
نجران ۾	١٣٠

مضمون	صفحو

مضمون	صفحو
مڪه مڪرمه ۾	١٣٩
مدينه منوره ۾	١٤٠
تبوڪ جي پاسي ۾	١٤١
عرب ۾ آباد ٿيل هندستانين کي اسلام جي دعوت	١٤٣
جاهلي عربن ۽ هندن ۾ مذهبي هڪجهڙائي ۽ هندن جي عربن جي بتن سان عقيدت	١٤٣
ست ستارا ۽ هند ۽ عربن جا گڏيل بت خانا هئا	١٤٥
ڪعبه جي باري ۾ غلط عقيدو	١٤٦
ڪعبه سان عقيدت	١٤٧
قليس سان عقيدت	١٤٩
عرب ۽ هندستان جا مشهور بت ۽ بتخانه ۽ انهن جون گڏيل ڳالهيون	١٥١
عرب جا عام هندو صابئه ۽ ڪجهه مجوس شمار ڪيا ويندا هئا	١٥٢
عرب جا هندو ۽ اسلام جي دعوت	١٥٦
يمن ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني	١٥٧
حضرت باذان يمن جو بادشاهه	١٥٧
حضرت بيرزطن هندي يمني	١٦٣
نجران ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني	١٦٥
بحرين ۽ عمان وغيره ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني	١٦٦
وضائع ڪسريٰ ڪير هئا	١٦٧
قطيف، خط ۽ دارين ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني	١٦٩
هجر ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني	١٧٠
عرب ۾ آباد هندن سان مجوسين ۽ صابئه جهڙو سلوڪ ڪيو ويو	١٧٤
پيغمبر اسلام ۽ هندستان جا باشندا	١٧٨
رسولؐ ۽ صحابنؓ جي زبان تي هندستان جو نالو	١٧٨
هندستان ۾ جهاد ڪرڻ جي فضيلت ۽ بشارت	١٧٩
هندستانين ۽ هندستاني شين کان واقفيت	١٨١
هندستان جي باشندن جي اسلام ۽ پيغمبر اسلامؐ سان واقفيت	١٨١

مضمون	صفحو
سرنديپ جو وفد	١٨٣
هندستاني راجا جو تحفو	١٨٦
سرباتڪ راجا قنوج ۽ رتن	
هندي جي حقيقت	١٨٩
نبي ﷺ جن جي زماني ۾ هندستاني شين جو استعمال	١٩٣
لغوي ۽ لساني توارد	١٩٣
ڪافور، مشڪ ۽ سُنڊ جو قرآن ۾ بيان	١٩٥
حديث ۾ هندستاني شين جو بيان	١٩٦
مشڪ	١٩٧
عود ۽ ڪافور	٢٠٢
لونگ، مشڪ ۽ عود جو هار	٢٠٣
سُنڊ	٢٠٤
ڪست هندي	٢٠٥
ساڳوان	٢٠٨
هندستان جا نيزا	٢١٢
هندي تلوار	٢١٢
سنڌي ڪپڙا	٢١٣
ڪرتو	٢١٤
سنڌي ڪڪڙ	٢١٥

مضمون	صفحو
هندي طرز جا وار ڪترائڻ	٢١٦
لفظ بابو	٢١٦
هندستاني جن شين کان منع ڪئي وئي آهي	٢١٧
نرد يعني چوسر	٢١٧
شطرنج	٢١٨
گوهڻ	٢١٩
ستارن کان بارش جو عقيدو	٢٢٠
اسلام ۽ مسلمانن جو هندستان ۾ اچڻ	٢٢١
نبي ﷺ جن جي زماني ۾ سامونڊي سفر	٢٢١
نبي ﷺ جي زماني ۾ اسلام جي دعوت جون ٻه روايتون	٢٢٤
وصال نبوي ﷺ جن جي چوٿين سال	
هندستان ۾ صحابي سڳورن جو اچڻ	٢٢٧
سنه ١٥ هه ۾ ٿاڻه، ڀڙوچ ۽ ديبل تي حملو	٢٢٨
عام تاريخن ۾ انهن حملن جي بيان	
نه ڪرڻ جو سبب	٢٣١
حضرت عثمان بن ابوالعاص ثقفي رض	٢٣٣
حضرت حڪم بن ابي العاص ثقفي رض	٢٣٥
حضرت مغيره بن ابي العاص رض	٢٣٥
حضرت حفص بن ابي العاص رض	٢٣٥
خلافت راشده ۾ هندستان سان	
تعلقات	٢٣٥

پنهنجي طرفان

هيءَ خوشيءَ جي ڳالهه ته حضرت مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري جي مشهور آفاق ڪتاب : ١- عرب وهند عهد رسالت صلى الله عليه وسلم مين

٢- خلافت راشده اور هندوستان

٣- خلافت امويه اور هندوستان

٤- خلافت عباسيه اور هندوستان

٥- هندوستان مين عربون کی حکومتين

تنظيم فڪر ونظر جي هيٺ شايع ٿي رهيا آهن. تنظيم هن کان اڳ ۾ به علم ۽ ادب جا اعلىٰ معياري ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن. پر هي ڪتاب شايع ڪري تنظيم کي هڪ وڏو علمي اعزاز حاصل ٿي رهيو آهي. حضرت مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري جي عالمانه حيثيت نه صرف برصغير پاڪ وهند ۾ مڃيل آهي بلڪ سندس تصنيفون مثلاً "رجال السند و الهند" جي ڪري ان جي علميت جو سڪو عالم اسلام ۾ به هلي ٿو. عالم عرب ۾ به سندس ذات جاتل سڃاتل آهي ۽ علم وارن ۽ عرب وعجم جي دانشورن کان سندس زبردست خراج تحسين حاصل ڪيو آهي.

هن ڏنل ڪتاب ۾ تاريخ اسلام جي اهڙي موضوع تي قلم کنيو ويو آهي جنهن جو حق شايد پهريائين ايترو جامع بليغ ۽ محققانه معياري ٿي ڪنهن ادا ڪيو آهي. حضور اڪرم ﷺ کان وٺي عباسي دور تائين عرب ۽ سنڌ وهند جا تعلقات، وارداتون، محدثين، مفسرين ، فقهاء ڪرام ۽ علماء دين جا تفصيلي احوال ۽ خدمتن تي اهڙي جامع معلومات هن کان اڳ پهريائين ڪٿي نظر نه آئي. هي قدرت خداوندي جي مرضي آهي ته ڪو ڪم ڪنهن قدر ۽ ڪنهن کان ورتو وڃي. هي موضوع ايترو ڏکيو ۽ محنت طلب هيو جو مولانا مبارڪپوري جوئي حصو آهي جنهن ان جو حق ادا ڪيو. تاريخ سنڌ ۽ هند جي هن اهم موضوع تي جامع معلومات نه هجڻ ڪري هڪ عرصي کان ڪمي محسوس ڪئي ويندي هئي ۽ جڏهن به هن حوالي سان ڪا

ڳالهه ٿيندي هئي ته ياته هن موضوع تي موجود ناڪافي مواد ڏانهن ڌيان ڏيندو هو ۽ اوري
انتڪلن جا گهوڙا ڊوڙايا ويندا هئا. پر ڀلو ٿئي جو مولانا اطهر مبارڪپوري جي عظيم محنت
۽ مشقت جي جو سندن سالن ڪان سوين ڪتاب، حديثون، تاريخون، سيرت، فقه ۽ مغازي
جو مطالعو ڪري هڪ اهڙي قيمتي شيءِ ڏرتي تي ظاهر ڪئي جو ديناسندس احسان جي
هيٺ رهندي. لاريب انهن جنهن گهرائي، محبت محنت سان فلسفه تاريخ جو هڪ روشن
باب جو اضافو ڪيو ان جي عظمت ۽ شوڪت کي لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي. انهن
تاريخ اسلام جي هن باب تي ڪتابن جي دنيا ۾ موجود حاصل ٿيل معلومات کي جمع ڪري
۽ مصدر جو حوالو ۽ متن ڏيئي ڪري نه صرف هن موضوع تي ڪمي کي دور ڪيو بلڪ آئنده
لاءِ محققن ۽ مؤرخين لاءِ نوان رستا کولي ڇڏيا ۽ ڪوشش ڪونهي جو مولانا مبارڪپوري
هي ڪتاب تحرير ۾ آڻي جيڪو بنياد رکي، ان تي مستقبل ۾ عظيم الشان جڳهه تعمير ڪري
سگهجي ٿي.

حضرت مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري جو سندس عظيم خدمتن جي ڪري پاڪستان
جي علمي حلقن ۾ تعارف پهرياڻن موجود هو ۽ سنڌ وارن سان خاص محبت ۽ تعلق ان ڪري
آهي جو سندس تصنيفن ۾ سنڌ جي تاريخ جي اهم ۽ انمول معلومات ملي ٿي ان ڪري اسان
سنڌ جي محسن جي حيثيت سان پهنجي دل ۾ جڳهه ڏيون ٿا. عجيب اتفاق آهي جو سنڌ
سان ايتري محبت ۽ چاهت هوندي به سنڌ نه اچي سگهيا. هي اعزاز به تنظيم فڪرو نظر
جي حصي ۾ لکيل هيو جو تنظيم جي هيٺ ٿيل منعقد "عالمي سنڌي ادبي ميلو" ١١ - ١٢
مارچ ١٩٨٤ع جي موقعي تي تنظيم جي ئي سڏ تي هي تاريخي شخصيت پاڪستان آئي ۽
سندس ڏسي ڪري اکين ۾ خوشي محسوس ٿي ته اها هستي جنهن زندگي ڀر سنڌ ۽ سنڌ
جي عالمن تي لکيو آخرڪار سندس اکين سان هن ڌرتي کي ڏسي به ورتو. مولانا پاڪستان
جي اچڻ تي پنهنجي خوشي ۽ شڪريه جو اظهار ڪيو ته سندس دعوت ۽ خلوص جي
ڪري هو سنڌ آيا بعد ۾ انهن ديبل، ٺٽو، اروڙ، نوابشاهه، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد
جو به دورو ڪيو ۽ هر جڳهه هن ڳالهه جو ذڪر ڪندا رهيا ته اها ئي اها زمين آهي جنهن کي
قدرت "باب الاسلام" جو هميشه لاءِ شرف بخشيو جنهن جي هنج ۾ محدثين، مفسرين

۽ مؤرخين ۽ دين جي بزرگن ۽ اولياءِ ڪرام اسلام جي دين جي ايتري خدمت ڪئي جو هي روشني جنوبي ايشيا ۽ مشرق بعيد تائين پکڙجي وئي. سنڌ جو هي ارشاد سچو ۽ برحق پر حقيقت هي آهي ته تاريخ سنڌ جي گم ٿيل هيون، ان کي مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري نئين تلاش ڪيو ۽ هي لافاني خدمت جيڪا هڪ عمر جي محنت ڪيل آهي سا اوهان جي هٿن ۾ آهي.

آءٌ حضرت مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جو سندن بي پناهه جذبي، مشقت، محبت ۽ علمي فراخدلي جو ثبوت ڏيئي ڪري تنظيم فڪر ونظر سنڌ کي پنهنجن ڪتابن ڇپرائڻ جي اجازت ڏني.

آءٌ جناب حفيظ الرحمٰن جو ٿورائتو آهيان ته جنهن ڏينهن رات هڪ ڪري هن ڪتاب کي ڇپرائڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏنو.

جيئن ته هنن اهلهه ڪتابن ۾ سنڌ جي تاريخ جو نهايت قيمتي ۽ اڻ لڀ مواد موجود آهي، تنهنڪري تنظيم فڪر ونظر سنڌ مولانا صاحب جي انهن مڙني ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو آهي. محترم جناب پروفيسر عبدالحي موريائي جن ڪافي عرصي کي علم وادب جي خدمت ڪري رهيا آهن. هن قابل قدر ڪتاب جو صاحب موصوف نهايت سليس ۽ آسان ترجمو ڪيو آهي، اميد ته سندن محنت کي اهلِ علم ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

پروفيسر اسدالله ڀٽو

صدر تنظيم فڪر ونظر سنڌ

١٥ـ صفر ٨ . ١٤هه ـ ٨ آڪٽوبر ١٩٨٧ع

پيش لفظ

ڪافي عرصي کان خواهش هئي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جي مشن جو
شروع کان وٺي اڄ تائين سنڌ وارن سان جيڪو ربط وضبط اسلام سان رهيو آهي —
تنهن جي هڪ مختصر پر جامع تاريخ دنيا جي سامهون اچي. هونءَ ته پراڻن ڪتابن ۾
به هي لفظ پڙهيا سنڌ ۽ هند جا عالم پر ايترو اعتراف ته سنڌ جا عالم سڀني سنڌ جي
عالمن جي برابر ۽ انهن کان اڳتي آهن. سنڌ وارن جي ڪارنامن جو ثبوت
دعويٰ جي لاءِ ڪافي نه هو. الله تعاليٰ جو هي ڪرم سنڌ وارن تي جناب قاضي اطهر
مبارڪپوري جي ذريعي ٿيو ته انهن خصوصًا هن موضوع تي چار ڪتاب
تصنيف ڪيا ۽ هن ڳالھ جي اجازت ڏنائون ته انهن کي پاڪستان ۾ ڇاپي سنڌ
ان جي طرفان پاڪستان وارن جي لاءِ هڪ تحفو سمجھيو وڃي.

○ تنظيم فڪر ونظر کي الله تعاليٰ جي طرفان هي توفيق نصيب ٿي انهن ڪتابن
کي ڇپرائي پڙهندڙن جي سامهون پيش ڪيو وڃي.

○ اڄ ٽي سال ٿي چڪا آهن جو قاضي اطهر مبارڪپوري جن تنظيم فڪر
ونظر جي عظيم الشان جلسه ۾ آيا ۽ پاڪستان وارن کي هي تحفو ڏنو. ان کان
پوءِ سندس تقريبًا هر سال مختلف علمي محفلن ۾ شامل ٿيا هن ڳالھ جو
هميشه دل ۾ ڪتڪو رهيو ته اسان پاڪستان وارن سندس هن عظيم تحفي جو
قدر نه ڪري سگهيا آهيون. الحمد لله اڄ تنظيم پنهنجي دعويٰ جي وفا ۽ رب
ڪريم جي شڪر سان گڏ پنهنجي پيءُ ڏاڏن جي ڪارنامن جو هي سرمايو پاڪستان وارن
کي پيش ڪري رهي آهي. اسلام جي خدمت ۽ انهيءَ حوالي سان پاڪستان جي محبت
۾ سنڌ وارا نه پهريائين ڪنهن کان پٺتي هيا ۽ نه ٿي اڄ.

رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

خالد ايم اسحاق ۲۵-مارچ ۱۹۸٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

پيش لفظ

”عرب ۽ هند عهد رسالت ۾“ ندوة المصنفين طرفان شايع ٿيڻ ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ”معارف“ رسالي ۾ هن جي ڪجهه بابن کي پڙهڻ جو موقعو مليو هو ۽ ان وقت کان خيال هو ته اهڙي معلوماتي ۽ سهڻي ڪتاب جي ڇپائي هن اداري کان ٿيڻ گهرجي. شڪر آهي جو ان جو وقت اچي ويو. لائق مصنف مقالن تي نه صرف گهوڙهي نظرثاني ڪئي آهي پر ڪيترن اهم بابن جو اضافو به ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب پنهنجي موضوع جي لحاظ کان ناياب معلومات جو خزانو ٿي ويو آهي. عرب ۽ هند جي تعلقات تي مرحوم مولانا سيد سليمان صاحب ندوي جو ڪتاب مشهور آهي ۽ ان کي پڙهي عرب ۽ هند جي عام رابطن ۽ تعلقات جو بهترين نقشو سامهون اچي ٿو. پر هن ڪتاب جو موضوع انوکو آهي ۽ هن ۾ خاص ”نبوت جي زماني“ جا عرب ۽ هند تعلقات بيان ڪيا ويا آهن. ڪتاب انن بابن تي ورتل آهي. آخرين ٽي باب (١) پيغمبر اسلام ۽ هندستاني باشندا (٢) عهد رسالت ۾ هندستاني شين جو استعمال (٣) اسلام ۽ مسلمانن جو هندستان ۾ اچڻ، خاص ڪري پڙهڻ وٽان آهن. پين خاصيتن کان سواءِ ڪتاب جي سڀ کان اهم خاصيت، بيشمار عربي عبارتون آهن، جن کي معتبر ۽ مستند حوالن کان ورتو ويو آهي، وري انهن عبارتن جو نهايت سولو ۽ سهڻو ترجمو ڪيو ويو آهي. فاضل مصنف عربي زبان جو بهترين اديب آهي ۽ ان جو اهو ذوق طبيعي آهي ۽ فطري به. ان ڪري

قدرتي طرح ڪيترن پيچيدن ۽ اجنبي عبارتن جو ترجمو نهايت صاف ۽
بي تڪلف ڪيو آهي.

لفظ "بابو" جي تحقيق ڪندي لکن ٿا ته:

"عرب ۾ "بابوس" اُٺڙي جي ٻچي کي چيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح
ان جو استعمال پينگهي ۾ ڪير پياڪ انسان جي ٻچي لاءِ هوندو هو."

تقريبًا ان ئي معنىٰ ۾ هندستان ۾ ننڍي ٻار لاءِ "بابو" جو لفظ
چيو وڃي ٿو. بابو ۽ بابوس ۾ صرف پڇاڙي ۾ "س" جو واڌارو آهي، اهڙي
طرح عرب ۾ ٻار پيءُ کي ۽ پيءُ ٻار کي بابا چوي ٿو. لسان العرب ۾ آهي ته:

وقالوا يأبأ الصبى ابوه اذا قال له بابًا و بأبأ الصبى اذا قال له بابا.

لغت جي عالمن جو چوڻ آهي ته جڏهن پيءُ پنهنجي ٻار کي بابا چوي ٿو يا ٻار پنهنجي پيءُ کي بابا چوي ٿو ته يأبأ جو صيغو استعمال ٿيندو آهي.

هندستان ۽ عرب ۾ اهو گڏيل لفظ ٿوري مقامي اثر ۽ فرق سان
حديث ۾ به آيو آهي، بخاري ۾ حديث جُريج راهب ۾ آهي ته:

فمسح رأس الصبى وقال له يا بابوس من ابوك فقال راعى الغنم.

جريج راهب ٻار جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ چيو اي بابو تنهنجو پيءُ ڪير آهي؟ ان چيو ٻڪرار.

اميد آهي ته هي قابل قدر ڪتاب گهڻو مشهور ٿيندو ۽ ان جي
پڙهڻ سان وقت جي هڪ اهم ۽ دلچسپ "قومي ٻولي جي مسئلي" جي حقيقي
مقصد کي به تقويت ملندي.

فقط

عتيق الرحمان عثماني
ندوة المصنفين جامع مسجد دهلي

٢٥- شعبان المعظم ١٣٨٤ھ
مطابق ٣٠- ڊسمبر ١٩٦٤ع

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نحمدهٗ ونصلّي علىٰ رسوله الكريم

"رجال السند والهند" جي تاليف ۽ تدوين جي سلسلي ۾ هندستان ۽ عرب جي شروعاتي اسلامي تاريخ جي باري ۾ ڪيتريون مفيد ۽ اهم ڳالهيون سامهون آيون، انهن ۾ "عرب ۽ هند عهد رسالت ۾" جو موضوع ب هو. پر الحمدلله جڏهن حديث، سيرت، تاريخ ۽ رجال جي ڪتابن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي ته هن موضوع تي اُميد کان وڌيڪ ڪاميابي نظر آئي ۽ عجيب ۽ غريب انڪشاف سامهون آيا ۽ سيرت نبوي صلى الله عليه وسلم تي بهترين حاشيو تيار ٿي ويو.

ڪجهه بحثن ۽ عبارتن جو تڪرار اهل علم لاءِ بار ٿي سگهي ٿو، پر ڇا ڪجي، ان رنگ برنگ مٺائي جي دڪان جو ڪل سرمايو چند ڳڙ داڻيون آهن، جن کي مختلف رنگن ۽ شڪلين ۾ بنايو ويو آهي. عربي عبارتن جي گهٽائي ۽ ان جو صاف ترجمو به وڏي احتياط ۽ احساس ذميداري جي ڪري آهي. هن ڪتاب جو مقصد سيرت نبوي صلى الله عليه وسلم جي ان سنهري باب کي اجاگر ڪرڻ آهي، جنهن جو تعلق اسان جي ملڪ هندستان سان رهيو آهي.

هن جي شروعات رمضان ١٣٨٠ھ (مارچ ١٩٦٢ع) ۾ ٿي هئي. ان وقت هن جا ڪجهه حصا "معارف رسالي" اعظم ڳڙهه ۾ شايع ٿيندا رهيا جنهن کي هند و پاڪ جي علمي حلقن ۾ قدر جي نگاهن سان ڏٺو ويو. ڪيترن ٻين رسالن هن کي نقل ڪيو، ۽ ٻين ڪيترن زبانن ۾ هن جا ترجما ڪيا ويا ۽ هاڻي الله جي

فضل وڪرم سان هن ڪي ڪتابي شڪل ۾ ڇپائڻ جو وارو اچي رهيو آهي. هي ڳالهه وڏي خوشي جي آهي ته هندستان ۾ مسلمانن جي ٻنهي علمي ۽ تحقيقي ادارن دارالمصنفين اعظم ڳڙهه ۽ ندوة المصنفين دهلي هن ڪي سٺين نگاهن سان ڏٺو. هڪ شروعات ۾ هن جا حصا ڇپيا ۽ پوءِ پورو ڪتاب ڇپايو. الله تعالیٰ جي توفيق سان جڏهن انهن ٻنهي ادارن جي تائيد ڪي سوچيان ٿو ته الله تعالیٰ جي شڪر سان گڏ، انهن جي شڪر ۾ به زبان بي اختيار ڪلي وڃي ٿي. محترم مولانا عتيق الرحمان صاحب ناظم ندوة المصنفين جي علمي قدرداني ڪتاب کي اعلیٰ معيار تي ڇپائي، جيڪا عزت ڏني آهي اُها ان جي محبت ۽ شفقت جو نتيجو آهي، جيڪا شروع کان مون سان گڏ رهي آهي، جنهن تي مان هميشه مطمئن ۽ شڪرگذار رهيس.

غرة ربيع الثاني ١٣٨٤ھ	قاضي اطهر مبارڪپوري
١٠- آگسٽ ٦٤ ١٩ع	بمبئي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

عرب ۽ هند نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ جن جي زماني ۾

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي بعثت وقت عرب جي آس پاس پرڏيهين جي ڪافي آبادي هئي ۽ جڏهن اسلام جي دعوت جزيرة العرب ۾ پکڙي ته عربن وانگر اتي آباد ٻين قومن کي به ان سان واسطو پيو ۔ ۽ عربن وانگر علم طرح سان اهي به مسلمان ٿي ويون يا انهن مان ڪيترن ماڻهن "جزيه" ڏئي پنهنجي دين تي قائم رهڻ پسند ڪيو.

ڏکڻ اولهه ۾ "شام" جي پرو ارو عرب علائقو رومين جي قبضي ۾ هو ۽ اتي رومين جي طرفان عرب حڪمران هئا.

جهڙي طرح شام جي غسانيه ۽ "جهره" جي منازره ۔ ڏکڻ اوبر ۾ عراق تي ايراني بادشاهن جو قبضو هو. جن جو مرڪز "اُبله" هو ۽ پوري عربي خليج جي ساحل "بحرين" ۽ "عمان" تي انهن جا ماتحت عرب حڪمران (اساوره) حڪومت ڪندا هئا، اهو سلسلو "يمن" تائين قائم هو ۽ اوبر ڏکڻ عرب جو سمورو ساحلي علائقو ايرانين جي قبضي ۾ هو. وري يمن کان اولهه جي علائقن ۾ حبشه ۽ زنج گهٽي تعداد ۾ موجود هئا. رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي ننڍپڻ جي زماني ۾ يمن جي عرب حڪمران "سيف بن ذي يزن" کي حبشه جي بادشاه ڪاهه ڪري پوري يمن تي قبضو ڪيو هو، پر ٿوري عرصي کان پوءِ اتي ايرانين جو قبضو ٿي ويو جيڪو نبي صلى الله عليه وسلم جن جي بعثت جي وقت تائين قائم رهيو ۔ مطلب ته عرب جي انهن حدن تي غير ملڪي قابض هئا. ۽ انهن جا

ماڻهو يا نمائندا حڪمراني ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح نبي صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت وقت "عرب" ۾ رومي، ايراني، حبشيءَ هندي پنهنجي پنهنجي اثر ۽ اقتدار سان موجود هئا.

جيتوڻيڪ هندستان جون قومون عرب ۾ سڌيءَ طرح پنهنجو اثر ۽ اقتدار نه رکنديون هيون پر ڪيترن سببن ڪان انهن جي حيثيت بلند هئي، جنهن ۾ وڏو دخل ايرانين جو عرب تي قبضي جو هو. ايراني هڪ طرف هندستان ۽ سنڌ بلوچستان جي راجائن مهاراجائن ۽ اُتان جي ماڻهن کي پنهنجي اثر ۽ اقتدار ۾ رکندا هئا ته ٻئي طرف عرب جي ساحلي علائقن ۾ عراق کان يمن تائين بادشاهي طاقت رکندا هئا. اهڙيءَ طرح هندستانين کي عرب جي انهن حدن ۾ ايرانين جي وسيلي اقتدار نصيب ٿيو ۽ ايران جي فوج اساوره ۾ هندستان جا ڪيترا ماڻهو شامل ٿي ڪري عرب ۾ رهڻ لڳا. هندستان ۽ عرب جي پراڻن واپاري تعلقات کان پوءِ ايران جي ذريعي ان حاڪمانه تعلق انهن ۾ عرب سان وڏيڪ دلچسپي پيدا ڪئي ۽ هتان جي ماڻهن هندستاني شين جو واپار، عرب جي جهازن ۽ ٻيڙين تي نوڪري، عرب ۾ آباد ٿي ڪري اتي رهائش اختيار ڪرڻ ۾ وڏي ڪري حصو وٺڻ شروع ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ عرب ۾ هندستانين جون مختلف قومون ۽ جماعتون (قبيلا) رهڻ لڳا ۽ انهن کي عرب جا باشندا پنهنجي زبان ۾ جدا جدا نالن سان ياد ڪندا هئا، اهڙيءَ طرح عربن پنهنجي ملڪ ۾ آباد هندستانين کي "زط"، "اساوره"، "سيابجه"، "احامره"، "ميد"، "بياسره" ۽ "تڪاڪره" وغيره جي نالن سان ياد ڪيو، ڪنهن ملڪ جي ماڻهن کي ايترن گهڻن نالن ۽ لقبن سان ياد ڪرڻ ان جو چٽو دليل آهي ته اتي انهن جو تعداد گهڻو هو ۽ اُهي هر طرف مشهور هئا. جيئن ته عربن ۽ هندستانين ۾ وڏي حد تائين مذهبي هم آهنگي هئي ان ڪري سولائيءَ سان اُهي عربن جي زندگيءَ ۾ رلي ملي ويا.

انهن حالتن ۾ مڪي پاڪ ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت
ٿي. جيئن ته تيرهن سالن تائين مڪي زندگي مقامي ڪافرن ۽ مشرڪن جي ڪري
مظلوميت ۾ گذري ان ڪري عرب جي ڏورانهن حدن جي ماڻهن کي اسلام کان
گهٽ واقفيت ٿي ۽ انهن جي عربن وانگر هندستان به اسلام کان تفصيلي طرح
واقف نه ٿي سگهيا. پر مڪي زندگيءَ ۾ حبشه ڏانهن صحابه رضي الله عنهم جيڪا
هجرت ڪئي. ان کان حبشه ۽ پر وارن ماڻهن کي اسلام جي واقفيت ٿي. مطلب ته
ان سلسلي ۾ حبشه جي سامهون ساحل جي، عربي ۽ عجمي باشندن کي اسلام
جي باري ۾ تفصيلي معلومات حاصل ٿي هوندي. اهڙيءَ طرح حضرت ”باذان“
يمن جي حاڪم شروعات ۾ ئي اسلام تي ايمان آندو ۽ ان سان يمن ۾ رهاڪو
ڪيترا اساوره ۽ ايراني نسل شخص به مسلمان ٿيا. ان جي باوجود به دعوت
۽ تبليغ جي طور تي انهن علائقن ۾ اسلام جي تفصيلي معلومات نه ٿي.
ان جو موقعو ان وقت آيو جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن بعثت جي
تيرهين سال مڪو پاڪ ڇڏي مديني منوره ڏانهن هجرت ڪئي، هجرت جي
واقعي نه صرف اسلام ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جن جي متعلق
ڏورانهن حدن تائين تفصيلي واقفيت لاءِ راهه پيدا ڪئي پر پروارن انهن
ملڪن ۾ به ان جي خبر پهتي جيڪي عرب جي پرسان هئا ۽ انهن ملڪن سان
عرب جا پراڻا تعلقات هئا، جهڙي طرح بين ملڪن ۾ اهي خبرون پهتيون،
هندستان ۾ به انهن کي ٻڌو ويو ۽ دلچسپي ظاهر ڪئي وئي.

جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ٦ ۽ ٧ هجري جي
وچ عرب ۾ اسلام جي دعوت ڏني ۽ صحابه ڪرام جي هڪ جماعت کي اسلام
جو مبلغ، داعي ۽ قاصد ڪري عرب ۽ ٻاهرين ملڪن جي رئيسن، حاڪمن ۽
باحيثيت ماڻهن کي خط موڪليا ته ان وقت عراق کان وٺي اوڀارين ساحل ۽
يمن تائين اسلام جي دعوت پهتي، انهن علائقن جي عربن وانگر عجم،
فرس ۽ مجوسي وغيره به اسلام کان واقف ٿيا. انهن سان گڏ ئي هستان جا

هندستاني باشندا به عام طرح اسلام کان بيخبر ٿي ي ا ته مسلمان ٿيا ۽ اسلامي زندگي جو حصو ٿي ويا يا عام مجوسين وانگر اهي ماڻهو به پنهنجي اباڻي مذهب تي قائم رهي ڪري جزيه ادا ڪرڻ تي راضي ٿي ويا ۽ انهن کي مجوسين ۾ شمار ڪيو ويو.

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ جهڙيءَ طرح اسلام کان واقفيت ٻين ملڪن ۾ ٿي، هندستان ۾ به ٿي ۽ هتان جي مذهبي ماڻهن ۽ راجائن اسلام ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم سان سڌيءَ طرح تعلق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسلامي دعوت کي سمجهڻ ٿي چاهيو. خود نبي صلي الله عليه وسلم جن هندستان ۽ اتان جي ماڻهن جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون. قرآن مجيد ۾ به هندستاني شين جا نالا آيا ۽ انهن جو بيان ڪيو ويو. حديث ۾ به هندستان جي باشندن ۽ اتان جي شين جو ذڪر ڪيو ويو. هتان جي ڪيترن سٺين شين کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن استعمال جو حڪم ڏنو ۽ ڪيترن خراب ڳالهين کان منع فرمائي. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني جي اسلامي ادبيات ۾ هندستان جي قومن، هتان جي شين ۽ ان ملڪ جي ڳالهين جو ذڪر آيو. قرآن ۽ حديث کانسواءِ صحابه ڪرام جي شعرن ۾ به ان جو ذڪر ڪيو ويو.

ڪوپري ڪان ڪارڪ تائين

اسان اڳتي جيڪو ڪجهه بيان ڪرڻ گهرون ٿا، ان لاءِ ضروري آهي ته شروعات ۾ عرب ۽ هند جي وچ ۾ آمدرفت جي پراڻي خشڪي ۽ پاڻي جي رستن ۽ جاين جي سڃاڻپ ڪريون، ڇو ته انهن رستن تي هلي ذهن جو سياح ٻنهي ملڪن جو سير ڪري سگهي ٿو.

سنڌ ۽ هندستان عربن جي نظر ۾ : "سنڌ ۽ هند" عربن جي نظر ۾ ٻه جدا جدا ملڪ هئا. جيڪو انهن جي اوڀر ۾ سمنڊ پار هو. سنڌ جو ملڪ هندستان ڪرمان ۽ سجستان وغيره جي حدن سان گهيريل هو. ان کان بعد هندستان هو، جيڪو اوڀر ۾ چين جي حدن سان ملندو هو ۽ عرب ٻنهي ملڪن کي ملائي "هند" ٻه چوندا هئا. جهڙيءَ طرح تاريخ پاڻ کي دهرايو ۽ هڪئي ملڪ هندستان جا اهي ٻئي علائقا ڀارت ۽ "پاڪستان" جي ٻن نالن سان ياد ٿيڻ لڳا ۽ ٻنهي لاءِ جامع لفظ هندستان آهي.

پراڻو عرب جاگرافي دان "ابن خردازبه" سنڌ ۾ انهن شهرن کي شمار ڪيو آهي : قيقان (ڪيڪان قلات) بنه (بنون)، مڪران، ميد، قندهار (گندهارا) قصدار، بوقان، قندابيل، قنزبور ارمابيل، ديبل (ڪراچيءَ ويجهو) قنبلي، ڪنبايا (ڪنبائت) سهبان، سدوسان، راسڪ، الرور (الور) ساوندري، مولتان، سندان (سنجان بمبئي) مندل، بيلمان (ڀيلمان گجرات) سرست، ڪيرج، مرمد، فالي ، ياب، جوناگڙه) دهنج (گجرات) بروص (ڀڙوچ) [1]

---

[1] المسالڪ والممالڪ ص ۵۷

ياد ڪرڻ گهرجي ته انهن شهرن جي نالن ۾ ترتيب نه آهي، پر سنڌ جي
سيني شهرن جا نالا ڏنا ويا آهن. عام طرح سان انهن حدن جي باشندن کي عرب
"سنڌي" سمجهندا ۽ ڪوٺيندا هئا. "سنڌ" ايران جي بادشاهن جي اثر ۽ اقتدار
۾ ان ڪري رهندي هئي جو هتان جا راجا انهن جا فرمانبردار هوندا هئا ۽ ضرورت
وقت ايران جا بادشاه هتان فوج لاءِ ماڻهو ڀرتي ڪندا هئا. ايران جي بادشاهه
"اردشير" سنڌ جي راجائن کي پنهنجي طرفان ڪيترن لقبن سان به نوازيو هو، اهڙيءَ
طرح هن قفص شاه، مڪران شاه، قيقان شاه، قشميران شاه جي لقبن سان سنڌ
جي راجائن کي نوازيو هو. جيڪي هتي حڪمران هئا ۽ انهن جا ماتحت هئا، تن ۾
انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي حلقي ۾ ذاتي نالي جي بدران پنهنجي لقب
سان مشهور هو[1]

عربن جي ورهاست مطابق سنڌ کان پوءِ هندستان آهي، جنهن
جون حدون چين تائين هيون ۽ سنڌ ۽ "هند" جي وچ ۾ ساحل طرف "قامهل"
نالي شهر هيو. اهو شهر گهڻو ڪري بيڪانير، جيسلمير يا جوناگڙهه جي آس پاس
هو، جتي سنڌ ۽ هندستان جون سرحدون لڳنديون هيون. ياقوت حموي لکيو آهي ته:

قامهل مدينة في اول حدود	"قامهل سنڌ کان پوءِ هندستان جي حد
الهند ومن صيمور الى قامهل	سرحد ۾ آهي ۽ چيمور کان قامهل تائين
من بلد الهند ومن قامهل الى	هندستان آهي ۽ قامهل کان مڪران
مكران والبدهة وما وراء	بُڌ ۽ ملتان جي حد تائين پورو علائقو
ذالك الى حد الملتان كلها من	سنڌ ۾ شامل آهي. سنڌ جي شهر
بلاد السند . . . . . . وبين	منصوره ۽ قامهل جي وچ ۾ اٺن مرحلن
المنصورة وقامهل ثمان	(منزلن) جو پنڌ آهي ۽ قامهل کان

1ـ المسالک والممالک ص ١٨ـ

مراحل ومن قامهل الى　　　　کنبایت تائين انکل چار منزلون
کنباية نحواربع مراحل[1]　　　　پنڌ آهي".

قامهل ۽ چيمور (بمبئي) جي وچين علائقي جو مطلب گجرات آهي جنهن کي "ياقوت حموي" هندستان جو علائقو بيان ڪيو آهي ۽ ان کان اڳتي ساحلي علائقو جنهن ۾ ڪوڪن، مليبار، معبر ۽ ان کان اڳتي ڪلہ، شلاهط (سلهٹ) قمار ۽ مملڪت مهراج وغيره شامل آهن انهن کي بيان نہ ڪيو آهي.

"ابن خردازبہ" هندستان جي ساحلن ۽ پروارڻ راجائن جا ڪجھ لقب بيان ڪيا آهن جهڙوڪ: بلهراء جابہ، طافن، ملڪ جزر، غابہ، رهمي، ملڪ قامرون، ملڪ زابج (فتحب) ۽ مهراج - ايران جي بادشاه "اروشير" بہ هندستان جي راجائن کي لقبن سان نوازيو هيو. اهڙيءَ طرح هتان جي هڪ راجا کي "ريحان شاه" جو لقب ڏنو ويو.[2]

نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ عربن جو تعلق سنڌ ۽ هند جي انهن ساحلي علائقن سان هو ۽ اهي عام طرح سان انهن جاين تي ايندا رهندا هئا ۽ هتان جي شين، ماڻهن ۽ قومن کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ انهن شهرن جا رهاڪو بہ ذاتي طرح يا ٻُڌ سُڌ تي عربن کان واقف هئا.

هندستان ۽ عرب جي وچ ۾ بحري ۽ ساحلي رستا

عرب ڏکڻ ايشيا ۾ آهي. اتر ۾ شام، اوڀر ۾ فرات ۽ هندي سمنڊ جو هڪ حصو ۽ اولهہ ۾ ڳاڙهو سمنڊ آهي. "جبل سراة" جو سلسلو "ڪوه يمن" کان باديہ شام تائين پوري ملڪ کي اولهہ ۽ اوڀر حصن ۾ ورهائي ٿو. اولهائين حصي ۾ "جبل سراة" کان ڳاڙهي سمنڊ جي ساحلي علائقي کي "غور" چيو وڃي ٿو ۽ تهامہ، عيره، اوڀر عراق ۽ سماوه جي علائقن کي "نجد" چيو وڃي ٿو. غور ۽ نجد

---

[1] معجم البلدان ج ٨ ص ١٨ - مصر　[2] المسالک والممالک ص ١٦ - ١٧

جي وچ ۾ جيڪو علائقو سرحد وانگر آهي ان کي ”حجاز“ چيو ويندو هو. وري نجد، اوڀر عربي خليج يمامه، بحرين ۽ عمان جي علائقن کي ”عروض“ چيو ويندو هو ۽ حجاز کان ڏکڻ تائين علائقي کي ”يمن“ چيو ويندو هو.

عرب جا عام باشندا ٻن طبقن ۾ ورهايل هئا. هڪ ”اهل مدر“ ٻيا ”اهل دبر“. اهل مدر اُهي ماڻهو هئا جيڪي شهرن (آبادين) ۾ رهندا هئا، انهن وٽ ڪاروبار جا باغ، ميوا، رڍون، ٻڪريون، اٺ واپار ۽ ڪرت، مطلب ته گذاري جا معقول ذريعا هئا ۽ اهي پنهنجي وقت جي تمدني زندگي گذاريندا هئا. ”اهل دبر“ اهي ماڻهو هئا جيڪي بيابانن، ريگستانن ۾ بي گهر زندگي گذاريندا هئا. انهن خانه بدوش ماڻهن جو سهارو اُٺ هئا. اهي ماڻهو سارو سال پاڻيءَ جي چشمن ۽ گاهه جي تلاش ۾ رهندا هئا. گرميءَ جا ڏينهن بيابانن ۽ ريگستانن ۾ چڱيءَ طرح گذاريندا هئا پر سياري ۾ عراق ۽ شام جي سرحدن ڏانهن هليا ويندا هئا يا ٻين شهرن ڏانهن وڃي پنهنجي زندگي ڏاڍي تنگ گذاريندا هئا.[1]

هندستان جا جيڪي ماڻهو ان زماني ۾ عرب ۾ رهندا هئا، اهي عام طرح سان شهرن ۽ واهڻن ۾ رهاڪن سان رهندا هئا ۽ انهن سان واپار نوڪري يا ٻيا ڪم ڪندا هئا پر خليج عرب جي ساحل تي هندستانين جو هڪ گروهه پراڻي زماني کان خانه بدوش عربن وانگر گاهه جي تلاش ۾ گهمندي زندگي گذاريندا هئا.

عام طرح هندستان جا باشندا عرب ۾ ڏکڻ اوڀر کان اتر تائين ساحل ۽ ٻين شهرن ۾ رهندا هئا، انهن علائقن ۾ ڪيترا عرب حڪمران به هئا جيڪي ايرانين جي نائب جي حيثيت سان حڪومت ڪندا هئا. جهڙيءَ طرح اسان جي زماني ۾ به انهن علائقن ۾ ”عرب شيخ“ انگريزن جي نگراني ۾ حڪومت

---

[1] طبقات الامم ابن صاعد اندلسي ص ٥٦ - مصر

ڪندا آهن. معمولي معمولي امارتون ۽ رياستون موجود آهن.

هاڻي اسان عرب کان هندستان اچڻ وڃڻ جي ساحلي جاين جو تفصيل بيان ڪيون ٿا، ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته اڳئين زماني ۾ "عرب ۽ هند" جي وچ ۾ بحري سفر ڪهڙن رستن کان ٿيندو هو. ان سلسلي ۾ پراڻو عرب جاگرافي دان "ابن خردازبه" جي ڪتاب المسالڪ والممالڪ" جا تفصيل وڏيڪ ڪارائتا آهن. ڇوته هن پنهنجي جاگرافي پراڻي معلومات جي بنياد تي لکيو آهي ۽ وڌيڪ اعتماد "بطليموس" جي بيان تي ڪيو آهي جيڪو يونان جو مشهور جاگرافي دان ٿي گذريو آهي. "ابن خردازبه" پنهنجي ڪتاب جي مقدمه ۾ ١٥ ڪي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"بصره (قديم ابله) کان اوڀر ڏانهن فارس، هندستان ۽ چين تائين بحري رستن جو تفصيل هن ريت آهي: بصره کان جزيره فارس پنجاه فرسخ، هي پيٽ هڪ فرسخ ڊگهو ويڪرو آهي. هتي انگور ۽ ڪارڪن جا باغ آهن ۽ پوک ٿيندي آهي. هتان کان "جزيره لاوان" اسي فرسخ آهي، هي ٻن فرسخ جي ڊيگهه ويڪر ۾ آباد آهي، هتي زمينون ۽ ڪجين جا باغ آهن، "جزيره فين" ست فرسخ آهي. هي پيٽ صرف اڌ ميل جو آهي ۽ غيرآباد آهي، هتان کان "جزيره ڪيس" ٻه ست فرسخ آهي هي ڇئن فرسخ ۾ آباد آهي، جتي کيتي ٻاڙي، ڪجون ۽ ڍورن کانسواءِ موتي به ڪڍيا وڃن ٿا هتان کان "جزيره ابن ڪاوان" ارڙهين فرسخ آهي، هي ٽن فرسخ ۾ آباد آهي. هتان کان ارموز (هرموز) ست فرسخ آهي ۽ وري "ٿارا" ستن ڏينهن جي پنڌ تي آهي.

هتان بصره کان فارس ۽ سنڌ جي وچين حد آهي ۽ هتان کان ديبل شهر (موجوده ڪراچي جي آس پاس) اٺن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هتان کان مهراڻ (سنڌ درياءِ) ٻن فرسخ تي سمند ۾ پوي ٿو ۽ مهراڻ کان "اوتڪين" ڇئن ڏينهن جي

مسافري تي آهي. هي هندستان جو پهريون علائقو آهي، جتان کان "ميد" ٻن فرسخ تي آهي. ميد کان "ڪولي" ٻه فرسخ آهي. وري "سندان" (سنجان بمبئي) ارڙهن فرسخ تي آهي، وري مالي (مليبار) پندرهن ڏينهن جي مسافري تي آهي، ان کان بعد "بلين" ٻن ڏينهن جي مسافري تي آهي ۽ هتان کان "لجه" ، "عظما" ٻه ٻن ڏينهن جي مسافري تي آهي.

"بلين" کان سمنڊ ۾ ڪيترا رستا جدا ٿي وڃن ٿا، جيڪو شخص ساحل سان هلي ته ان لاءِ بلين کان با ٿن ٻن ڏينهن جي مسافري آهي. اتان کان "سجلي" ۽ "ڪبشڪان" هڪ ڏينهن جي مسافري تي آهي ۽ اتان کان "ڪودا فريد گوداوري" جي چوٿي تي فرسخ آهي، وري "اورنشين" ٻارهان فرسخ آهي، ۽ اتان کان "ابينه" چئن ڏينهن جي مسافري تي آهي.

جيڪو شخص "بلين" کان "سرنديپ" وڃڻ گهري ته ان لاءِ هڪ ڏينهن جي مسافري آهي، سرنديپ کان پوءِ "جزيره رامي" اچي ٿو ۽ جيڪو شخص بلين کان "چين" وڃڻ گهري اهو بلين کان ٿيندو سرنديپ جي ڪبي پاسي وڃي، سرنديپ کان "جزيره النڪبالوس" ڏهن کان پندرهن ڏينهن جي مسافري تي آهي، ان جي ڪبي پاسي "جزيره جابه" ، "شلاهط ۽ "هرلج" ٻن ٻن فرسخ تي آهن. ان کان پوءِ پندرهن ڏينهن جي مسافري تي "عطر" پيدا ٿيڻ جي جاءِ آهي[1].

اوله کان اوڀر اچڻ جو هي بحري رستو بصره (ابله) کان نڪري فارس جي ساحلي ڄڻن کان ٿيندو هندستان ۾ پوي ٿو. هندستان جا ماڻهو پراڻي زماني ۾ انهيءَ رستي سان عام طرح بصره تائين ايندا ويندا هئا. مطلب ته عرب واپاري ئي انهن رستن کان ٿيندا هندستان ۽ چين جو سفر ڪندا هئا.

عمان کان وٺي بصره تائين ساحلي علائقو خليج عرب. (خليج

---

[1] المسالڪ والممالڪ ص ٦١ کان ٦٦

فارس) ۾ تي آهي. جيڪڏهن ان خليج سان بصره کان اوڀر طرف هلون ته سڄي
ڪناري تي عرب آهي ۽ ٻئي ڪناري تي فارس آهي جيڪو اوڀر ۾ عرب جي
علائقي عمان ۽ فارس جي علائقي "بندر عباس" تائين وڃي ٿو. ابن خرداذبه
جي بيان مطابق ان خليج جي ويڪر ستر فرسخ آهي ۽ اونهائي ستر وال (ٻاغ)
کان اسي والن تائين آهي ۽ بصره کان عمان تائين بحري رستو هن طرح آهي:
بصره کان "عبادان" تائين "دجله دريا" کان ٿيندي ٻارهن فرسخ آهي. هتان کان
"خشبات" ٻه فرسخ آهي. خشبات کان بحرين ستر فرسخ آهي، هي "شط العرب"
جو علائقو آهي. "دردور" هڪ سؤ پنجاه فرسخ آهي ۽ هتان کان عمان پنجاه
فرسخ آهي، عمان کان "شحر" ٻه سو فرسخ آهي ۽ شحر کان "عدن" هڪ سؤ فرسخ
آهي، عدن هڪ عظيم الشان بندرگاه آهي، هتي نه پوک آهي نه ڍور (ٻڪريون،
رڍون) آهن، پر "عنبر"، "عود"، "مشڪ" ۽ سنڌ، هندستان، چين، زنج، حبشه
فارس، بصره، جره، قلزم جو تجارتي سامان گهڻي انداز ۾ ملي ٿو[1]
هي ته بصره کان عمان ۽ ان کان اڳتي ساحلي جاين جي
سامونڊي رستن جو تفصيل هو آهي. ابن خرداذبه "بصره کان عمان تائين
ساحل ۽ خشڪي رستي جو تفصيل هن طرح بيان ڪيو آهي:
بصره، عبادان، حدوثه، عرفجاء، رابوقه المقر، عصلي، معرس،
خليجه، حسان، القري، مسيلحه، حمض، ساحل، حمر، عقيق، قطر، السنجه
عمان، عمان ۾ هي حصار ۽ "دبا" شهر آهن[2]

ساحل عرب جا پراڻا بحري ۽ بري رستا: عرب ۽ هندستان جي
پراڻن تعلقات کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان پهرين عرب جي پراڻن ساحلي
حدن ۽ ان جي مسافري کي سمجهي سگهون، ته جيئن ذهن ۾ انهن جو چٽو

---

[1] المسالك والممالك ص ٦٠-٦١ ـ [2] المسالك والممالك ص ٦٠

نقشو ويهجي وڃي. اسان انڪي پراڻي جاگرافي دان ”ابو اسحاق ابراهيم بن محمد فارسي اصطخري“ جي ڪتاب ”مسالڪ الممالڪ“ ڪي خلاصي طور پيش ڪريون ٿا:

عرب بحر فارس (بحرعرب) سان اهڙي طرح وڪوڙيل آهي، جو ”عبادان“ ڪان ”بحرين“ ٿيندو ”عمان“ تائين وڃي لڳو آهي. وري ساحل مهره ”حضرموت“ ۽ ”عدن“ ڪان ڦرندو ساحل يمن ڪان ”جده“ تائين پهتو آهي. وري ”جار“ تي ڦري ڪري ”ايله“ پهتو آهي. جتان بحر فارس (بحرعرب) جي عرب ملڪ جي حد ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هتان ڪان سمنڊ جي جيڪا پٽي شروع ٿئي ٿي ان کي بحر قلزم (بحراحمر) چيو وڃي ٿو. جيڪا ”تاران“ ۽ ”جبيلات“ تائين وڃي ٿي، اهو پورو علائقو عرب ملڪ جو اوپر ذڪر ڪيل ۽ ڪجهه اولهائون حصو آهي.

هتان ڪان بحر قلزم ”ايله“ ڪان ٿيندو لوط جي قوم جي ڳوٺ ۽ ”بحيره نتنه“ (بدبودار سمنڊ) ڪان لنگهي ”شرات“ ۽ ”بلقاء“ تائين وڃي ٿو، اهي فلسطين جا ڳوٺ آهن، وري اتان ”اذرعات“، ”حورات“، ”بثينه“، ”غوطه“ ۽ ”بعلبڪ“ ڪان باهربون گذري ٿو، هي دمشق جو علائقو آهي، هتان ڪان ”تدمر“، ”سليمه“ ڪان لنگهي ٿو جيڪي ”حمص“ جا ڳوٺ آهن ۽ هتان ”خناصره“ ۽ ”بالس“ ڪان گذريو آهي، اهي سڀ ”قنسرين“ جا علائقا آهن، هتان اسين درياء فرات وٽ اچون ٿا. هيءُ درياء درياء عرب جي علائقن، رقه، قرقيسيا، رحبه واليه، حديثه هيت، ۽ انبار ڪان ٿيندو ڪوفي ۽ ان ڪان اڳتي پنهنجي مرڪز تائين هليو ويو آهي. اتان ڪان وري ”ڪوفه“، ”چهره“ جي طرفن ڪان ”خورنق“ ۽ سواد ڪوفه ڪان ٿي ڪري ”واسطه“ جي حدن تائين وڃي ٿو، جتان درياء دجله جو مفاصلو هڪ مرحلو آهي، ان ڪان پوءِ ”سواد بصره“ ۽ ان جي پهاڙن (بطائح) ڪان ٿيندو عبادان تائين وڃي ٿو هي آهن ”ملڪ عرب“ جون حدون جن سان هي ملڪ وڪوڙيل آهي.

عبادان ڪان ”ايله“ تائين بحر فارس (بحر عرب) عرب ملڪ جي

انتهائي تائين پيٽ علائقي ۾ شامل آهي. جيڪو عرب جو اوير ڏکڻ ۽ ڪجهه اولاهون حصو آهي. "ايله" کان "بالس" جي حد "شام" سان آهي، "بالس" کان عبادان تائين عرب جي اتريون حد آهي، جنهن ۾ "بالس" کان "انبار" کان اڳتي "ارض جزيره" آهي ۽ "انبار" کان "عبادان" تائين عراق جو علائقو آهي. "ايله" وٽ عرب سان هڪ ريگستان مليل آهي، جنهن کي "تيه بني اسرائيل" چون ٿا. پراهو ريگستان عرب ملڪ ۾ شامل نه آهي، پر عمالقه، يونانين ۽ قبطين جي سرزمين آهي، هن ۾ نه پاڻي ۽ نه گاهه آهي. جيئن ته هن جزيره ۾ "ربيعه" ۽ "مضر" جا عرب قبيلا آباد آهن ان ڪري هي عرب ملڪ ۾ آهي. هونءَ هي علائقو فارس ۽ روم جو آهي انهن جي آبادي ۽ شهر ان علائقي ۾ آهن، انهن جي اثر ۽ تعلق ڪري عرب قبيلن رومين جو "نصراني دين" قبول ڪيو جيئن "قبيلي ربيعه" جي بنو تغلب ارض جزيره ۾، ۽ يمني قبيلن "غنان"، "بهرا" ۽ "تنوخ". شام جي ملڪ ۾ عيسائي ٿي ويا.

عرب ملڪ جي اندروني علائقي ۾ ڪو به سمنڊ يا درياء نه آهي جنهن ۾ جهاز يا ٻيڙيون هلي سگهن، "بحر منتنه" جنهن کي "زغر" چون ٿا، جيڪو ٽڪ "باديته العرب" جي ويجهو آهي پر عرب ۾ شامل نه آهي ۽ يمن جي "ديار سبا" جو بند ڪو به درياء يا سمنڊ نه هو پر پاڻي کي بند ٻڌي هڪ هيٺانهين جاءِ تي روڪيو ويو هو جنهن کي اتان جا ماڻهو پنهنجي باغن ۽ پنين وغيره ۾ استعمال ڪندا هئا.

بحري رستن کان عرب جي ساحلي حدن جي مسافري ان زماني ۾ ٻيڙن ۽ جهازن جي رفتار سان هيءَ هئي، عبادان کان بحرين اٽڪل ١٥ مرحلا، بحرين کان عمان هڪ مهيني جي مسافري، عمان کان "ارض مهره" هڪ مهيني جي مسافري "مهره" کان حضرموت هڪ مهيني جي مسافري، حضرموت جي آخري جيتري کان "عدن" هڪ مهيني جي مسافري، عدن کان "جُده" هڪ مهيني جي مسافري

جده کان "ساحل حجفه" پنج مرحلا، حجفه کان "جار" ٽي مرحلا "جار" کان "ايله" ويه مرحلا، "ايله" کان "بالس" ويه مرحلا، بالس کان "کوفو" ويه مرحلا، کوفي کان "بصره" چوڏهن مرحلا (منزلون) بصره کان عبادان ٻه مرحلا، اهي ساحلي مسافريون عرب کي وکوڙيل آهن لے

بحرين ۽ عبادان جي وچ ۾ هڪ ڏينهن جو ريگستاني رستو ڏاڍو ڏکيو جنهن ۾ پاڻي وغيره جو نالونشان نہ ٿو ملي. ان ڪري بحري رستو اختيار ڪرڻو پوي ٿو. بصره کان بحرين تائين ارڙهن منزلن جو رستو عرب قبيلن سان آباد آهي، انهن جي آباديءَ ۾ پاڻي جا چشما بہ آهن، ان رستي کان جيتوڻيڪ قافلا هلن ٿا پر خطرناڪ آهي، بحرين ۽ عمان جي وچ ۾ رستو ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ ان ۾ هلڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ڇوتہ ان ريگستان ۾ آباد عرب قبيلا پاڻ ۾ جنگ ڪندا رهندا آهن، اهڙيءَ طرح "عمان" کان اڳيرو خشڪي جو رستو هلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇوتہ پورو علائقو ريگستاني آهي ۽ آبادي تمام گهٽ آهي، ان ڪري ماڻهو "جده" وڃڻ لاءِ بحري رستو اختيار ڪندا آهن. جيڪڏهن ساحل کان هلندا تہ "مهره" ۽ "حضرموت" کان "عدن" تائين رستو ڏاڍو ڏکيو ٿي ويندو. اهوئي سبب آهي جو هتان جا ماڻهو خشڪي جو رستو ڏاڍو گهٽ اختيار ڪندا آهن لے

اها عرب جي ساحلي ۽ ان جي آس پاس جي جاين جي مختصر فهرست ۽ ان جي مسافرن ۽ رستن جي حالت آهي. انهن ئي رستن کان انهن علائقن ۾ هندستان جون قومون قديم زماني ۾ اينديون وينديون هيون ۽ پوري علائقي ۾ انهن جي آمدرفت ٿيندي رهندي هئي. اڳتي ان جو مڪمل تفصيل ايندو.

لے مسالڪ الممالڪ ص ٢٧ - لے مسالڪ الممالڪ ص ٢٨ -

جڏهن اسلام جي دعوت عام ٿي ته عرب جي آخري يا پري پري جي علائقن جي باشندن وانگر هتان جي انهن هندستانين کي به اها دعوت پهتي، جيڪي عربن جي زندگيءَ ۾ شريڪ ٿي ويا، يا ايندا ويندا هئا.

هندستان ۽ عرب جو ساحل آمهون سامهون آهي ۽ ٻئي قدرت جي خصوصي مهربانين جا نشان آهن. هندستان جي ساحل تي ——— ڪوپري جا باغ آهن ته عرب جي ساحل تي کارڪن جا باغ آهن. اهڙيءَ طرح اخروٽ (جوز هندي) اڄ به اهڙيءَ طرح مشهور آهي جهڙيءَ طرح عرب ۽ بصره جون کارڪون مشهور آهن ۽ ٻئي ميوا ٻنهي ملڪن جي باشندن جي غذا ۾ اهم حصو رکن ٿا.

عرب ۽ هند جا پراڻا واپاري تعلقات

هن موضوع تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، پر اسان جنهن خاص نقطه نظر سان لکڻ گهرون ٿا ان جي ضرورت اڃان به آهي رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنه جن هندستان جي ڪيترن شين جو استعمال ڪيو آهي، ان جي باري ۾ اڄ به گهٽ معلومات آهي، هن باب ۾ ان ڪمي کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:

هندستان جي ڪهڙي شهر کان ڪهڙي شئي عرب ويندي هئي؟

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ ۽ ان کان بعد عرب ۽ هند جي وچ ۾ گهاٽا تعلقات هئا. پر واپاري تعلق سڀ کان پراڻو ۽ اهم هو هندستان جي مختلف علائقن کان مختلف قسم جون واپاري شيون عرب وينديون هيون ۽ اتان جي مختلف بازارن ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃي وڪرو ٿينديون هيون. اسان انهن جي مڪمل فهرست قديم عربي جاگرافي دان "ابن خردازبه" جي ڪتاب المسالڪ والممالڪ کان پيش ڪريون ٿا:

ابن خردازبه ٻڌايو آهي ته هندستان کان هر قسم جي اگر ڪاٺي (عود) صندل، ڪافور، ماخور، جعفر (جائفل) قوتا، ڪباب چيني ناريل، نباتاتي

ڪپڙا، ڪپهه جا مخملي ڪپڙا ۽ هاٿي عرب ملڪ ويندا هئا. "سرنديپ" کان هر قسم ۽ هر رنگ جا ياقوت، موتي، بلور، سنبادج، ملي ۽ "سنجان" (سندان) کان مرچ، "ڪلہ" کان شيعو ۽ قلعي، ڏکڻ کان بقم (پتنگ ڪاٺي ـــــــ Sapparwood) ۽ تاڙي ۽ سنڌ کان قسط، بانس ۽ بيد جون ڪاٺيون عرب موڪليون وينديون هيون.[1]

ان کان پوءِ تفصيل سان جنهن شهرمان جيڪا شيءِ ويندي هئي ان کي هن طرح بيان ڪيو آهي: سنڌ ۾ قسط، بانس ۽ بيد پيدا ٿين ٿا. سنڌ درياءِ کان "اوتڪين" تائين جيئن ڏينهن جي مسافري آهي. ان پوري علائقي جي پهاڙن ۾ "بانس" جي پيداوار ٿيندي آهي. "سنداِن" ۾ ساڳوان ۽ بيد ٿئي ٿو، "ڪمڪم" (ڪوڪن) ساڳوان جو ملڪ آهي. "جزيره رامي" ۾ "گينڊو ۽ بيد" پيدا ٿئي ٿو. "ڪلہ" ۾ به "بيد" جا ٻيلا آهن، "بابتن"، "سنجلي" ۽ "ڪيشڪان" ۾ چانور ٿين ٿا، "ڪنجہ" ۽ "لوا" ٻنهي ۾ چانور ۽ ڪڻڪ ٿئي ٿي. ان کان سواءِ سمنڊ، بالوس ۽ "قمار" ۾ چانور ٿين ٿا. مثال طور: هط (سهلٹ) ۾ "لونگ" ٿين ٿا، "ڪامرون" مان عُود (اگرڪاٺي) "سمنڊ شهر" ۾ آندي ويندي آهي. "سرنديپ" جي پهاڙن ۾ عود (اگرڪاٺي) پيدا ٿئي ٿي. "درهمي"، "بنگال" ۾ ڪپهه جو مخملي ڪپڙو ۽ "عود هندي" ٿئي ٿو. "جزيره ـ تيومہ"، قمار ۽ "صنف" ۾ به عود ٿئي ٿو. "عود قماري" کان "عودصنفي" وڌيڪ سٺو آهي، هي سٺو ۽ وزني هجڻ ڪري پاڻيءَ ۾ تري نٿو پر ٻڏي وڃي ٿو. ان کانسواءِ "سرنديپ" ۾ "مشڪ" ۽ "زباد" ٿئي ٿو، "زابج" جي پهاڙن ۾ ڪافور ٿئي ٿو "تيومہ" ۾ ان ۾ به ڪافور ملي ٿو ۽ "جزيره بالوس" جو ڪافور نهايت عمدو آهي. "سرنديپ" ۾ "عطر" ۽ قسمين قسمين خوشبوءِ ٿين ٿيون. "جابہ" عطر

---

[1] المسالڪ والممالڪ ص٦٢

جو ديس آهي، شلاهٽ (سلهٽ) ۾ صندل ۽ سنبل، ٿين ٿا، ”کله“ ۾ ”شيهي ۽ قلعي“ جي کاڻ آهي. ”جزيره رامي“ جا باشندا سمنڊ ۾ ترڻ ٻيڙين ۾ عرب واپارين جي جهازن تائين اينداآهن ۽ ”لوهه“ جي بدران ”عنبر“ وڪڻن ٿا. جزيره ”نڪبالوس“ جي دولت لوهه آهي. ”سرنديپ“ جي ٻهاڙن ۾ ۽ پاسن کان هرقسم ۽ هررنگ جا ”ياقوت“ ملن ٿا، ان جي وادين ۾ ”هيرو“ ۽ ٻهاڙن ۾ عود، مرچ، عطر، خوشبوء، مشڪ، ٻزباد جا جانور، ناريل ۽ سنباد ج جي گهڻائي آهي. هتان جي دريائن ۾ بلور آهي ۽ سمنڊ کان ”موتي“ نڪرن ٿا. ”جزيره رامي“ مان بيد، بقم ۽ سم ساء، ملن ٿا، ان ترياق کي مسافرن نانگ جي ڏنگ ۾ آزمايو آهي. ”نشين“ ۾ هاٿي، ڍور- مينهون، ۽ ٻيون شيون ملن ٿيون. ان کان اڳـــيرو ”ابينه“ ۾ ”هاٿي“ آهن، ”رامي“ ۾ ”گينڊا“ آهن. ”قامرون“ جي علائقي ۾ هاٿي ۽ ”سون“ گهڻو آهي. ”زابج“ جي ٻهاڙن ۾ نانگ ۽ اژدها آهن.[1]

عرب ويندڙ هندستاني شين جي هيءَ فهرست مڪمل نه آهي. پر انهن شين کان سواءِ ٻيون ڪيتريون تجارتي شيون وينديون هيون. مثال طور: هندي تلوارون، سنڌ کان سنڌ ڪپڙا، سنڌي ڪڪڙ، ٻالـه اُٺ (فالج) جنهن جي نسل کان عرب جو مشهور ”بختي اُٺ“ آهي. ”منڊل“ کان عود هندي، بروص (ٻڙوچ) کان ٻڙوچي نيزا ۽ انهن جي ڪمان ”کنبايت“ ۽ سندان کان بوٽ ۽ ناريل، ”ٿاڻي“ کان عمدو ڪپڙو، اهڙي طرح مختلف شهرن مان مختلف شيون هندستان کان عرب وينديون هيون.

عرب ۾ هندستاني مال جون چار منڊيون اُبله، صحار، عدن ۽ جار:

هونئن ته پوري عرب ۾ هندستاني مال جي کپت هئي ۽ جاهليت جي دور جي هر بازار ۾ هتان جون شيون وڪرو ٿينديون هيون، پر ان جون خاص

[1] المسالڪ والممالڪ ص ٦٠ تا ٦٥.

منديون بہ هيون، جتي هندستاني شيون هونديون هيون. مطلب تہ اهي هندستاني شين جاگدام هئا، جهڙوڪ: ”اُبلہ“، ”صحار“، ”جار“ ۽ ”عدن“ وغيره جتي عرب جي ساحلي شهرن جي علائقن کان پري هندستان ۽ چين تائين واپاري جهاز ۽ ٻيڙيون لنگر انداز ٿينديون هيون. ”اُبلہ“ قديم زماني کان ”ارض الهند“ ۽ ”فرج الهند وسند“ جي لقب سان مشهور هو. حضرت عتبہ بن غزوان رضي الله عنه جڏهن سنہ ١٤ھ ۾ ”اُبلہ“ کي فتح ڪيو تہ ان جي مرڪزيت جي باري ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جن ڏانهن جيڪو خط لکيو ان ۾ لکيل هو تہ:

اما بعد فان الله ولہ الحمد	الله جو شڪر آهي جوان اسان
فتح علينا الابلة وهى	کي اُبلہ تي فتح ڏني آهي. هي
مرفى سفن البحرمن عمان	شهر عمان، بحرين، فارس،
والبحرين وفارس والهند	هندستان ۽ چين کان اچڻ
والصين	وارن جهازن جو بندرگاه آهي.

جڏهن ”اُبلہ“ جي پرسان سنہ ١٤ھ ۾ ”بصره“ آباد ٿيو تہ ان جي تجارتي مرڪزيت جي ڪري ڪيترن صحابن اتي تجارتي ڪاروبار ڪرڻ جو ارادو ڪيو، اهڙيءَ طرح حضرت نافع رض بن حارث بن ڪلده ثقفي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ:

يا اميرالمومنين انى قد	اي اميرالمؤمنين! مان بصره
افليت فلاع بالبصرة واتخذت	۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ والاري
بها تجارة [1]	آهي ۽ اتي تجارتي ڪاروبار
	شروع ڪيو آهي.

---

[1] اخبار الطوال ص ١١٧ -

حضرت عمر رضي الله عنه جن حضرت عتبه بن غزوان کي ان باري ۾ هڪ سفارش لکي. اُبله کان پوءِ خليج عرب جي ساحل تي "ظفار" ۽ "صحار" هندستانين جا بحري تجارت جا پراڻا مرڪز هئا، فجرالاسلام ۾ آهي ته:

وفي شرق حضرموت ظفار	حضرموت جي اوڀر ۾ "ظفار"
وهي من قديم مصدر	پراڻي زماني کان گرم مسالن،
للتوابل والطيب ونجور	خوشبوءِ عبادت گاهن جي نجور
المعابد ولا يزال الى	جي منڊي آهي ۽ اڄ به هتان
اليوم يرسل فيها الى	هندستان مال موڪليو ويندو
الهند [1]	آهي.

جاهلي دور جي خاص خاص بازارين ۾ "عمان" جي "صحار - بازار" ۽ "دبا (دبئي) بازار" ڏاڍيون مشهور هيون. جن ۾ سنڌ، هند، چين ۽ اوڀر ۽ اولهه جا غيرملڪي واپاري گڏ ٿيندا هئا. انهن جو نگران مقامي حاڪم "جلندي بن متڪبر" هوءِ جيڪو واپارين کان عشر وٺندو هو.[2]

ڏکڻ عرب ۾ هندستانين جي بحري واپار جو اهم مرڪز "يمن" هو، جنهن ۾ صنعا، قصر، غمدان، مآرب، نجران ۽ عدن جهڙا وڏا وڏا شهر شامل هئا. "ابن خردزابه" عدن جي باري ۾ لکيو آهي ته:

وبها العنبر، والعود،	هتي عنبر، عود، مشڪ ملي ٿو
والمسك ومتاع السند و	۽ سنڌ، هندستان، چين، زنج
الهند، والصين والزنج	حبش، فارس، بصره، جده

[1] فجرالاسلام ج ١، ص ٣-

[2] ڪتاب المحبر ص ٢٦٦ حيدرآباد ۽ ڪتاب الامڪنه والازمنه ج ٢، ص ١٦٣-

والحبشة وفارس والبصرة	۽ بحر قلزم جو سامان ۽
وجدة وقلزم[1]	مال ملي ٿو.

يمن جي پراڻي واپار ۾ هندستاني شين جي گهٽائي ۽ انهن جي نيڪالي (وڪرو) جو اندازو هن بيان مان ٿي سگهي ٿو.

وكانت التجاره قديما فى	پراڻي زماني ۾ واپار اهل يمن
يد اليمنين وكانوا هم	جي هٿ ۾ هو ۽ اهي ماڻهو واپار
العنصر الظاهر فيها فعلى	۾ متاهان هئا، انهن جي هٿن مان
يدهم كانت تنقل غلات	حضرموت ۽ ظفار جا مال ۽
حضرموت وظفار و واردات	هندستان جون شيون، شام ۽
الهند الى الشام و مصر[2]	مصر ويندڙيون هيون.

"ايلہ"، "صحار" ۽ "عدن" وانگر عرب جي اولاهين علائقي ۾ "بحر احمر" جو مشهور بندرگاهه آهي "جار" به وڏي تجارتي منڊي هو. هتي مصر ۽ حبشہ وانگر بحرين ۽ مشرق بعيد چين تائين تجارتي جهاز ايندا هئا "جار" جيئن تہ "مدينہ منوره" جو ويجهو بندرگاهه هو، ان ڪري هتان جو مال مديني پاڪ جي خاص شهر کان سواءِ آس پاس مالدار يهودي آبادي هئي، ان ڪري بازار لڳندي هئي، ان ڪري "جار" جي بندرگاهه تي بہ هندستاني واپاري سامان جي گهڻائي هوندي هئي. مديني ۽ ان جي پر وارن شهرن جي تجارت ڏاڍي ڪامياب هئي، ان ڪري جڏهن صحابن سڳورن هجرت ڪري مديني پاڪ آيا تہ انهن مان گهڻن واپار شروع ڪيو ۽ ترقي ڪئي. "عرام بن الاصبع سلمي" پراڻو جاگرافيدان ٿي گذريو آهي ان سنهجي ڪتاب "اسماء جبال تهامہ وسكانها وما فيها من القرى" ۾ "جار"

---

[1] المسالك والممالك ص ٦١ - [2] فجر الاسلام ج ١، ص ١٣ -

جي باري ۾ لکيو آهي ته :

والجار على شاطئ البحر
ترفأ اليه السفن من ارض
الحبشه، ومصر، ومن البحرين
والصين وبهامنير، وهي
قرية كبيرة اهلة وشرب
اهلها من البحيرة وبالجار
قصور كثيرة ونصف الجار
فى جزيرة من البحر ونصفها
على الساحل، وبجذاء الجار
جزيرة فى البحر تكون ميلاً
فى ميل لايعبر اليها الا فى
السفن، وهى مرفاء الحبشة
خاصة يقال لها قراف و
سكانها تجار كنحو اهل
الجار يوتون بالماء من
فرسخين [1]

۽ "جار" بحر احمر جي ساحلي
بستي آهي. هتي حبشه ۽ مصر
کان ۽ بحرين ۽ چين کان جهاز
اچي لڳندا آهن. هتي علائقائي
سرڪاري مرڪز آهي. هيءَ بستي
وڏي ۽ آباد آهي. هتان جا ماڻهو
تلاءِ مان پيئڻ جو پاڻي حاصل
ڪندا آهن ۽ جار ۾ ڪيترا قلعا
آهن، جار جي اڌ آبادي سمنڊ
۾ جزيري ۾ آهي ۽ اڌ آبادي
ساحل تي آباد آهي. جار جي حدن
۾ سمنڊ ۾ هڪ ٻيو جزيرو آهي
جيڪو هڪ ميل ڊگهو ۽ ويڪرو
آهي، ٻيڙين ذريعي اتي وڃي
سگهجي ٿو. هي جزيرو خاص ڪري
حبشه جي جهازن جو بندرگاه آهي
ان کي "قراف" چون ٿا. هتان جا
ماڻهو واپاري آهن، جيئن "جار" جا
باشندا واپاري آهن. هتان جا ماڻهو
ٻه ميل پري پاڻي حاصل ڪن ٿا.

---

[1] ڪتاب اسماء جبال ص ۹-۱۰، قاهره .

مديني پاڪ جوهي بندرگاه پراڻي مسافريءَ جي حساب سان مديني کان هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن جي مفاصلي تي آهي.

مديني ۾ هندستان جون جيڪي شيون وڪامنديون هيون اهي بحرين کان سمنڊ رستي "تجار" اينديون هيون، ڇو ته ريگستان جي ڊورانهين رستي جي مقابلي ۾ هي سولو پوندو هو. جڏهن جوهن بندرگاه تي "چين" تائين تجارتي جهاز ايندا هئا ته "عرب" ۽ "چين" جي وچ ۾ هندستان کان تجارتي شيون سڌي طرح هتي اينديون رهنديون هيون.

مڪه مڪرمه اندرون عرب جو اهم تجارتي مرڪز:

يمن ۽ عدن مشرقي دنيا جي تجارتي مال جي پراڻي منڊي هئي. جتان ٻين ملڪن ۾ عرب واپارين جي ذريعي مال ويندو هو. پر بعد ايرانين ۽ رومين جي عمل دخل ڪري اتان جي واپارين تي اثر پيو. "بحر احمر" تي رومين جي قبضي کان پوءِ جڏهن يمنين جو واپار ڪمزور ٿي پيو ته "يمنين" سامونڊي رستي جي بدران اندرون عرب جي خشڪي رستن کان ٻين ملڪن سان واپاري سفر شروع ڪيو، اهو رستو حضرموت کان شروع ٿيندو هو ۽ "بحر احمر" جي مٿان نجد جي بيابانن کان ٿيندو مڪ مڪرمه تائين ويندو هو. جنهن جي ڪري مصر، شام ۽ يمن جي وچ ۾ مڪه وڏي منڊي ٿي ويو ۽ حجاز ۾ سٺو واپار ٿيڻ شروع ٿيو، خاص ڪري قريشن ڏکڻ ۾ يمن جو ۽ اتر ۾ شام جو تجارتي سفر شروع ڪيو. قرآن مجيد رِحْلَةِ الشِّتَاءِ وَالصَّيْفِ ۾ انهيءَ تجارتي رستن جي بيان ڪيو آهي. عرب جا ٻروارا ماڻهو حجاز جي تجارتي ۽ مرڪزي شهر "مڪي" ۾ ايندا هئا ۽ هر قسم جو ملڪي ۽ غير ملڪي سامان آسانيءَ حاصل ڪندا هئا. مڪي جي سڀ کان وڏي ساليانيءَ بازار "عڪاظ" ۾ لڳندي هئي. جيڪا "طائف" جي

رستي ۾ حج جي ڏينهن ۾ لڳندي هئي. ۽ ان جي پرسان حج جي ڏينهن ۾ ”ذوالمجاز“ جي بازار به لڳندي هئي ۽ مڪي کان وڏا وڏا تجارتي قافلا ٻاهر ويندا هئا. طبري جي تشريح مطابق ڪڏهن ڪڏهن انهن قافلن ۾ ۱۵۰۰ سؤ اُٺن جا قافلا به هوندا هئا. رسول الله صلی الله عليه وسلم جن به ڪڏهن ڪڏهن انهن واپاري قافلن سان ويندا هئا. اهڙيءَ طرح نبي صلی الله عليه وسلم جن پهريون دفعو ٻارهن سالن جي عمر ۾ ۽ ٻيو دفعو پنجويهن سالن جي عمر ۾ ”شام“ جو تجارتي سفر ڪيو. هڪ مصري عالم جو بيان آهي:

كانت مكة محطًا لاصحاب	مڪو ڏکڻ عرب کان ايڻ وارن
القوافل الأتية من جنوب	قافلن جي منزل هو. اهي قافلا
العرب تحمل بضائع	هندستان ۽ يمن جو واپاري سامان
الهند واليمن الى الشام و	شام ۽ مصر ڪئي ويندا هئا ۽ مڪي
مصر ينزلون بها ويسقون	۾ ترسي اتان جي مشهور زمزم
من بئر شهيرة بها تسمى	جي کوه مان پاڻي پي ڍؤ ڪندا
بيرزمزم وياخذون منها	هئا ۽ باقي منزل لاءِ ضرورتا آهر
حاجتهم من الماء[1]	پاڻي کڻندا هئا.

رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي ولادت کان ٿورو اڳ جزيرة العرب ايراني ۽ بيزنطيني طاقتن جو مرڪز ٿي ويو هو. بزنطيني ”حبش“ جي تعاون سان پنهنجو اثر وڌائي رهيا هئا ۽ ايراني حڪومت پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي. ان ڇڪتاڻ ۾ شامي علائقي جو واپار خراب ٿيڻ لڳو ۽ بزنطينن لاءِ عرب جي بازارن کان سڀئي شيون نا ياب ٿيڻ لڳيون. خاص ڪري يورپ جي گرجائن ۽ پادرين لاءِ هندستان جو سٽو ريشمي ڪپڙو

---

[1] الجمل في تاريخ الادب العربي ص ۲۷ - مطبع اميريه قاهره

گمر ٿيڻ لڳو، ان ڪري رومين ”بحراحمر“ جي رستي کان حضر موت ۽ يمن وغيره جي منڊين تي قبضو ڪيو. جيئن ته ”حبشه“ ۽ ”روم“ جو مذهب ”عيسائي“ هو، ان ڪري مذهب جي ناليِ تي حبشه جي بادشاهه ۽ عوام کي رومين پنهنجي مدد لاءِ پڪاريو:

وارسل الامبراطور البيزنطي	بزنطيني (رومي) حڪومت جنهن
جوستنيان (۵٢٧ - ۵٦۵) سفير	سنتيان نالي هڪ سفير کي حبشه
الى ملك الحبشة اهابۓ باسم	جي بادشاهه ڏانهن موڪليو ۽
الدين والمصلحة ان يقوم	دين ۽ مصلحت جي نالي تي چيو
هو والسميفع حاكم حمير	ته توهان ۽ ”حُمير جو بادشاهه“ ”سميفع“
بقتال الفرس وان يتولى	ٻئي ايرانين سان اسان جي پاران
الاحباش شراء الحرير من	جنگ ڪن ۽ هي ته ”حبشه“ جا
الهنود، ثم يبيعونه يدورهم	واپاري هندستانين کان ريشمي
الى بيزنطة فيجنون ارباحا	ڪپڙو خريد ڪن ۽ روم جو تجارتي
طائلة [1]	سفر ڪري، وڏي فائدي تي وڪڻن.

ان صورت حال کان مڪي جي ماڻهن فائدو حاصل ڪيو ۽ خشڪي جي رستي کان ”يمن ۽ عدن“ سان واپار شروع ڪيو. قريش ان سلسلي ۾ ٻن تجارتي سفرن جو طريقو اختيار ڪيو، مال جي خريداري لاءِ ”سياري“ ۾ ”يمن ۽ حبشه“ جو سفر ۽ وڪڻڻ لاءِ ”گرمي“ ۾ ”شام“ جو سفر.

شروعات ۾ قريش خاندان ۾ تجارتي ڪاروبار ”قريش بني مخزوم“ ڪندا هئا. بعد ۾ جڏهن ترقي ٿي ته ”بني هاشم“ به وڏي ڪري واپار ۾ حصو ورتو. رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي نند پڻ تابين ”مڪي“ جو تجارتي مرڪز

---

[1] تاريخ العرب ان: بروڪيبو، حوالو مجلة العربي ڪويت ذوالحج سنه ١٣٨١ھ

مڪمل طرح قائم ٿي چڪو هو.

مڪو جيئن ته تجارتي مرڪز ٿي ويو هو، انڪري هتان جي تمدني زندگي ۾ به وڏي ترقي ٿي، زبان ۾ به وسعت پيدا ٿي، ۽ قريش جي اها ئي زبان قرآن ۽ اسلام جي زبان ٿي. اهڙي طرح قرآن ۽ حديث ۾ ڪيترا هندستان ۾ ڳالها ئڻ وارا لفظ ملن ٿا، قرآن ۾ ڪافور (ڪپور) زنجبيل (زنجابيل) مشڪ (موشڪ) وغيره هندستاني لفظ آهن، جن کي قريش پنهنجي نموني سان ناهيو هو. حديث ۾ قسط (ڪُٺ) زط (جاٽ) عود هندي، مشڪ وغيره جا نالا ملن ٿا، جيڪي هندستاني نالا آهن، ان کان پوءِ مڪي ۾ هندستان جا ماڻهو رهندا هئا، جهڙيءَ طرح حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه حديث ۾ "جاٽن" جو ذڪر ڪيو آهي ۽ حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه جي هڪ شعر ۾ هندستانن جي "لوهارن" جو ذڪر آهي.

عربن جي خاص خاص شهرن سان منسوب هندستاني شيون:

عرب ۾ هندستاني واپار جي انهن وڏن وڏن مرڪزن کان سواءِ ڪجهه علائقن ۾ هندستاني شيون ايتري قدر مشهور ٿي ويون هيون جو انهن علائقن جي نالي سان منسوب هيون، حالانڪ اهي هندستاني شيون هونديون هيون.

خط: مثال طور "خطي" انهن نيزن کي چوندا هئا جيڪي "خط شهر" ڏانهن منسوب هئا. اصل ۾ اهي (نيزا) هندستان جي "بيد" ۽ "بانس" مان ٺاهيا ويندا هئا. "خط"، بحرين ۽ عمان جي پوري ساحل کي چيو ويندو هو. جنهن ۾ "قطيف" "عقير" ۽ "قطر" جهڙا وڏا وڏا علائقا شامل هئا، انهن علائقن ۾ هندستان جو بيد ۽ بانس سان پريل پيڙيون وينديون هيون ۽ انهن مان نيزا ٺاهيا ويندا هئا.[1] اهڙيءَ طرح "سمهري تير" جيڪي عرب ۾ ڏاڍا مشهور آهن،

---

[1] لسان العرب جلد ٧، ص ٢٩٠.

اهي به ان علائقي "خط" ۾ تيار ٿيندا هئا، جن کي "سمهري" نالي شخص هندستان جي ڪاٺين مان تيار ڪري وڪڻندو هو.[1]

دارين: بحرين جي علائقي ۾ "دارين" نالي هڪ مشهور بندرگاهه هو، جتان جو هندستاني مشڪ پوري عرب ۾ مشهور هو. عربي ادب ۽ شعرن ۾ "مشڪ دارين" ۽ "داري" جي نالي سان ان جو ذڪر ملي ٿو. لسان العرب ۾ "خطي نيزي" جي بيان ۾ آهي ته:

كما قالوا مسك دارين	جنهن کي مشڪ دارين چون ٿا،
وليس هنالك مسك و	حالانڪ دارين ۾ مشڪ ڪونه ٿيندو آهي
لكنها مرفأ السفن التي	پر هو انهن ٻيڙين جو بندرگاهه آهي
تحمل المسك من الهند[2]	جتان هندستان کان مشڪ ايندو آهي.

ان جو مطلب هي آهي ته پورو علائقو "خط" ۽ "دارين" هندستان جي واپاري مال لاءِ مشهور هئا ۽ هتي هندستان کان آيل بيد، بانس ۽ مشڪ اندرون عرب ويندو هو ۽ ان جو وڏو تعداد اتي هر وقت موجود هوندو هو.

عرب جون وڏيون موسمي ۽ مقامي بازاريون:

ابله، صحار، يمن ۽ "عدن" هندستاني مال جون خاص منڊيون هيون. جتان پوري عرب، ايران، مصر ۽ روم تائين انهن جو مال ويندو هو. ان کان سواءِ اندرون عرب جيڪي بازارون خاص خاص موسمن ۾ لڳنديون هيون، انهن ۾ به هندستاني مال جي گهڻائيءَ سان خريد و فروخت ٿيندي هئي، "علامه ابو علي مرزوقي" "الازمنه والامكنه" ڪتاب ۾ "عرب جي بازارن" جو

---

1. لسان العرب ج ٤، ص ٢٨١ - 2. لسان العرب ج ٧، ص ٢٩٠ -

بهترين انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن جو خلاصو هي آهي ته عرب ۾ ڪل تيرهن وڏيون وڏيون بازاريون لڳنديون هيون، جن جا ترتيب سان نالا هي آهن:
(۱) دومة الجندل (۲) صحار (۳) دبا (۴) شحر (۵) لابيه حضرموت (۶) ذوالمجاز (۷) نطاة خيبر (۸) مشقر (۹) منىٰ (۱۰) حجر (۱۱) عڪاظ (۱۲) عدن (۱۳) صنعاء.

دومة الجندل : دومة الجندل جي بازار پنهنجي علائقي جي اعتبار کان وڏي اهميت رکندي هئي، هتان مديني ۽ ڪوفي تيرهن ميلن تي هو ۽ "دمشق" ڏهن ميلن تي هو. هيءَ "بازار غُره" ربيع الاول کان شروع ٿي ادو مهيني تائين ڏاڍي هلندي هئي، جنهن کي پوري مهيني تائين هلايو ويندو هو. هن جي سرسان بنوڪلب، بنوجريلہ ۽ "بنوطئي" آباد هئا ۽ ہ حڪمران "اڪيدر عبادي" ۽ "قنافہ ڪلبي" هتان ٽيڪس وصول ڪندا هئا ۽ اهي ئي ان جو افتتاح ڪندا هئا.

مشقّر : مشقر هجر جي جاءِ (بحرين) ۾ آهي. دومة الجندل کان واپاري ۽ خريدار هتي ايندا هئا. هيءَ بازار پهرين جمادى الاخر کان پڇاڙي مهيني تائين لڳندي هئي. هن جي چوگرد "بنوعبدالقيس" ۽ "بنوتميم" آباد هئا. بنوتميم جيڪو "منذر بن ساوي" سان تعلق رکندو هو، هتان جو انتظام سنڀاليندو هو، هن جي حيثيت فارس جي بادشاهہ جي نائب جهڙي هئي. هن بازار ۾ ايراني خشڪيءَ رستي ايندا هئا ۽ انهن جو واپار سٺو هلندو هو.

صُحار : صحار جي بازار "پهرين رجب کان ويهين رجب" تائين لڳندي هئي ۽ مشقر جي ساري رونق هتي لڳي پوندي هئي، جيڪي ماڻهو ڪنهن سبب کان ٻنهي بازارن ۾ شريڪ نه ٿي سگهندا هئا اهي "صحار جي بازار ۾" شريڪ ٿيندا هئا. هتي عرب بادشاهہ "جلندي" عشر وصول ڪندو هو.

دُبا : دُبا (دبئي) جي بازار صحار کان پوءِ لڳندي هئي، هيءَ جاءِ هندستان

جي واپاري جهازن لاءِ وڏو بندرگاهه هو. هندستان، سنڌ، چين مطلب ته اولهه ۽ اوڀر جا واپاري هتي گڏ ٿيندا هئا:

وكانت احدى فرض الهند	دبا هندستان جو بندرگاهه هو جتان
يجتمع بها تجار الهند والسند	هندستان، سنڌ ۽ چين، پر اولهه
والصين واهل المشرق و	اوڀر جا واپاري گڏ ٿيندا هئا.
المغرب[1]	

"دبا بازار" جو افتتاح رجب جي آخري ڏينهن ۾ ٿيندو هو ۽ هتي به هر قسم جو مال خريد وفروخت ٿيندو هو.

شحر مهره: "شحر مهره" جي بازار ان پهاڙ جي وچ ۾ لڳندي هئي، جتي حضرت هود عليه السلام جي قبر آهي. "دبا بازار" جا بري ۽ بحري واپار هن بازار ۾ ايندا هئا. هن بازار جو وقت "اڌ شعبان" هو. هتي عشر وغيره نه ورتو ويندو هو. شحر مهره کان تاجر ۽ خريدار "عدن" ويندا هئا. "هجري" واپارين ۾ اهي ماڻهو هتي ايندا هئا جن جو سمورو حال ٻين بازارين ۾ نه وڪامندو هو ۽ هتي اچي پنهنجو مال وڪڻندا هئا، انهن خريدارن ۾ به اهي گهڻا هوندا هئا جيڪي ٻين بازارن ۾ پهچي نه سگهندا هئا.

عدن: "عدن جي بازار" پهرين رمضان کان ويهين رمضان تائين لڳندي هئي، هتان جو منتظم "ملوڪ حمير" هيو جيڪو عشر کڻندو هو. آخر ۾ فارس وارا اها رقم وصول ڪرڻ لڳا، انهن جي بهترين انتظام جي سبب هندستاني واپارين ۾ ايتري قدر هئي جو پوري هندستان ۾ ان جو چرچو هو:

حتى ان تجار البحر لترجع	بحري تاجر هتان جي انتظام جو

---

[1] ڪتاب الازمنه والامڪنه. مرزوقي ج ۲، ص ۱۶۳ حيدرآباد ۽ ڪتاب المحبر ص ۲۶۶

بالطيب المعمول تفخر به — فخريه ذڪر سنڌ ۽ هندستان
في السند والهند وترنخل به — ۾ ڪندا هئا ۽ ٻڙي واپاري ان
تجار البر الى فارس [1] — کي پوري فارس ۾ وڪڻي ٻيا ڪندا هئا.

صنعاء : عدن کان پوءِ "صنعاء جي بازار" اڌ رمضان شريف کان شروع ٿي آخر تائين لڳندي آهي. هتي ڪپڙو، لوهه، ڪپهه، زعفران ۽ مختلف رنگن جي تجارت تمام گهڻي ٿيندي هئي.

رابيه : صنعاء جي بازار ختم ٿيڻ بعد بازارن ۾ ورهائجي وينديون هئي يعني "رابيه حضرموت بازار" ۽ "عڪاظ بازار". اهي ٻئي بازاريون هڪ ئي وقت ۾ اڌ ذي قعده ۾ لڳنديون هيون. جيئن ته "رابيه" "حضرموت" جي بازار جو ڪو به نگران حڪمران نه هوندو هو، انڪري واپاري ان ڏانهن گهٽ توجه ڏيندا هئا.

عڪاظ : "عڪاظ جي بازار" نجد جي مٿين علائقي ۾ "عرفات" جي ڀرسان لڳندي هئي. هيءَ پوري عرب جي سڀ کان وڏي بازار هئي. ان ۾ قريش مڪه، هوزان، غطفان، خزاعه ۽ رجابيش يعني حارث بن عبدمناة، عضل ، مصطلق ۽ ٻيا عرب قبيلا ايندا هئا. اڌ ذي قعده کان پوري ذوالحج تائين لڳندي هئي. هتي ڪنهن به قسم جي ٽيڪس نه هئي، هن ۾ نهايت سٺو ۽ ناياب سامان وڪامندو هو، جيڪو عرب جي ڪنهن به بازار ۾ نه ملندو هو. "يمن جا بادشاهه" ۽ "حيره جا بادشاهه" هتي سٺيون تلوارون، نفيس وڳا، قيمتي سواريون، مشڪ، عود ۽ ٻيون شيون واپار لاءِ موڪليندا هئا. عربن ۾ جيڪو اُن جو واڪ ڏيندو هو ۽ خريد ڪندو هو وڏو معزز سمجهيو ويندو هو ۽ انهن کي بادشاهن جي درٻار ۾ ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو هو.

ذوالمجاز : ذوالحج جو چنڊ ڏسندي ئي عڪاظ جي بازار ختم ٿي

---

[1] ڪتاب الازمنه والامڪنه ج ۲ ـ ص ۱۶۴ ـ

"ذوالمجاز" هلي ويندي هئي ۽ اتان جا سيٺيُ واپاري پهچي خريد وفروخت ڪندا هئا، هي شهر عڪاظ جي بلڪل پرسان آهي، ذوالمجاز ۾ ماڻهو اٺين ذوالحج تائين رهندا هئا، عرب جا حاجي ۽ ٻين بازارن ۾ شريڪ نه ٿيندڙ ماڻهو ذوالمجاز جي بازار ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

ٻيون بازاريون: انهن بازارن کان سواءِ "نطاة خيبر بازار" ۽ "حجر يمامه بازار" ۾ خريد وفروخت جون سرگرميون ٿينديون هيون. ڪيترن "مجنه" کي به عرب جي بازارن ۾ شامل ڪيو آهي، هي شهر ذوالمجاز ۽ "سقي" جي پرسان حضرموت جي پٺيان آهي. "دبرايوب بازار" به هڪ بازار هئي، "بصرىٰ بازار" به پنجويهن ڏينهن تائين لڳندي هئي جيڪا بنو اميه جي زماني تائين هلي ۽ هيءَ بازار چاليهن ڏينهن تائين لڳندي هئي "اذرعات بازار" پنجين صدي تائين هلي، هيءَ ان زماني ۾ عرب جي بازارين ۾ سڀ کان وڏي بازار هوندي هئي.[1]

عربي ادب ۾ هندستان جي شين جو ذڪر: مٿين بيان مان معلوم ٿيو ته عرب ۾ قديم زماني کان هندستان جون گهڻيون شيون ڪثرت سان استعمال ٿينديون هيون ۽ عربن جي زندگيءَ ۾ انهن کي وڏي اهميت هئي، ان جو اندازو "عرب شاعرن" جي ڪلام مان به ٿئي ٿو، جن شعرن ۾ هندستان جي شين جو ذڪر ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ ڪجهه شين جا نمونا ڏجن ٿا:

هندي تلوار: هندي تلوار عربن جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي ۽ قديم زماني کان هندستان جون تلوارون عربن جي بهادري ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ان جا ڪيترائي نالا آهن "سيف هند"، "هند"، "مهند"، "هندواني"

---

[1] ڪتاب الازمنه والامڪنه - مرزوقي ج ٢، ص ١٦٣، ١٦٦

"هُندواني" ۽ "قلعي"، شريف ادريسي "نزهة المشتاق" ۾ لکيو آهي ته ڏکڻ هندستان ۾ "سفاله شهر" (بلاد) ۽ "زنج شهر" ۾ لوهه جون کاڻيون آهن، پر هتان جا ماڻهو ڪچو لوهه وٺن ٿا ۽ هندستان جا ماڻهو ان مان تلوارون ٺاهن ٿا:

ولكن الهند يين يحسنون تراكيب اخلاط الادوية التى يسبكون بها الحديد اللين فيعود هنديا ينسب الى الهند وبها دور الضرب للسيوف وصُناعهم يجيدونها فضلاً على غيرهم من الامم وكذالك الحديد السندى والسرنديبي والبيلمانى كله يتفاضل بحسب هواء المكان وجودة الصنعة واحكام السبك والضرب وحسن الصيقل والجلاء ولا يوجد شىء من الحديد امضى من الحديد الهندى وهذا شىء مشهور لا يقدر احد على انكار فضيلة.[1]

هندستاني انهن شين (دوائن) جي ترڪيب چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا جنهن سان نرم لوهه پگهاريو وڃي ٿو. جنهن کان پوءِ ان کي هندي لوهه چيو وڃي ٿو. هتي تلوارون ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن ۽ ڪاريگر هر ملڪ جي ماڻهن کان سٺيون تلوارون ٺاهي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح سنڌي لوهه، سرنديبي لوهه ۽ بيلماني لوهه آبهوا جي مناسبت سان، بناوٽ، ڍلائي، شڪل ٺاهڻ، صفائي وغيره جي ڪري هر جاءِ تي مشهور آهي. هندستان جي لوهه کان وڌيڪ تيز ۽ ڪٽائي ۾ ڪوبه سٺو بيو لوهه نه آهي ۽ ان حقيقت جي انڪار جي ڪا به گنجائش نه آهي.

---

[1] وصف الهند وما يجاورها من بلاد من كتاب نزهة المشتاق ص ٣ - عليگڑھ

عربي شاعري ۾ هندي تلوار جو ذڪر اينترو گهڻو آيو آهي جنهن
گهڻائي سان خود هندي تلوار استعمال ٿيندي هئي. ان جا ڪجهه مثال
هيٺ پيش ڪجن ٿا:

"زهير بن ابي سلمیٰ" چيو آهي:

كالهندوانى لا يخزيك مشهده وسط السيوف اذا ما تضرب البهم

(بين تلوارن جي وچ ۾ هندي تلوار توهان کي جنگ جي ميدان ۾ ناڪام نٿي
ڪري سگهي، جڏهن هٿيارن سان ليس لشڪر سان جنگ هجي)

"طرفه بن عبد"

وظلم ذوى القربى اشد مضاضة على المرء من وقع الحسام المهند

(مائٽن لاءِ پنهن جو ظلم هندي تلوار کان به وڌيڪ ڏکائيندڙ هوندو آهي)

"دريد بن صمه" چيو آهي ته:

وتخرج منه ضرة القرّ جرأة وطول السرى دُرّيّة عضب المهند

(سردي جي شدت تڪرا تڪرا ڪري ٿي ۽ ان حالت ۾ رات جو ڊگهو سفر هندي
تلوار جي ڪاٽ هوندو آهي)

هڪ شاعر چيو آهي ته:

أعن لى على الهندى مهلا وكرة لدى برك حتى تدور الدوائر[1]

(منهنجي هندي تلوار کي ڪٽ کان بچايو

"فرزدق" "قلعي" يعني "ڪله" شهر جي ٺهيل سٺي تلوار جو ذڪر ڪيو آهي:

متقلدى قلعية وصوارم هندية وقديمة الآثار

("آل مهلب" جي جيلهو سان قلعي تلوارون ۽ تيز هندستاني پراڻيون تلوارون بدل

---

[1] ڪتاب الازمنه والامڪنه ج ١، ص ٢٨٣

هونديون آهن)

هندي تلوار تي نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ به گهڻو ڪجهه چيو ويو آهي ۽ "اسلامي ادب" ۾ ان جو ذڪر سهڻي نموني سان آيو آهي، ان جا مثال پنهنجي موقعي تي ايندا.

خطي ۽ سمهري يعني هندي نيزا: عرب ۾ هندي تلوارن وانگر "هندي نيزا" به گهڻا مشهور هئا. جيڪي خاص ڪري "عمان" کان وٺي "بحرين" تائين علائقي ۾ تيار ڪيا ويندا هئا جنهن کي "خط" چيو ويندو هو. ان لاءِ سنڌ، گجرات ۽ ڀڙوچ کان ٻانس ۽ بيد ايندو هو. پوءِ انهن کي هتي نيزي جي شڪل ڏني ويندي هئي، خطي ۽ سمهري نيزا خالص هندستاني ڪاٺيءَ مان ٺاهيا ويندا هئا. "لسان العرب" ۾ آهي ته:

وقد كثر مجيئها فى اشعارها   (عربي شعر ۾ ان جو ذڪر گهڻو آيو آهي)

"ابو زبيد طائي" (حرملہ بن منذر) چيو آهي ته:

مسنفات كانهن قنا الهند   لطول الرجيف جدب المرود [1]

(گاهه کولهڻ واري جي دير ڪرڻ ڪري اُٺڙيون اهڙيءَ طرح جڪڙيون بيٺيون هيون. جهڙي طرح هندستان جا ٻانس بيٺا هوندا آهن)

هڪ ٻئي شاعر چيو ته:

وهل ينبت الخطى الا وشيجة   ويغرس الا منابتها النخل [2]

(خطي نيزي مان نيزو ئي پيدا ٿيندو ۽ کارڪن جا وڻ باغن مان ئي لڳايا ويندا)

"حاتم طائي" چيو:

سأذخر من مالى دلاصا وسابحًا   وأسمر خطيا وعضبًا مهندا [3]

(مان پنهنجي مال مان سنهيون زرهون، ڀڪي رنگ جا خطي نيزا ۽ تيز هندي تلوار

---

[1] سيرت ابن هشام ج ٢، ص ١٩٤، [2] لسان العرب ص ١٩٠، [3] ديوان حاتم ص ٨٣- بيروت.

محفوظ رکندمر)

ابو عطا سنڌيءَ چيو :

ذكرتك والخطى يخطر بيننا   وقد نهلت منا المثقف السمر

(مان توکي اهڙي نازڪ وقت ۾ به ياد ڪيو آهي جڏهن جنگ جي ميدان ۾ خطي نيزا اسهي پاسن کان لنگهي رهيا هئا ۽ ڳاڙهي رنگ جا مضبوط نيزا اسان جي خون سان سيراب ٿي رهيا آهن).

"فضل بن عبدالصمد" چيو ته :

انعت قوسا ذى انتقاء   جاء بها جالب بروصاء

(ان صاف سهڻي ڪمان جي مان تعريف ڪئي آهي جنهن کي پڙوچ کان گهرائڻ واري گهرايو آهي)

فضل بن عبدالصمد ٻيءَ جاءِ تي چيو ته :

من شفق خضر بروصيات   صفر اللحاء والخلوقيات

(هيڊو، سائو پڙوچي بانس جنهن جا چوڏا به هيڊا آهن)

مُشڪ : مشڪ هندستان جي مشهور خوشبوءِ آهي. جيڪو هتان جي مختلف شهرن کان عرب ويندو هو. عرب ۾ هن جي خاص منڊي بحرين جو بندرگاهه "دارين" هو، ان ڪري "مشڪ" جو ٻيو نالو "داري" مشهور هو.

مشهور عربي شاعر امرؤ القيس چيو آهي ته :

اذا قامتا تضوّع المسلك منهما   نسيم الصبا جاءت بريا القرنفل

(جڏهن اهي ٻئي ٻيهي رهن ٿيون ته انهن مان مشڪ جي مهڪ (خوشبوءِ) اهڙي طرح ڦهلجي ٿي جهڙي طرح "صبح جي هير" لونگ جي خوشبوءِ کڻي آئي آهي)

نابغه ذبياني پنهنجي مداح "نعمان بن منذر شاهه حيره" جي تعريف ۾ هي شعر چيو آهي :

وتسقى اذا ما شئت غير مصرّد بزوراء فى حاناتها المسك كاقع

(جڏهن توهان ارادو ڪيو ته پوري طرح ڍؤ ڪيو زوراء جي محل ۾ شراب خانن ۾)

نابغہ جعدي چيو ته:

أُلقى فيه فلجات من مسك دا رين من فلفل حرم

(هن "دارين" جي مشڪ ۾ تيز خوشبوءِ ۾ ڪاري مرچ جي ملاوت ڪئي)

هڪ ٻئي شاعر چيو ته:

مسائح فودى راسه مسبغلة جرى مسك دارين الاحمّ خلالها

(هن جي مٿي جي چوگرد دارين جي مشڪ جي گهاٽائي آهي)

"فرزدق" چيو ته:

كان تريكةً من ماء مُزنٍ ودارى الذكى من المدام

(اهڙي طرح صاف ۽ شفاف پاڻي ۽ دارين جي بهترين مشڪ جي شراب جو چشمو آهي)

"ڪثير" چيو ته:

افيد عليها المسك حتى كانها لطيمة دارى تفتق فارها[1]

(ان تي مشڪ اهڙي طرح لڳايو ويو آهي جهڙيءَ طرح اها "دارين" جي مشڪ سان پريل اٿڙي آهي، جنهن جو دُنُ پنهنجي خوشبوءِ ڦيلائي رهيو آهي.)

"اعشىٰ" پنهنجي محبوبہ جي لعاب جي لذت بيان ڪندي چيو آهي ته:

كان القرنفل والزنجبيل باتا بفيها داريا مشورا[2]

(ماڪيءَ جي مناڻ سان گڏ لونگ ۽ سنڍ بنهي ان جي وات ۾ مشڪ داريءَ ۾ رات گذاري آهي)

---

[1] لسان العرب ج ١٣، ص ١٥٣ [2] لسان العرب ج ١١، ص ١٣٣

"جران العود" چوي ٿو ته:

لقد عاجلتني بالسباب وثوبها — جديد ومن اردانها المسك تنفخ

(ان مون کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۾ ايتريقدر تڪڙ ڪئي جو اجان تائين ان جا شادي وارا ڪپڙا هئا ۽ ان جي بانهن مان مشڪ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي)

رُوبه چيو ته:

ان تشف نفسي من ذبابات الحسك — أحس بها أطيب من ريح المسك

(جيڪڏهن منهنجو روح برڇن جي ڌار سان شفا پائي ته پوءِ ان لاءِ مشڪ کان به سٺي خوشبوءِ مناسب آهي)

فارة المسک يعني "ڌز ۾ مشڪ" جو ذڪر هڪ شاعر هن طرح ڪيو آهي:

لها فارة ذفراء كل عشية — كما فتق الكافور بالمسك فاتقه

(ان لاءِ هر شام ڌن جي اهڙي خوشبوءِ آهي جهڙيءَ طرح ڪنهن ڪافور کي مشڪ سان ملائي خوشبوءِ ڪئي هجي)

نابغه بني ثيبان چيو ته:

اذا ما جرى الجادى فوق متونها — ومسك ذكي ضمنه المجامر

(جڏهن زعفران ۽ مشڪ ان جي پٺن تاته منگلا انهن کي قبول ڪرتا)

قد عبق العبير بها ومسك — يخالطه من الهندي عود

(ان جي زعفراني جسم تي خوشبوءِ ۽ عود هندي ملايل مشڪ لڳايو ويو آهي)

كأن سبيئة بها بعد هجعة — صبابة ماء الثلج بالعسل المحض

فلما اعترتنا ينفخ المسك جيبها — اذا انفضت كادت تميل من البعض

(بيداري کان پوءِ ائين معلوم ٿئي ٿو ته محبوبه جي ڏندن تي برف جي پاڻيءَ جا قطرا آهن، جيڪي خاص ماکي ڪينون بيٺا آهن، ۽ جيئن جيئن اُها اسان جي سامهون اچي ٿي ته گريبان مان مشڪ نمي ٿو ۽ جڏهن اٿڻ گهري ٿي ته نزاڪت ڪري

ان ۾ لچڪ ٿي وڃي ٿي)

بشير بن ابي خازم چيوته :

فقد اوفرون من قسط ورند   ومن مسك اجم ومن سلاح

(اهي بيڙيون قسط، خوشبوءِ، مشڪ ۽ جنگ جو سامان گهڻو آڻين ٿيون)

يزيد بن قيس ڪلابي فاروقي دور جي هڪ عامل جي شڪايت ڪندي چيوته :

اذ التاجر الهندى جاء بفارة   من المسك ضحت فى سوالفهم تجرى[1]

(جڏهن هندستاني واپاري مُشڪ جوڏُنُ آڻين ٿا ته انهن جي گردنن ۾ گويا خوشبوءِ جو درياءِ وهڻ لڳي ٿو.)

فتوح البلدان ۾ آهي ته :

اذا التاجر الدارى[2]

عود: عود (اگر) هندستان جي مشهور ڪاٺي ۽ عربن جي پسنديده خوشبوءِ آهي. ان کي عود هندي، عود صنفي، عود قماري، عود مندلي ۽ عود ڪلهي جي نالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو، پر ڪڏهن صرف "هندي" قماري ۽ مندلي چون ٿا ان جو مطلب به عود آهي. عدي بن رقاع لکيو آهي ته :

ربّ نار بت ارمقها   تقضم الهندى والغارا

(اهڙي باهه کي ڏسي مان رات گذاري جيڪا عود هندي ۽ "غار" جي وڻ کي ساڙي رهي هئي)

نابغه شيباني چوي ٿو ته :

قدعبق العبير بها ومسك   يخالط من الهندى عود

(ان جي جسم تي زعفراني خوشبوءِ ۽ عود هندي ۾ ملايل مشڪ لڳل آهي)

"عمرو بن طنابه جاهلي" چوي ٿو:

---

[1] الاصابه ج ١ ص ١١٤٠ - ج ٣ ص ٦٣٦ [2] فتوح البلدان ص ٣٧٧

اذا مامشت نادیٰ بما فی ثیابها ذکی الشذا والمندلی المطیر

(جڏهن محبوبہ گهمي ٿي تہ ان جي حُسن جي خبر تين خوشبوءِ ۽ اڏرڻ واري "مندلي عود" ڪري ٿي)

ابراهيم بن علي ابن هرمہ چوي ٿو تہ:

کأن الرکب اذا طرقتك باتوا بمندل اوبقارعتی قمارا

(قافلي وارا جڏهن رات جو تو وٽ پهتا تہ تنهنجي اهڙي خوشبوءِ محسوس ٿي جڻ اهي مندل ۽ قمار ۾ آهن)

ڪافور: ڪافور عربي زبان ۾ ڪيترن لفظن سان استعمال ٿئي ٿو ڪافور، قفور ۽ قافور هي هندي لفظ "ڪپور" آهي. هون ءَ تہ ڪافور عرب جي مصر بازار ۾ وڪامندو هو. پر "دارين" جهڙي طرح "هندي مشڪ" جي وڏي منڊي هئي، اهڙي طرح "ڪافور" جي بازار بہ هئي ۽ هتان بين علائقن ڏانهن ڪافور موڪليو ويندو هو.

"نابغہ شيباني"[1] چيو تہ:

کأن رضاب المسك فوق لثاتها وكافور داری وراحًا تصفق

(هن جي مهارن جي مٿان دارين جو ڪافور ۽ شراب پئي بکي رهيا آهن -)

داري جي تشريح ۾ "ديوان نابغہ" جي حاشيہ ۾ هن ريت آهي:

الداری العطار منسوب	داري عطر وڪڻندڙ وارن ڏانهن
الی دارین وهی فرضه بالبحرین	منسوب آهي جيڪو بحرين جو وڏو
یحمل الیها المسك من الهند[1]	بندرگاهہ آهي. اتي هندستان کان
	مشڪ آندو ويندو آهي.

هڪ ٻئي شاعر چيو تہ:

[1] ديوان نابغہ بني شيبان ص ٣ -

لها فارة ذفراء كل عشية — كما فتق الكافور بالمسك فاتقه

(ان جي لاءِ هر شام مشڪ جي ڏن جي خوشبوءِ هوندي آهي، جيئن ڪنهن ڪافور ۾ مشڪ ملائي خوشبوءِ ناهي هجي)

نابغه شيباني چيوته:

شيت بكافور وماء قرنفل — وبماء موهبة يسح فدامها

(هو ڪافور، لونگ جي پاڻي ۽ مٺي پاڻي ۾ ملائي وئي آهي ۽ ڍڪڻ جي مٿان وهي رهي آهي)

كأنّ مدامة ورضاب مسك — وكافورًا ذكيالم يغش

(هو شراب ۾ مشڪ حل ٿيل خوشبوءِ جو ڪافور آهي جنهن ۾ ملاوٽ نه ڪئي وئي آهي)

سُنڍ : زنجبيل هندي زنجابير جو مُعرب آهي جنهن جي معنيٰ سُنڍ آهي تازي سنڍ کي ادرڪ چوندا آهن. ان کي عرب سُڪل ۽ آلي ٻنهي طريقن سان استعمال ڪندا هئا ۽ ان جي خوشبوءِ عربن کي ڏاڍي پسند آهي.

لسان العرب ۾ آهي ته:

والعرب تصف الزنجبيل	عرب سنڍ جي خوشبوءِ جي تعريف
بالطيف وهو مستطاب	ڪندا آهن ۽ اها انهن وٽ ڏاڍي
عندهم جدًا [1]	مرغوب ۽ پسند واري آهي.

اعشيٰ جو قول آهي ته:

كأنّ القرنفل والزنجبيل باتا بفيها داريا مشورًا

(اُن جي وات جي لعاب جي لطافت جو هي حال آهي ته جيئن ان جي وات ۾ ماڪيءَ سان لونگ ۽ سنڍ، مشڪ داري ۾ رات گذاري آهي)

---

[1] ديوان نابغه بني شيبان ص٣

هڪ ٻئي شاعر جو قول :

وزنجبيل عاتق مطيّب [1]

سنڍ مليل پراڻو خوشگوار شراب

لونگ : قرنفل (لونگ) کي عرب قرنفول به چوندا آهن. هي "ڪرن ڦول" جو (عربي شڪل) تبديل شڪل آهي. عربي ادب ۾ هن جو ذڪر گهٽ آيو آهي لسان العرب ۾ آهي ته :

و قد ڪثر فى ڪلامهم واشعارهم

(ان جو ذڪر عربي ڪلام ۾ گهڻو آيو آهي)

هڪ شاعر جو قول آهي ته :

وبابي ثغرڪ ذاڪ المعسول   ڪأنّ ، أينابه القرنفول

(مان تنهنجي ان مٺڙي وات تان قربان وڃان، جنهن جي ڏندن ۾ ڄڻ ته لونگ آهن جن جي خوشبوءِ ڦهلجي رهي آهي)

هڪ ٻئي شاعر چيو :

وخودة اناة كالمهاة عطبول   كأن فى اينا بها القرنفول [2]

(هوءَ نيل گاءِ وانگر ڪاري اکين واري نازنين جنهن جي ڏندن ۾ ڄڻ لونگ خوشبوءِ پيدا ڪن ٿا)

امرءالقيس چيو ته :

اذا قامتا تضوع المسڪ منهما   نسيم الصبا جاءت بريا القرنفل

(جڏهن اهي ٻئي بيهن ٿيون ته انهن مان مشڪ جي خوشبوءِ ڦهلجي ٿي يعني صبح جي هير لونگ جي خوشبوءِ کڻي آئي آهي).

نابغه شيباني چيو :

---

[1] لسان العرب ج ١١، ص٢١٣،   [2] لسان العرب ج ٤، ص٥٥٦

سلافة قرقف شيبت بمسك   من الخضرات خلت رضاب فيها

(حيادار ڪنوارين جي وات جو لُعاب اهڙو معلوم ٿئي ٿو جيئن لونگ جو شراب آهي جنهن ۾ مشڪ مليل آهي).

مــريج : فلفل پسالا يا پيپلا (مرچ) جو عربي ۾ ان جا صيغا به ٺاهيا ويا آهن ۽ مفلفل ان شئي کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ فلفل جي خوشبوءِ ملائي وئي هجي. لسان العرب ۾ آهي ته:

وقد ڪثر مجيئه في ڪلامهم[1]

(ان جو ذڪر عربي ڪلام ۾ گهڻو ٿيو آهي)

امرءِ القيس چيو ته:

صبحن سلافا من رحيق مفلفل   ڪأن مڪاڪي الجواء عندية

("جوا" جون آريون اهڙيون بدحواس هيون ڄڻ انهن کي مرچ مليل سوائي پياري وئي آهي)

ساڳوان : ساج (ساڳوان) هندستان جي بهترين عمارتي ڪاٺي آهي جيڪا قديم زماني کان عرب ۾ استعمال ٿيندي هئي ۽ وڏي تعداد ۾ هتان ويندي هئي، جنهن مان در دريون، ٿنڀا ۽ ڇت وغيره ٺاهڻ جي ڪم ايندي هئي. عام طرح سان هندستان مان ساڳوان جا بند عرب ويندا هئا، جنهن کي ضرورت آهر ڪاٽيو ويندو هو. اُن بُندکي عرب "ساجه" چوندا هئا. اِها ڪاٺي عام طرح "ڪوڪن" جي علائقي مان موڪلي ويندي هئي:

اعلي محاربيها بالساج مسقون[2]   وقبة لاتڪاد الطير تبلغها

(ان قبي جي بلندي کي پکي نه ٿو پهچي سگهي، ان جي سڀ کان وڏي محراب تي ساڳوان جي ڇت ٺهيل آهي)

---

[1] لسان العرب ص ٥٣٢   [2] ديوان نابغه بني شيبان ص ٥٣

حديثن ۾ "ساج" جو ذڪر آيو آهي ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان مان ٺهيل سامان استعمال ڪيو آهي.

قسط : قسط جو لفظ هندي "ڪُٺَ" مان نڪتل آهي. ان کي ڪست، ۽ ڪسط به چوندا آهن، اما هندستان جي ٺهيل مشهور دوا آهي جيڪا عرب ۾ ڏاڍي مشهور هئي ۽ مختلف بيمارين ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي. "بشر بن ابي خازم اسدي" واپاري ٻيڙي جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته:

فقد اوقرن من قسط و رند　　ومن مسک احمۃ من سلاح

(اهي ٻيڙيون وڏي تعداد ۾ قسط، عود، مشڪ ۽ اسلحه سان ڀريون ويون)

حديث پاڪ ۾ "قسط هندي" جا وڏا فائدا بيان ٿيل آهن ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان جي استعمال جي تاڪيد فرمائي آهي.

تاڙي : "داذي" هندي لفظ تاڙي" مان ورتل آهي. جيتوڻيڪ تاڙي عرب ۾ به ٿيندي آهي پر ابن خردازبہ جي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏکڻ هندکان به تاڙي عرب ويندي هئي.

هڪ شاعر ان جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

شربنا من الداذی کانّنا　　ملوک لنا بر العراقين والبحر

(اسان اهڙين تاڙي پي نشي ۾ بادشاه بڻجي وياسين، جو عراق، عرب ۽ عراق عجم ۽ سنڌ اسان جي هٿ هيٺ اچي ويا)

اسود بن ڪريم چيو ته:

قدحسنا الداذی صرفًا

من تاڙي خالص تاڙي ڍءُ ڪري پيتي.

سنڌي ڪڪڙ : "دجاج سنذي" يعني سنڌي ڪُڪِڙ ۽ "ديک سنذي" يعني "سنڌي ڪُڪُڙ" انهن ٻنهي جو استعمال به عرب ۾ عام هو

۽ عرب انهن کان چڱي طرح واقف هئا، سنڌي ڪڪڙ جو ذڪر "ابن خردازبه" المسالڪ الممالڪ ۾، "ابن فقيه همداني" مسالڪ الممالڪ ۾ "جاحظ" "ڪتاب الحيوان"[1] ۾ ڪيو آهي، پر "جاحظ" دجاج سنڌي کي انهن جانورن ۾ شمار ڪيو آهي جن کي الله تعالىٰ هندستان جي خصوصيتن مان بنايو آهي. هن لکيو آهي ته "دجاج خلاسي" ان ڪڪڙ کي چيو وڃي ٿو جيڪا "نبطي" ۽ سنڌي ڪڪڙن جي گڏيل نسل مان هجي ۽ جيڪڏهن ڪڪڙ خالص اڇي رنگ جي ۽ هندستان جي هجي ته ان کي "بسيري" چون ٿا.

صاحب مجمع البحرين لکيو آهي ته:

وفي الحديث دجاج سندي[2]

حديث ۾ سنڌي ڪڪڙ جو ذڪر آهي.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ سنڌي ڪڪڙ متعارف ۽ استعمال ٿيندي هئي.

سنڌي ڪپڙا: عرب ۾ سنڌ جي نهيل خاص قسم جي ڪپڙن کي "مسنده" ۽ "مسنديه" چوندا هئا ۽ انهن جو استعمال به عام هو. عام طرح انهي جون چادرون ٺهنديون هيون، جيئن ته هي ڪپڙو هندستان کان پهريون يمن ويندو هو ان ڪري ان کي "برديماني" چيو ويندو هو:

لسان العرب ۾ آهي ته

والمسندة والمسندية ضرب	مسندة ۽ مسندية ڪپڙا هڪ ئي
من الثياب وفي حديث عائشة	قسم جو نالو آهي. حضرت عائشه
رضي الله عنها اندرائ عليها	رضي الله عنها کان حديث آهي ته
اربعة اثواب سند قيل هو	مان نبي صلي الله عليه وسلم جن جي

---

[1] ڪتاب الحيوان ص ١١٥، [2] مجمع البحرين

نوع البرود ايمانية [1]

جسم مبارڪ تي سنڌ جا چار ڪپڙا ڏنا، ڪجهه جو خيال هو ته اهي يمني چادرن هڪ قسم آهي.

گوڏ ۽ چادر: لسان العرب ۾ آهي ته گوڏ ۽ بوچڻ جا ڪپڙا به سنڌ کان عرب ويندا هئا:

الفوطة ثوب قصير غليظ يكون مئزرًا يجلب من السند

فوط ننڍو ڪپڙو آهي جيڪو انگوشو ۽ پوتڙو ٿيندو آهي سنڌ کان آندو ويندو آهي.

بعد ۾ ان جو رواج سامان ڍوئيندڙن، مزدورن ۽ نوڪرن ۾ عام ٿي ويو هو.

مشهور لغت جي امام ابو منصور جو بيان آهي ته:

ورأيت بالكوفة ازرًا مخططة يشتريها الجمالون والخدم فيتزرون بها [2]

مان ڪوفي ۾ ڏٺو اُٺن وارا (اُوٺي) ۽ نوڪر چاڪر پٽا پٽي ۽ لڪير واريون چادرون خريد ڪن ٿا ۽ انهن کي بوچڻ ۽ گوڏ لاءِ استعمال ڪن ٿا.

اسان جي زماني ۾ عام طرح سان ان قسم جا پٽا پٽي ۽ لڪيردار رنگين انگوشا استعمال ٿين ٿا. اهو ئي لفظ "فوطه" ۽ "فوط" آهي. جيڪو هندستان ۾ "پوتڙو" جي نالي سان مشهور آهي. جنهن جو اڄ ڪلهه عام طرح سان چيٽ وارن جو ريشمي ٿانُ آهي.

چولو: چولو خالص هندستاني لباس آهي، جيڪا قديم زماني کان ايران ۽ عرب ۾ رائج هئي. عرب چولي (ڪُرتي) کي سڏاريي "قرطق" چون ٿا.

---

[1] لسان العرب ج ٣ ـ ص٢٢٣ [2] لسان العرب ج ٧، ص٣٧٣ ـ

لسان العرب ۾ آهي :

(قرطق) اى قبا وهو تقريب كُرته ، وقد تضم طاءه، وابدال القاف من الهاء فى الاسماء المعربة كثير كالبرق والباسق والمستق[1]

قرطق قباءِ آهي ۽ اهو ڪُرته جو معرب آهي ۽ قرطق جي طاء کي پيش به ڏين ٿا ۽ عربي تبديل (تبديل ٿيل) آهي ۽ "ها" کي "طا" سان مٽائڻ اڪثر (گهڻو) آهي. جيئن "بره" کان "برق" ۽ "باسه" کان باسق ۽ مستہ کان مستق .

ايران جي بادشاهن جي دربار ۾ جڏهن "عرب جا بادشاهه" ويندا هئا ته شاهي دربار جي سينگارڻ ۾ ڪُرته جو استعمال خاص ڪري ٿيندو هو. ۽ ان جو شمار شاهي لباس ۾ ٿيندو هو. "قاضي رشيد بن زبير" "الذخائر والتحف" ۾ ان موقعي تي لکيو آهي ته :

والبسهم الديباج الملون من الثياب والقراطق، وفى اوساطهم مناطق الذهب الاحمر مرصعة بانواع الجوهر، وعن شماله اولاد المرازبة عليهم القراطق[2]

بادشاه ، شهزادن کي ڪپڙن ۽ چولن ۾ رنگين "ديبا" پهرائيندو هو ۽ انهن جي چيله ۾ سون جا پٽا هوندا هئا جيڪي قسمان قسم هيرن جواهرن سان جڙيل هوندا هئا ۽ بادشاه جي کٻي پاسي صوبن جي حاڪمن جا پٽ چولا (ڪُرتا) پهريل بيٺا هوندا هئا.

سليمان تاجر بحرهند (بحر هرڪند) جي جزيرن جي باشندن جي

---

[1] لسان العرب ج ۱. ص ٣٢٣ - [2] ڪتاب الذخائر والتحف ص ۱۲۸ - ڪويت .

صنعت ۽ حرفت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

حتى انهم يعملون القميص	انهن جي ڪاريگري جو اهو حال
مفروغا منه نسجا بالمكين	آهي ته هو اهڙا چولا ٺاهن ٿا
والدخريصين والحبيب	جنهن ۾ ٻيءِ ٻاهون، تريزان،
	ڳلو ۽ کيسا پريل هوندا آهن.
	اهڙيءَ طرح انهن کي سلائي ڪرڻ
	جي ضرورت نه ٿي پئي.

نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ چولي جو استعمال هو، ڪجھ روايتن ۾ ان جو ذڪر آهي، پر بعد تائين اهو ڪپڙو بادشاهن ۽ حاڪمن جو لباس هو. "اصطخري" "منصوره" جي مسلمان حاڪمن جو لباس "چولو" ٻڌايو آهي:

وزيهم زي اهل العراق	منصوره وارن جو لباس عراق
الا ان زي ملوكهم يقارب	وارن جهڙو آهي. پر هتان جي
زي ملوك الهند من	مسلمان حاڪمن جو لباس
الشعور والقراطق.[1]	هندستان جي راجائن جهڙو
	آهي ۽ اهي به وار رکن ٿا ۽ چولو
	پائن ٿا.

اهڙيءَ طرح اهو ئي جاگرافي دان پي جاءِ تي "ملتان" ۽ "منصوره" جي عام ماڻهن جو لباس "چولو" بيان ڪيو آهي:

ولباس القرطق فيهم ظاهر	چولو پائڻ انهن ۾ عام آهي
الا التجار فان لباسهم القميص	پر واپارين جو لباس قميص ۽

---

[1] مسالڪ الممالڪ ص ١٧٣.

[2] مسالڪ الممالڪ ص ١٧٧.

والاردية وسائر اهل فارس والعراق [ل]   چادر آهي ۽ فارس ۽ عراق وارن جو لباس به قميص ۽ چادر آهي.

هيءَ هندستاني شين جي فهرست آهي جن جو استعمال عرب ۾ عام جام هو. ان کان سواءِ ٻيون ڪيترئي هندستاني شيون عرب ۾ استعمال ٿينديون هيون ، عربي شعرن، لغت جي ڪتابن جي چند ڇاڻ ڪان پوءِ انهن (شين) جا نشان ملي سگهن ٿا .

ل مسالك الممالك ص١٧٧ .

عَرَب ۾ آبَاد هندسِتاني قَوَمُون

قديم زماني کان عرب، "سنڌ ۽ هند" کي ٻه جدا جدا ملڪ ليکيندا هئا ۽ ته عام طرح سان سنڌ جي باشندن کي سنڌي ۽ هندستان جي ماڻهن کي هندي چوندا آهن.

سنڌ ۽ سنڌي: جهڙي طرح سنڌ هڪ ملڪ جو نالو آهي. اهڙي طرح اتان جي قوم کي به "سنڌي" چون ٿا. لسان العرب ۾ آهي:

والسند جيل معروف والجمع اسناد وسُنود، وسند بلاد، تقول سندى للواحد، وسند للجماعة مثل زنجى وزنج[1]

سنڌ هڪ مشهور گروهه آهي، ان جو جمع "اسناد" ۽ "سنود" آهي ۽ سنڌ چند شهرن جي مجموعه جو نالو آهي، توهان هتان جي ماڻهن کي سنڌي سڏيندا ۽ جمع لاءِ سنڌ استعمال ڪندا. جيئن زنجي ۽ زنج آهي.

مسنده، مسنديه، سَنَد ۽ سند جي نالن سان سنڌ ۾ هڪ قسم جو ڪپڙو ٺهندو هو، جيڪو عرب ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. رجل سنڌي وانگر ثوب سنڌي ۽ دجاج سنڌي (سنڌي ڪڪڙ) به ان ملڪ جي نسبت سان مشهور هئي. هتان جا باشندا قديم عرب ۾ ڪافي گهڻا آباد هئا. خاص ڪري "يمن" جي

---

[1] لسان العرب ج ٣، ص ٢٢٣ - بيروت.

علائقي ۾ انهن جي گهٽائڻ ۽ طاقت مچيل هئي . اهڙي طرح رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي ننڍپڻ جي ڏينهن ۾ جڏهن حبشه جي بادشاهه "ابرهه" جي پٽ "مسروق بن ابراهه" يمن تي حملو ڪري "سيف بن ذي يزن" کي ٻي دخل ڪري ڇڏيو ۽ ان "ڪسرىٰ نوشيروان" وٽ وڃي بيان ڪيو ته ان پڇيو ته :

اى الاغربة الحبشه أم السند[1]

ڪهڙن غير ملڪن يمن تي قبضو ڪيو آهي ۽ حبشين يا سنڌين

ڪسرىٰ جي ان سوال ڪرڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت "يمن" ۾ سنڌين جي آبادي ڪيتري قدر گهڻي هئي ۽ انهن کي ڪهڙو شان وشوڪت حاصل هو.

هِند ۽ هِندي : جهڙيءَ طرح "هند"، سنڌ جي مقابلي ۾ هڪ ملڪ جو نالو آهي، اهڙيءَ طرح ان ملڪ جي باشندن کي عرب "هند" جي نالي سان ياد ڪندا هئا ۽ جمع ۾ "هنود" ۽ واحد ۾ "هندي" چوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن "ي" نسبت کان اڳ "ڪاف" جو اضافو ڪري "هندڪي" به چوندا هئا. جنهن جو جمع "هنادڪ" آهي. ڪڏهن هندي کان "عود هندي" جو مطلب ڪڍندا هئا. سيف مهند، سيف هندي، سيف هُندواني، سيف هِندواني ۽ هندي. هندستان جي ٺهيل تلوار کي چوندا آهن. لسان العرب ۾ آهي ته :

قال الازهرى والاصل فى التهنيد عمل الهند، يقال سيف مهند وهندى وهندوانى اذا عمل ببلاد الهند واحكم عمله والمهند السيف

ازهري جو چوڻ آهي ته اصل ۾ "تهنيد" جي معنىٰ هندستان ۾ يا هندستانين جي تلوار ٺاهڻ آهي، "سيف مهند"، هندي "هندواني" ان تلوار کي چيو وڃي ٿو، جيڪا

---

[1] سيرت ابن هشام ج ١، ص ٦٣ ۽ طبري .

المطبوع من حديد الهند
وهند اسم بلاد، والنسبة
هندي، والجمع هنود كقولك
زنجي وزنوج وسيف هندوانى
بكسر الهاء وان شئت ضمتها
اتباعا للدال، ابن سيدة
والهند جيل معروف ..... .
ويقال رجل هندكى، قال ولو
قيل ان الكاف اصل وان
هندى وهندكى اصلان بمنزلة
سبط وسبطر لكان قولا
قويا والسيف الهندوانى، و
المهند منسوب اليهم[1]

هندستان ۾ ناهي وئي هجي، ان
جي بناوت نهايت عمده هجي ۽
"مهند" اها تلوار آهي جيڪا هندستان
جي لوهه مان ناهي وئي هجي ۽
"هند" شهرن جي مجموعي جو نالو
آهي. ان جي نسبت هندي آهي ۽
ان جو جمع "هنود" آهي ۽ سيف
هِندواني ۽ سيف هُندواني به -
چون ٿا ۽ "هند" هڪ مشهور گروه
جو نالو آهي. جتان جي باشندن کي
"هندي" ۽ "هند" چوندا آهن .
جيڪڏهن "هندڪي" جي "ڪاف" کي
اصل مڃي "سبط" ۽ "سبطر" وانگر
ان کي بہ مڃيو وڃي تہ هي قول قوي
آهي ۽ "سيف هندواني" ۽ "مهند"
ان تلوار کي چون ٿا جيڪي هندستان
ڏانهن منسوب آهن .

ابو طالب رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي باري ۾ هڪ قصيده
چيو آهي جنهن جو هڪ شعر هي آهي:

بنى امة محبوبة هندكية   بنى جمع عبيد قيس بن عاقل[2]

ڪثير شاعر چيو آهي تہ:

---

[1] لسان العرب ج ٣ - ص ٤٣٨ - [2] سيرة ابن هشام ج ١ - ص ٢٧٩ مصر

ومقربة دهم وكمت كانها طماطم يوقون الوفور هنادكا[1]

محمد بن جيب چيو آهي ته ڪثير هنادڪ جو مطلب ”هندستان جا ماڻهو“ ورتو آهي. ابن هرمه چيو آهي:

كأعناق نساء الهند وقد شيبت با وصاح

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وفات کان ڪجهه مهينا اڳ هندستان جي ماڻهن جو ذڪر هڪ موقعي تي فرمايو هيو، جڏهن جو حضرت خالد رضي الله عنه جي اڳواڻي ۾ ”نجران“ کان قبيلي ”بني حارث ابن ڪعب“ جو وفد پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو. پاڻ سڳورن ان کي ڏسي فرمايو هو:

من هؤلاء القوم؟ كانهم — اهي ڪير ماڻهو آهن جيڪي
رجال الهند.[2] — هندستانين جي ماڻهن وانگر آهن؟

هند ۽ سنڌ جون ست قومون : عرب ۾ هند ۽ سنڌ جون مختلف جماعتون نبي صلي الله عليه وسلم جن جي وقت ۾ موجود هيون. اهڙي طرح زُط (جاٽ) ميد، ”سيا بجه“، اساوره، احامره، بياسره ۽ ”تڪاڪره“، هتان جا رهاڪو هئا، جيڪي عرب ملڪ ۾ مختلف ڪمن ۽ ڌنڌن جي ڪري مختلف نالن سان ياد ڪيا ويندا هئا. انهن جو مختصر تعارف هي آهي:

① **زُط (جاٽ)** : هندستان جي مشهور ڪاري رنگ جي جنگ جو (ويڙهو) قوم آهي، جيڪا سنڌ کان سواءِ ”منصوره“ جي پروارن علائقن کان وٺي ”مڪران“ تائين پکڙيل هئي. بلوچستان ۾ ۽ هندستان جي علائقي پنجاب ۾ انهن جي آبادي هئي ۽ اهي ماڻهو انهن ئي شهرن کان عرب ويندا هئا.

---

[1] لسان العرب ج ۳، ص ۴۳۸-

[2] سيرة ابن هشام ج ۲، ص ۵۹۲ طبري ج ۳، ص ۱۵۷-

(٢) **ميد**: هيءَ هندستاني ساحلي قوم آهي جيڪا جهازن ۽ ٻيڙن کي سمنڊ ۾ ڦرندا هئا. ان قوم جا ڳوٺ سنڌ درياء کان وٺي هندستان جي سرحدي علائقي "اوتڪين" تائين پکڙيل هوندي هئي ۽ سنڌ درياء جي ساحلي شهرن کان وٺي ملتان تائين ان جون آباديون هيون. پر گجرات ۽ "ڪوڪن" جي ساحلي علائقن ۾ به ساموندي ڦورو گهڻا آباد هئا. جن کان اتان جا راجا ۽ بادشاه تنگ هئا، بعد ۾ مسلمانن انهن کي ختم ڪري ڇڏيو. اهي ماڻهو "ايران جي بادشاه" جي فوج ۾ شامل ٿي عرب ويندا هئا ۽ ساحلي شهرن ۾ رهندا هئا.

(٣) **سيابجه**: هندستان جي مشهور قوم "سيابجه" جو وطني تعلق به سنڌ ۽ هندستان جي ساحل سان هو. خاص ڪري سنڌ جو علائقو انهن جو مرڪز هو.

(٤) **احامره**: احامره به هتان جي ساحلي علائقن سان تعلق رکندا هئا. خاص ڪري هي ماڻهو هتان کان عرب ويندڙ ۽ واپاري جهازن جي حفاظت ۽ نگراني ڪندا هئا ۽ ساموندي ڌاڙيلن سان جنگ ڪندا هئا.

(٥) **اساوره**: اساوره ايران جي بادشاهن جي فوج ۾ "سوارن" جي وڏن عهدن تي فائز هئا. جيڪي عرب ۾ رهندا هئا، انهن ۾ هندستاني به هوندا هئا. انهن جو وطن سنڌ جي ساحل کان وٺي سرنديپ تائين پکڙيل هيو.

(٦) **بياسره**: بياسره به هندستاني هئا ۽ عرب ويندڙ جهازن جي نگراني لاءِ نوڪري ڪندا هئا. اهي ماڻهو به سنڌ کان وٺي بمبئي جي حدن صيمور (چيمور) تائين رهندا هئا.

(٧) **تاڪر (تڪاڪره)**: تاڪر سنڌ ۽ پنجاب جا جنگ جُو بهادر هئا، جن هندستان تي محمد بن قاسمؒ جي حملي وقت راجا ڏاهر وغيره جي مدد

۾ وڏي بهادري ڏيکاري هئي.

اهي چند مشهور قومون آهن جيڪي هندستان کان مختلف شهرن کان "عرب" ويندا هئا. انهن مان ڪيترا اُتي آباد ٿي ويا. ان کان سواءِ به هندستان جي ٻين شهرن جا ماڻهو عرب ۾ هوندا هئا.

هاڻي اسين تفصيل سان انهن هندستاني قومن ۽ جماعتن جو ذڪر ڪيون ٿا جيڪي نبي صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ عرب ۾ هوندا هئا. رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن جي بعثت جي وقت انهن اسلام جي دعوت قبول ڪئي يا انڪار ڪري جزيه ڏيڻ قبول ڪيو يا عربن ۽ ايرانين سان ملي ڪري جنگ ڪئي.

زُطُ يعني جاٽ: جاٽ جن کي عربي زبان ۾ "زُطُ" چون ٿا، اهي سانوري رنگ جا خالص هندستاني قوم جا باشندا هئا، جيڪي قديم زماني کان عرب ۾ وڏي تعداد ۾ آباد هئا. اها قوم سنڌ ۽ پنجاب ۾ به هوندي هئي. ڪجھ تاريخدانن بلوچستان جي باشندن کي به جاٽ چيو آهي، لسان العرب ۾ آهي ته:

الزط جيل اسود من السند	زُط سنڌ جا سانوري رنگ جا
وقيل الزط اعراب جت	باشندا آهن. هڪ چوڻي آهي ته
بالهندية وهو جيل من اهل	زُط هندي لفظ "جت" مان نڪتل
الهند وهم جنس من السودان	آهي ۽ اهو هندستانين مان آهي
والهنود والواحد زطي، مثل	ان لفظ جو واحد زطي آهي جهڙي
الزنج والزنجي والروم و	طرح زنج ۽ زنجي ۽ روم ۽
الرومي[1]	رومي.

[1] لسان العرب ج ٧، ص ٣٠٨ -

علامه محمد طاهر "مجمع بحار الانوار" ۾ لکي ٿو ته:

وهم جنس من السودان	اهي ماٺهو ڪاري رنگ جي سنڌين
السنود والهنود.[۱]	۽ هندن جي جنس مان آهن.

"طريح نجفي، مجمع البحرين" ۾ اها ئي عبارت لکي آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هي به لکيو آهي:

الزط بالضم من الهند معرب	زط هندستاني آهن. اهو لفظ
جهت بالفتح، الواحد زطي.[۲]	جت مان نڪتل آهي ۽ واحد
	زطي ٿئي ٿو.

ان وضاحت ۾ جاٽن کي سنڌي ۽ هندستاني ٻڌايو ويو آهي. پر "ابوالفداء"، "تقويم البلدان" ۾ لکيو آهي ته اسان جي زماني ۾ بلوچن کي به "جاٽ" چوندا هئا. جن جي زبان هندستان جي زبان سان ملي جلي ٿي.

واما البلوص المذكورون	انهن بلوچن کي اسان جي زماني
فيقال لهم في زماننا الجت	۾ "جت" چيو ويندو هو. هي هڪ
وهم طائفة تقرب لغتهم	گروهه آهي جنهن جي زبان
من الهندية.[۳]	هندي زبان وانگر آهي.

قديم ترين "ماهر النساب" ۽ يمن جي تاريخ جو عالم "ابو محمد عبد المالڪ ابن هشام"، "ڪتاب التيجان" ۾ جاٽن کي وسط ايشيا جي قومن ۾ بيان ڪيو آهي ۽ يمن جي قوم "تُبَّع ۽ تبابعه" جي حالتن ۾ جاٽن کي "بنو يافث" ۾ شمار ڪيو آهي. مثال طور "تبع شعر يرعش بن ناشر النعم" جي بيان ۾ آهي ته:

---

[۱] مجمع البحار ج ۲، ص ۶۲ - [۳] مجمع البحرين - ايران

[۲] تقويم البلدان -

وان الصغد والكرد والخزر والزط والقوط كلهم بنو يافث ابن نوح النبي صلى الله عليه وسلم[1]	صغد، ڪرد، خزر، زط قوم اهي سڀ يافث بن حضرت نوح عليه السلام جي اولاد آهن.

ٻئي جاءِ تي ان جو بيان آهي ته:

واقبل بنو يافث باجمعهم يناصرون قباد، وهم الترك والديلم والخوز والغور والتبت والصغد والزط والخوز[2]	۽ سيئي بنو يافث قباد جي مدد لاءِ تيار ٿي ويا. اهي ترڪ ديلم، خزر، غور، تبت، صغد، زط ۽ خوز آهن.

اسان جو خيال آهي ته اهي "تبع شمر يرعش" جي مقابلي ۾ "ايراني بادشاه قباد" جي مددگارن جي فهرست آهي. جنهن ۾ صغد، ڪرد، خزر، ترڪ، ديلم، غور ۽ تبت وغيره وانگر جاٽ به شامل هئا، جيڪي قديم زماني ۾ هندستان کان وٺي ايران جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿي ويا هئا ۽ اڪثر ايران جي فوج ۾ ايرانين وانگر رهندا هئا، (جيئن اڳتي معلوم ٿيندو) وسط ايشيا جاٽن جو آبائي وطن نه آهي، پر اهي هندستاني نسل مان هئا ۽ اتي وڃي آباد ٿي ويا هئا يا وري "جاٽ" جي لقب سان ڪاپرواري قوم هوندي.

هندستان ۾ جاٽن جو علائقو: تاريخدانن جن جاٽن کي قديم زماني کا عرب ۾ بيان ڪيو آهي، اهي مڪران، بلوچستان، ملتان، ديبل وغيره سنڌ ۽ ان جي پروارن علائقن جا رهاڪو هئا. قديم عرب جاگرافي دان ابن خردازبه مڪران ۽ منصوره (سنڌ) جي وچ ۾ ڪيترا سوين

---

[1] ڪتاب التيجان ص٢٢٢ - [2] ڪتاب التيجان ص٢٢٣ حيدرآباد

ميل علائقو جاٽن جو بيان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح فهرج (ايران) کان سنڌ ڏانهن ايندڙ سڙڪ جو تفصيل بيان ڪندي لکي ٿو ته:

من اول مکران الى المنصورة	مکران جي شروعات کان وٺي منصوره
ثلث مائة وثمانية وخمسون	تائين ٽي سؤ اٺونجاه ميلن جو
فرسخًا والطريق في بلاد الزط	مفاصلو آهي ۽ پوري رستو "زط" جي
وهم حفاظ الطريق ¹	آبادي کان ٿيندو وڃي ٿو، اهي ماڻهو
	ان رستي جا محافظ آهن.

اصطخري سنڌ (منصوره) کان ملتان تائين پوري وچين علائقي کي جاٽن جو علائقو چيو آهي ۽ ان ۾ انهن جي آبادي ٻڌائي آهي.

وبلد السند هو المنصورة و	سنڌ جو ملڪ منصوره ۽ زطن جا ڳوٺ
اراضى الزط وما والاها الى	۽ پرواڙ علائقا ملتان تائين
الملتان ²	پکڙيا پيا آهن.

ابوالفداء جو بيان مٿي اچي چڪو آهي ته بلوچستان جا باشندا "جاٽ" جي نالي سان ياد ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن جي زبان هندستان جي زبان جهڙي آهي. ان بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ عرب ۾ جيڪي جاٽ آباد ٿي ويا هئا اهي سنڌ جا رهاڪو هئا ۽ مڪران کان پنجاب تائين انهن جون آباديون (ڳوٺ) پکڙيل هئا.

ايران ۾ جاٽن جو علائقو:

هندستان جا "جاٽ" عرب ۾ مختلف طريقن سان پهچندا هئا. انهن مان ڪجھ "توابلہ" (بصره) کان عمان ۽ بحرين تائين جي ساحلي علائقن ۾ آباد ٿي ڪري. چوپايا، رڍون، ٻڪريون، اُٺ وغيره پاليندا هئا ۽ ڪجھ مستقل طرح سان ساحلي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آباد ٿي

---

¹ المسالک الممالک ص ٥٦ يورپ - ² المسالک والممالک ص ٣٥ -

وياهئا ۽ انهن جي اڪثريت ايران جي بادشاهه جي فوج ۾ سپاهي ٿي ايران ۽ عرب ۾ رهندا هئا، انهن جو مرڪز عراق ۾ اُبله ۽ ڏکڻ يمن ۾ هو. اهڙي ءَ طرح ايران ۾ قديم زماني کان جاٽن جا وڏا وڏا شهر ۽ وسندڙ واهڻ هئا جيڪي ايران کان عراق تائين ڦهليل هئا. "اهواز بازار" کان ايران ڏانهن ويندڙ رستي تي اٽڪل سٺ ميلن کان پوءِ جاٽن جو وڏو شهر هو. جنهن کي انهن جي نالي تي "زط" چيو ويندو هو. "ابن خردازبه" جو بيان آهي ته:

من الاهواز الى ازم ستة	اهواز کان ازم تائين ڇهن ميلن
فراسخ ومنها عبدين خمسة	جي مسافري آهي ۽ ازم کان عبد بن
فراسخ، ثم الى رام هرمز	پنج ميل آهي وري رام هرمز
ستة فراسخ ثم الى الزط	تائين ڇهه ميل آهي، اتان زط
ستة فراسخ [1]	ڇهه ميل آهي.

خوزستان جي علائقي ۾ جاٽن جو عظيم الشان ۽ بارونق شهر هو، جيڪو ٻن علائقن ۾ ورهايل هو ۽ ٻن نالن سان ياد ڪيو ويندو هو هڪ کي "حومة الزط" يعني جاٽن جو علائقو ۽ خطو ۽ ٻئي کي "خابران" چوندا هئا ٻئي علائقا وڏا هئا ۽ ٻن دريائن جي ڪناري تي آباد هئا. اصطخري "اقليم خوزستان" جي وڏن وڏن شهرن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

وحومة الزط والخابران	حومة الزط ۽ خابران ٻئي هڪ ئي
وهما واحد، والزط و	علائقي جا نالا آهن. زُط ۽ خابران
الخابران هما كورتان	ٻئي ٻن وهندڙ دريائن جي ڪناري
عامرتان على نهرين جارين [2]	تي آباد آهن.

ڪابل ۾ به جاٽن جي آبادي هئي. ان مان ئي بعد ۾ امام اعظم

---

[1] المسالك الممالك ص ٤٣ - [2] تاريخ ابن خلڪان ج ٢، ص ٢٩٤ ايران

ابوحنيفه نعمان بن ثابت زوطي (زط) بن ماه رحمة الله عليه پيدا ٿيو. غالبًا زوطي جو اسلامي نالو نعمان هو ۽ ماه شاه ايران جي مرزبان يعني نائب حاڪم هو. ان ڪري ڪجهه روايتن ۾ "زوطي بن ماه" جي بدران نعمان بن مرزبان آيو آهي.[1]

عرب ۾ جاٽن جو علائقو: هندستانين جي جاٽن جو ايرانين جي وسيلي عرب ۾ وڃڻ ۽ اتي آباد ٿيڻ جي تاريخ بلاذري "فتوح البلدان" ۾ "امرالاساورة والزط" جي ماتحت هن طرح لکي آهي:

واما السيابجة والزط و	سيابجه، زط ۽ اندغار ايراني
الاندغار فانهم كانوا في	فوج ۾ انهن جي قيدين مان هئا.
جند الفرس ممن سبوه وفرضوا له	ان فوج کي ايرانين سنڌين ۾ شمار
من اهل السند ومن كان سبيا	ڪري انهن جي لاءِ درجي ۾ رکيو
من اولى القراة فلما سمعوا	هو ۽ انهن کي به وڏي هندڙ سپاهين
بما كان من امر الاساورة	جي حيثيت ڏني هئي، جڏهن اهي
اسلموا واتوا ابا موسىٰ	فوجين "اساوره" جي مسلمان هئڻ
فانزلهم البصرة كما انزل	جو واقعو پڌو ته هي به مسلمان ٿي
الاساورة.[2]	ڪري حضرت ابوموسىٰ رض وٽ آيا ۽
	ان به انهن کي اساوره وانگر بصره ۾
	آباد ڪيو.

ان ڪان اڳ ايران جا فوجي "اساوره" جي اسلام آڻڻ جي سلسلي ۾ "شيرويه اسواري" جو مسلمان ٿي بصره آباد ٿيڻ بيان ڪيو آهي:

---

[1] تاريخ ابن خلڪان ج ٢. ص ٢٩٤. ايران.

[2] فتوح البلدان ص ٣٦٨.

فانضم الى لاساورة السيابجة	شيرويه اسواري ٻنهي ٽولي سميت
وكانوا قبل الاسلام بالسواحل	شامل ٿيو. اهي سيابجه اساوره اسلام
وكذالك الزط وكانوا	کان اڳ خليج عرب جي ساحل تي
باالطفوف تيتبعون الكلا [1]	رهندا هئا. اهوئي حال جاٽن جو هو
	اهي ماڻهو ساحل تي گاهه جي تلاش
	۾ گهمندا ڦرندا هئا.

ان باب ۾ علامه بلاذري لکي ٿو ته:

وقدكان معاوية نقل من	حضرت معاويه رض قديم زماني
الزط والسيابجة القدماء	کان آباد جاٽن ۽ سيابجه جي هڪ
الى سواحل الشام وانطاكية	ٽولي کي شام ۽ انطاڪيه جي ساحل
بشر [2]	تي منتقل ڪري آباد ڪيو.

انهن سڀني بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته جاٽ قديم زماني کان ايرانين جي فوج ۾ رهندا هئا. انهن سنڌي سپاهين کي عام ايراني سپاهين کان جدا ڪري، انهن جي پگهارن جو معيار به ايرانن کان جُدا هو. هنن جي حيثيت هڪ بيگر وانگر هئي. اسلام کان اڳ هي هندستاني جاٽ خليج عرب (خليج فارس) جي سرسبز ۽ شاداب ساحل ''اُبله'' کان وٺي بحرين ۽ عمان تائين پکڙيل هئا ۽ اُبله جنهن جي ويجهو بصره آباد ٿيو هو ان جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. جڏهن هي ماڻهو مسلمان ٿيا ته شام جي ساحل ۽ انطاڪيه ۾ به انهن جو وڏو تعداد آباد ٿيو.

اُبله کان پوءِ جاٽن جو ٻيو مرڪزي مقام ''بحرين'' هو. جتان اهي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي رسالت کان اڳ وڏي تعداد ۾ آباد هئا.

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٦٧ - [2] فتوح البلدان ص ٣٦٩ -

اهڙيءَ طرح سنه ١١ھ ۾ جڏهن بحرين ۽ ان جي پرڳڻي ۾ ارتداد جو فتنو پيدا ٿيو ته جاٽ به ان جي لپيٽ ۾ اچي ويا ۽ حطم بن ضبيعه، قطيف ۽ هجر ۽ حظ ۾ آباد جاٽن کي اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف ڀڙڪايو ۽ پاڻ سان ملائي ڇڏيو:

حتى نزل القطيف وهجر	حطم بن ضبيعه "قطيف" ۽ هجر
واستغوى الحظ ومن فيها	پهتا ۽ "حظ" جي پوري آبادي کي
من الزط والسيابجة [1]	۽ اتي جيتريقدر جاٽ ۽ سيابجه
	هئا سڀني کي گمراهه ڪري پنهنجي
	فوج ۾ شامل ڪيو.

وري جڏهن اسلامي فوجن جي مقابلي ۾ انهن کي شڪست آئي ته هڪ وڏو ٽولو "دارين" ڏانهن ڀڄي ويو ۽ باقي شڪست کاڌل ڪافر پنهنجي ملڪن ۽ قبيلن ڏانهن هليا ويا. ان مان ظاهر آهي ته هندستان جا جاٽ به شڪست کائڻ کان پوءِ هندستان ڏانهن ڀڳا هوندا. مڪي مڪرمه ۾ به جاٽ موجود هئا ۽ اتان جا ماڻهو انهن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. جامع ترمذي جي "ابواب الامثال" جي هڪ ڊگهي حديث ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رض رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي معيت ۾ بطحاوي مڪه ۾ جنن کي ڏٺو جنهن جي شڪل ۽ صورت ان جي مطابق جاٽن جي هئي:

فبينا انا جالس فى خطى اذا	مان پنهنجي چوگرد ڪڍيل ليڪي ۾
اتانى رجال كانهم الزط	ويٺو هوس ته ڪجهه ماڻهو منهنجي
اشعارهم واجسامهم لا ارى	پرسان آيا، اهي ماڻهو پنهنجي وارن
عورة ولا ارى قشرا [2]	۽ جسم ۾ جاٽن وانگر هئا. مان

[1] تاريخ طبري ج ٣، ص ٢٥٦ - [2] ترمذي شريف ابواب الامثال -

نه انهن جو ستر ڏسي سگهيس ۽

نه انهن جو چمڙو مون کي نظر آيو.

مدينه منوره ۾ قديم زماني کان ڪجهه جاٽ موجود هئا، جن مان هڪ مسلمان جاٽ طبيب ۽ حڪيم هو، جنهن حضرت عائشه رضي الله عنها جي متعلق ٻڌايو هو ته ان تي ان جي ڀاڻيءَ جادو ڪيو آهي[1]

عربي زندگيءَ ۾ جاٽن جو اثر: جاٽ اوڀر ڪناري تي آباد ٿيڻ سان گڏو گڏ عرب جي وڏن وڏن شهرن ۾ به آباد هئا ۽ انهن جون خاص خاص شيون عربن ۾ رائج ۽ مشهور ٿي ويون هيون ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ اُهي انهن کي استعمال ڪندا هئا. اهڙي طرح جاٽن ۾ وارن ڪتائڻ جو هڪ قسم "قلي" آهي جيڪو عربن ۾ رائج ٿي ويو هو. لسان العرب ۽ مجمع البحار ۾ آهي ته:

وفی بعض الاخبار مخلق راسه زطية، قيل هو مثل الصليب كانه فعل الزط[2]	ڪجهه خبرن ۾ آهي ته پاڻ سڳورن جاٽن وانگر مٿو ڪوڙايو هو جنهن جي شڪل صليب وانگر هوندي آهي جيئن جاٽن جو طريقو آهي.

ان مان اهو معلوم نه ٿو ٿئي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جن اهڙيءَ طرح مٿو ڪوڙايو هو يا ڪنهن صحابيءَ وغيره جو واقعو آهي. پر ظاهري لفظن مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته پاڻ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جو واقعو آهي.

جاٽن جي نسبت سان ڪپڙا عرب ۾ مشهور هئا. لسان العرب ۾ آهي ته:

الزط جيل اسود من السند	جاٽ سنڌ جا سانوري رنگ جا

[1] الادب المفرد، امام بخاري ص ٢٧ - مصر -

[2] لسان العرب ج ٧ - ص ٣٠٨ ۽ مجمع البحار ج ٢ - ص ٦٢ -

البهم تنب الثياب الزطية [1] ما ٿيو آهن، انهن ڏانهن ”ثياب زطيہ“ (خاص قسم جو ڪپڙو) منسوب آهي.

ان عبارت مان بہ خبر نہ ٿي پئجي سگهي تہ ثياب زطيہ خاص قسم جو ڪپڙو هو، جنکي جاٽ تيار ڪندا هئا ۽ عرب جي بازارن ۾ وڪامندو هيو. يا انهن جي ذاتي پوشاڪ جو ڪپڙو هو، جيئن گوڏ وغيره.

جاٽن جي ذريعي ڳائڻ جا ڪجهہ هندي راڳ بہ قديم زماني کان عربن ۾ مشهور هئا ۽ انهن جي ذريعي هندي موسيقي کان مزو وٺندا هئا. ان جو بيان جيتوڻيڪ نہ ٿو ملي پر ”جاحظ ڪتاب الحيوان“ ۾ هڪ شاعر جو رجز نقل ڪيو آهي. جنهن ۾ هن مچرن جي آواز کي ”جاٽن“ جي نغمن سان پيٽ ڏني آهي، ان رجز جو هڪ مصرع هي آهي:

اذ تغنين غناء الزط — مچر جاٽن جي ڳائڻ وانگر ڳائي رهيا هئا.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ عربن ۾ جاٽن جا نغما ڏاڍا مشهور هئا. مٿين بيانن مان جتي هي معلوم ٿئي ٿو تہ عرب ۾ جاٽن جون عادتون ۽ رسمون مشهور هيون. اتي هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هندستان جا جاٽ عرب ۾ پنهنجي ملڪي ۽ قومي خاصيتن قائم رکڻ ۾ آزاد هئا ۽ انهن تي عربي زندگي اهڙي طرح مڙهيل نہ هئي تہ هو پنهنجي هندي زندگي کي بلڪل ئي وساري ويٺا هئا، پر انهن عربي زندگي ۽ کي پنهنجن عادتن ۽ رسمن کان متاثر ڪيو.

جاٽن جي زبان ۽ ان جو عربي زبان تي اثر:

ڪجهہ روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جاٽ پنهنجي هندستاني زبان خلافت راشده تائين

---

[1] لسان العرب ج ٧ - ص ٣٠٨ -

محفوظ رکي ۽ اُهي ان زبان ۾ ڳالهائيندا هئا، "مجمع البحرين" ۾ آهي ته:

وفي حديث علي انه لما فرغ	حضرت عليؓ جي واقعي ۾ آهي ته
من قتال اهل البصرة اتاه	جڏهن هو "اهل بصره" کان جنگ
سبعون رجلاً من الـزط	ڪري واندو ٿيو ته ان جي خدمت
فكلموه بلسانهم فقالوا	۾ ستر جاٽ حاضر ٿيا ۽ انهن پنهنجي
لعنهم الله بل انت، انت[1]	زبان ۾ ڳالهايو ۽ چيو ته الله انهن
	(بصره وارن) تي لعنت ڪري، پيو ڪو
	بہ نہ آهي پر صرف توهان امير ۽ حاڪم آهيو.

ان مان صاف ظاهر آهي ته "بصره" جي جاٽن حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت جي زماني تائين پنهنجي ملڪي ۽ قومي ٻولي هندي کي محفوظ رکيو هو ۽ هوان ۾ ڳالهائيندا هئا ۽ انهن حضرت عليؓ جي خلافت جو اقرار ڪيو، اهوئي سبب آهي جو عرب جي جن علائقن ۾ اهي هندستاني آباد هئا، خاص ڪري بحرين وغيره جي ڪنارن تي، اتان جي عربن جي زبان، انهن جي زبان جي ملاوٽ ڪري غير فصيح ۽ غير معتبر ٿي وئي هئي. اهڙي طرح قبيلي بنو "عبد القيس" ۽ "ازدعمان" جي زبان ان ڪري غير مستند چئي وئي جو اهي ماڻهو بحرين ۾ ايرانين ۽ هندستانين جي ملاوٽ ڪري عربيت جي جوهر کي وڃائي ويٺا آهن اهوئي حال "يمن وارن" جو هو.

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ مسلمان "جاٽن" کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ ان ۾ انهن جو رنگ، شڪل صورت، لباس پوشاڪ وغيره مشهور هئي. حضرت عبد الله بن مسعود رضي الله عنه جن جي اها روايت ٿي چڪي آهي جنهن ۾ ان هڪ مخلوق کي جاٽن سان ڀيٽ ڏني آهي ۽ انهن جي ڏکڻ وارن،

---

[1] مجمع البحرين (ماده زط) ايران.

موتن تازن جسمن کي خاص طور بيان ڪيو آهي.

خود نبي صلي الله عليه وسلم جن ”حديث معراج“ ۾ حضرت موسیٰ عليه السلام کي جسمانيت ۾ جاٽن سان تشبيهه ڏني آهي. بخاري جي روايت آهي ته:

واما موسیٰ فآدم سبط	موسیٰ ڪڻڪ رنگو قداور هو،
كانه من رجال الزط[1]	اهڙيءَ طرح هو جاٽن مان هو.

اهڙيءَ طرح جڏهن ١٠ه ۾ ”نجران“ کان بني حارث بن ڪعب جو مسلمانن جو وفد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ سڳورن انهن کي ڏسي ڪري فرمايو ته:

من هؤلاء القوم الذی	هي ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي
كانهم رجال الهند[2]	هندستان جا ماڻهو لڳن ٿا.

جاٽن ۽ عربن جي باهمي معاشرت:

جاٽن پنهنجي خصوصيت باقي رکندي پاڻ کي عربي زندگي کي اهڙيءَ طرح ملائي ڇڏيو هو جو عربن جي اجتماعي معاملن ۾ انهن جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ مختلف قبيلن جا ”موالي“ ۽ ”حليف“ ٿي انهن جا طرفدار ٿيندا هئا. جيئن ته مٿي معلوم ٿي چڪو آهي ته قطيف، هجر ۽ خط، وغيره ساحلي ڪنارن جا ”جاٽ“ ارتداد جي زماني ۾ ”حطم بن ضبيعه“ سان گڏ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زماني ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن سان گڏ نڪتا هئا، اهڙيءَ طرح ”يمامه جي جنگ“ ۾ ان زماني ۾ ”مسيلمه الڪذاب“ جي فوج وٽ جيڪي هندي تلوارون هيون، اهي گهڻو ڪري نجران ۽ نجد جي جاٽن جون ٺهيل هيون.

بعد ۾ اهي ماڻهو ”بحرين“ جي مشهور قبيلي ”عبدالقيس“ جا

---

[1] بخاري ڪتاب احاديث الانبياء باب قول الله عزوجل واذكر فی الكتاب مريم.

[2] سيرت ابن هشام ص ٥٩ ۽ تاريخ طبري ج ٣. ص ١٥٦.

خاص حليف (دوست) ۽ طرفدار ٿي ويا هئا. عويم بن عبدالله جو چوڻ آهي ته:

ويغني الزط عبدالقيس عنا   وتكفينا الاساورة السمزونا

(اسان جي مقابلي ۾ عبدالقيس کي جاٽ گهڻا آهن ۽ اسان لاءِ اساوره گهڻا آهن)

اهڙيءَ طرح هو عرب جي مشهور قبيلي "بنو تيمم" جا به دوست هئا ۽ قبائلي جنگين ۾ انهن جي مدد ڪندا هئا، هڪ شاعر جو چوڻ آهي ته:

فجئنا بحی وائل ويلفها   وجاءت تميم زطها والاساور[1]

(اسان "وائل" جي ٻنهي قبيلن ۽ انهن جي دوستن کي وٺي آيا آهيون ۽ بنو تميم پنهنجن جاٽن ۽ اساوره کي وٺي آيا آهن)

جاٽن جي اها روش اسلام جي زماني ۾ به قائم رهي ۽ هو اسلام آڻڻ کان پوءِ به پنهنجي پسند سان ڪنهن نه ڪنهن قبيلي جا دوست ٿي انهن سان رهندا هئا ۽ انهن جي اڳواڻي ۾ اسلامي جنگين ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح سن ١٤ھ کان پوءِ "بصره" جا "جاٽ ۽ سيابجه" "بنو حنظله" سان رهندا هئا ۽ مشرڪن سان جهاد ڪرڻ لاءِ انهن سان گڏ نڪرندا هئا.[2]

جاٽن جي مسلمانن سان اختلافن کان ڪناره ڪشي:

ان سلسلي ۾ هڪ خاص ڳالهه هيءَ هئي ته جاٽن بعد ۾ گهڻي حدتائين غيرجانبرداري تي عمل ڪيو ۽ ڪلي ڪري مسلمانن ۽ عربن جي اندروني معاملن ۾ ڪڏهن به دخل نه ڏنو. بحرين جي جاٽ "حطم بن ضبيعه" جي زور ۾ اچي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضه جن جي زماني ۾ اسلامي فوج جي مقابلي ۾ ضرور آيا پر اسلام آڻڻ کان پوءِ انهن پنهنجي غيرجانبرداري جي پاليسي کي برقرار رکيو ۽ مسلمانن جي معاملن ۾ ڪڏهن به شريڪ نه ٿيا "بلاذري" جو چوڻ آهي ته:

ولم يشهدوا معهم الجمل   انهن مان ڪنهن مسلمانن سان نه

---

[1] لسان العرب ج ٧ ـ ص ٣٠٨ ـ [2] فتوح البلدان ص ٣٦٧ ـ

مونن تازن جسمن کي خاص طور بيان ڪيو آهي.

خود نبي صلي الله عليه وسلم جن "حديث معراج" ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام کي جسمانيت ۾ جاٽن سان تشبيهه ڏني آهي. بخاري جي روايت آهي ته:

واما موسيٰ فآدم سبط — موسيٰ ڪڻڪ رنگو قداور هو،

كانه من رجال الزط.[1] — اهڙيءَ طرح هو جاٽن مان هو.

اهڙيءَ طرح جڏهن سنه ١٠ھ ۾ "نجران" کان بني حارث بن ڪعب جو مسلمانن جو وفد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ سڳورن انهن کي ڏسي ڪري فرمايو ته:

من هٰؤلاءِ القوم الذى — هي ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي

كانهم رجال الهند.[2] — هندستان جا ماڻهو لڳن ٿا.

جاٽن ۽ عربن جي باهمي معاشرت: جاٽن پنهنجي خصوصيت باقي رکندي پاڻ کي عربي زندگي کي اهڙيءَ طرح ملائي ڇڏيو هو جو عربن جي اجتماعي معاملن ۾ انهن جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ مختلف قبيلن جا "موالي" ۽ "حليف" ٿي انهن جا طرفدار ٿيندا هئا، جيئن ته مٿي معلوم ٿي چڪو آهي ته قطيف، هجر ۽ خط وغيره ساحلي ڪنارن جا "جاٽ" ارتداد جي زماني ۾ "حطم بن ضبيعه" سان گڏ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زماني ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن سان گڏ نڪتا هئا، اهڙيءَ طرح "يمامه جي جنگ" ۾ ان زماني ۾ "مسيلمه الڪذاب" جي فوج وٽ جيڪي هندي تلوارون هيون، اهي گهڻو ڪري نجران ۽ نجد جي جاٽن جون ٺهيل هيون.

بعد ۾ اهي ماڻهو "بحرين" جي مشهور قبيلي "عبدالقيس" جا

---

[1] بخاري ڪتاب احاديث الانبياء باب قول الله عزوجل واذكر في الكتاب مريم.

[2] سيرت ابن هشام ص ٥٩ ۽ تاريخ طبري ج ٣- ص ١٥٦-

خاص حليف (دوست) ۽ طرفدار ٿي وياهئا. عويمر بن عبدالله جو چوڻ آهي ته:

ويغني الزط عبدالقيس عنا   وتكفينا الاساورة الـــمزونا

(اسان جي مقابلي ۾ عبدالقيس کي جاٽ گهڻا آهن ۽ اسان لاءِ اساوره گهڻا آهن)

اهڙيءَ طرح هو عرب جي مشهور قبيلي "بنو تيمم" جا به دوست هئا ۽ قبائلي جنگين ۾ انهن جي مدد ڪندا هئا، هڪ شاعر جو چوڻ آهي ته:

فجئنا بحي وائل ويلفها   وجاءت تميم زطها والاساورا[1]

(اسان "وائل" جي پنهجي قبيلن ۽ انهن جي دوستن کي وٺي آيا آهيون ۽ بنو تميم پنهنجن جاٽن ۽ اساوره کي وٺي آيا آهن)

جاٽن جي اها روش اسلام جي زماني ۾ به قائم رهي ۽ هو اسلام آڻڻ کان پوءِ به پنهنجي پسند سان ڪنهن نه ڪنهن قبيلي جا دوست ٿي انهن سان رهندا هئا ۽ انهن جي اڳواڻي ۾ اسلامي جنگين ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح سنه ١۴ھ کان پوءِ "بصره" جا "جاٽ ۽ سيابجه" "بنو حنظله" سان رهندا هئا ۽ مشرڪن سان جهاد ڪرڻ لاءِ انهن سان گڏ نڪرندا هئا.[2]

جاٽن جي مسلمانن سان اختلافن کان ڪناره ڪشي:

ان سلسلي ۾ هڪ خاص ڳالهه هيءَ هئي ته جاٽن بعد ۾ گهڻي حد تائين غير جانبداري تي عمل ڪيو ۽ ڪلي ڪري مسلمانن ۽ عربن جي اندروني معاملن ۾ ڪڏهن به دخل نه ڏنو. بحرين جي جاٽ "حطم بن ضبيعه" جي زور ۾ اچي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضه جن جي زماني ۾ اسلامي فوج جي مقابلي ۾ ضرور آيا پر اسلام آڻڻ کان پوءِ انهن پنهنجي غير جانبداري جي پاليسي کي برقرار رکيو ۽ مسلمانن جي معاملن ۾ ڪڏهن به شريڪ نه ٿيا "بلاذري" جو چوڻ آهي ته:

ولم يشهدوا معهم الجمل   انهن مان ڪن مسلمانن سان نه

---

[1] لسان العرب ج ٧ - ص ٣٠٨ - [2] فتوح البلدان ص ٣٦٧ -

وصفين ولا شيئاً من جنگ جمل ۾، نه جنگ صفين ۾
حروبهم[1] ۽ نه ڪنهن ٻيءَ جنگ ۾ شرڪت ڪئي.

مسلمانن جي گهرو لڙائيءَ ۾ جاٽن جي طرفداري: "بصرو"

مسلمان جاٽن سان هي شرط طئي ڪيو ويو هو ته هو داخلي معاملن ۾ نه پوندا ۽ نه ڪنهن جماعت جي مقابلي ۾ ٻيءَ جماعت جي مدد نه ڪندا، پر بعد ۾ حالتن پٽاندڙ انهن کي مسلمانن جي پاڻ ۾ لڙاين ۽ تحريڪن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ٽولي جو ساٿ ڏيڻو پيو. اهڙيءَ طرح جمل ۽ صفين کان پوءِ "يوم زبده" ۾ انهن حصو ورتو ۽ عبدالرحمان بن اشعث جڏهن بنواميه جي خلاف قراءِ جي جماعت سان گڏ خروج ڪيو ته جاٽ ۽ سيابجه به کلي ڪري ان ۾ شريڪ ٿي ويا. حجاج بن يوسف ان بدعهدي جي ڏوهه ۾ انهن جا گهر ڊهرائي ڇڏيا وظيفا بند ڪري ڇڏيا ۽ انهن کي جلاوطن ڪيو ويو.[3] ان کان پوءِ جاٽن جا ٽولا ڇڙوڇڙ ٿي ويا ۽ انهن ان جي بدلي وٺڻ لاءِ بصري ۽ بغداد جي پرسان وڏا هنگاما ڪيا ۽ انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

نبي صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ جاٽن جي اسلام آڻڻ جو بيان اڃان تائين اسان کي نه مليو سگهيو آهي ۽ نه معلوم ٿي سگهيو آهي ته انهن جو ڪو ٽولو رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ اسلام قبول ڪيو هو. پر هيءَ ڳالهه پڪي آهي ته رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ يمن ۽ بحرين جي علائقن (حدن) جي ڪجهه جاٽن اسلام قبول ڪيو هو. اهڙيءَ طرح حضرت "بيرزطن رضہ هندي يمني" جيڪو رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ اسلام قبول ڪيو گهڻو ڪري جاٽ نسل جو هو. البته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ جڏهن سنه ١٤هه ۾ بصرو آباد ڪيو ويو ته هتي "جاٽ

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٦٧ - [2] فتوح البلدان ص ٣٦٧ -

مسلمانن" جو وڏو تعداد موجود هو، جيڪو "بنوحنظله" سان رهندو هو.
۽ جڏهن ايران جا "اساوره" حضرت ابوموسىٰ اشعري رضي الله عنه جي هٿ تي
اسلام آندو هو ته بصره ۾ انهن ئي مسلمانن جاٽن ۽ "سيابجه" سان گڏ رهڻ
لڳو، پر جڏهن انهن ايراني ۽ هندستاني مسلمانن جو وڏو تعداد گڏ ٿي ويو
ته "بنو تميم" ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ اساوره "بنو سعد" ڏانهن هليا ويا،
جاٽ ۽ سيابجه بنوحنظله سان مليا ويا.

جاٽن جي ڏاڍائي ۽ مارڦُٽ : حجاج بن يوسف سنڌ مان جاٽن
۽ ٻين قومن کي انهن جي ٻارن ٻچن سميت گهرائي "ڪسڪر" جي هيٺاهين پٽريلي
زمين تي آباد ڪيو، جن انتي چڱي خاصي طاقت ٺاهي. اتفاق سان ان زماني ۾
ڪيترا غلام ۽ "بنو باهله" جي موالن ۽ محمد بن سليمان بن علي جي "ناڻهال"
(ناناڻن) جا ماڻهو ڀڄي هتي اچي پناهه ورتي ۽ ڌاڙا هڻڻ ۽ حڪومت جي خلاف
ورزي شروع ڪئي، هن کان اڳ به اهي جاٽ ٻيڙن کي ڦريندا هئا، پوءِ آهسته
آهسته انهن جي ٽولي سان انهن جي جرأت ۽ طاقت به وڌندي وئي، ايستائين
جو مامون جي زماني ۾ "بصري" جو پورو هيٺاهون علائقو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو
هو ۽ بصره کان جيڪي ٻيڙيون ۽ جهاز بغداد ويندا هئا انهن کي ڦريندا هئا،
جنهن ڪري بغداد ۽ مصر جي وچ ۾ بحري سفر ۽ واپار جو سلسلو بند ٿي ويو
۽ ان جو سلسلو هڪ عرصي تائين جاري رهيو، خليفي معتصم پنهنجي
زماني ۾ انهن جاٽن جي خلاف فوجي ڪارروائي ڪئي ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ
خراسان جي هڪ فوجي آفيسر عجيف (بن عنبسه) جي اڳواڻي ۾ فوج رواني ڪئي،
عجيف بن عنيسه کي پورو اختيار ڏنو ويو ته ان مهم ۾ جيترو به پئسو خرچ ٿئي
خرچ ڪيو. "عجيف" وڏي هوشياري سان جاٽن سان مقابلو ڪيو ۽ انهن کي
شڪست ڏئي ۽ گرفتار ڪري بغداد ۾ آندو ويو، انهن مان ڪجهه ماڻهن کي

"خانقين" ۾ رکيو ويو ۽ وڌيڪ تعداد "عين زربه" ۾ بين سرحدن ڏانهن موڪليو ويو.

ابن اثير جو بيان آهي ته بحرين جي علائقي خط ۾ جاٽ ۽ سيابجه آباد هئا، مامون ٢٠٥ه ۾ ان سان جنگ ڪرڻ لاءِ "عيسيٰ بن يزيد جلووي" کي وري ٢٠٦ه ۾ "دائود بن ماسجور" کي مقرر ڪيو. ان کانپوءِ ٢١٩ه ۾ عجيف بن عنبسه ان کي وزير مقرر ڪيو.

مسعودي ڪتاب التنبيه والاشراف ۾ لکيو آهي ته معتصم جي زماني ۾ هندستان جا ڪيترا جهاز گرفتار ڪيا ويا، انهن ۾ هڪ وڏو ٽولو هو جيڪو ساحل فارس، عمان، بصره ۽ واسط جي وچ ۾ ڏاڙا ۽ قتل خونريزي ڪندا هئا. هندستان جي ذڪر ۾ مهانگائي جي ڪري اهي ماڻهو وڏي تعداد ۾ گهربار ڇڏي ڪرمان، فارس ۽ اهواز جي علائقي ۾ اچي آباد ٿي ويا ۽ انهن کي اتي اناج ملي ويو. معتصم انهن کي اتان ڪڍي "خانقين" ۽ "جلولاهين" ۽ شام جي شهر "عين زربه" ۾ آباد ڪيو. ان کان پوءِ شام ۾ "مينهن" پالڻ جو رواج پيو. ان کان اڳ اتان جي ماڻهن مينهون نه ڏٺيون هيون.[1]

هيءَ آهي هندستان جي انهن جاٽن جي مختصر تاريخ جيڪي قديم زماني کان عرب ۾ آباد هئا ۽ اسلامي دور ۾ انهن "بصري" ۽ بغداد جي وچ ۾ پنهنجي هڪ آزاد رياست قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اموي ۽ عباسي خلافت ۾ وڏا هنگاما ۽ شورش ڪئي. انڪري حڪومت کي انهن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻي پئي.

جاٽن ۾ ڪجهه وڏيون ۽ مشهور شخصيتون به گذريون آهن. جن ۾ ابو سالمه زطي، هي حضرت علي رض جي طرفان بصره ۾ آباد "سيابجه" جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. نهايت نيڪ ۽ ديندار شخص هو. محمد بن عثمان زطي بصري کي جاٽن

---

[1] رجال السند والهند ص ٢٧٣ تا ٢٧٥.

پنهنجي اقتدار ۾ فتني جي زماني ۾ پنهنجو حاڪم مقرر ڪيو هو. ان زماني ۾ ان "سماق زطي" نالي هڪ شخص کي به پنهنجو امير بنايو هو، ان جي تفصيل لاءِ تاريخ ابن خلدون يا رجال السند والهند جو مطالعو ڪريو.

ميد : هندستان جو هڪ ٻيو قبيلو به قديم زماني کان عرب ۾ هوندو هو ان کي عرب "ميد" چوندا هئا. ايرانين جي وسيلي جيڪي ميد عرب ويا، انهن جي حيثيت شاهي فوج ۾ ايراني لشڪر جي سپاهن جي هئي ۽ جن عرب ۾ پاڻ نيپاءِ وڌا تيا، انهن کي عرب ۾ "ميد" يعني ڌاڙيل ۽ "ساموندي آفت" جي نالي سان ياد ڪندا هئا. ڇو ته اهي ماڻهو عرب جي جهازن ۽ ٻيڙين کي ڦريندا هئا ۽ تجارتي ڪاروبار ۾ وڏي تباهي آڻيندا هئا.

علامه سيد سليمان ندوي جو بيان آهي ته ايران جي بادشاهن سنڌ ۽ بلوچستان تي قديم زماني کان قبضو ڪري هتان جي "جاٽ ۽ ميد" ٻن قومن کي پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪيو هو ۽ اهي انهن کان پنهنجي حڪومت جي قائم ڪرڻ ۽ حفاظت جو ڪم وٺندا هئا.

ميد جي تحقيق : شايد ان "ميد" قوم جي ساموندي حملن کان بچڻ لاءِ عربن کي انهن جي ديسن (هم وطن) سيابجه ۽ "بياسره" کي پنهنجي جهازن جي حفاظت لاءِ رکڻو پوندو هو. جيڪي انهن حملن ڪندڙن سان مقابلو ڪندا هئا ۽ پنهنجي نگراني ۾ عربن جي جهازن کي منزل مقصود تائين پهچائيندا هئا.

ميد جو لفظ اسان جي خيال ۾ خالص عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنىٰ حرڪت ڪرڻ ۽ سمنڊ جي بدبودار هوا ۽ موج جي اثر کان متي ڦرڻ ۽ اُلٽي ڪرڻ جي آهي ۽ موائد ۽ مادو جي معنىٰ دوا جي آهي يعني سخت تڪليفن ۽ مشڪلات جي آهي، ميد جي حقيقت سمجهڻ لاءِ لسان العرب جو هي تفصيل ضروري آهي:

وقد ماد فهو مائد من قوم
ميدیٰ كرائب وردى ابو الهيثم
المائد الذى يركب البحر
فتغشى نفسه من نتن ماء
البحر حتى يدار به ويكاد يغشى
عليه فيقال ماد به البحر يميد
به ميداً وقال ابو العباس فى
قوله ان تميد كم فقال تحرك
بكم وتزلزل قال الفراء سمعت
العرب تقول الميدیٰ الذين
اصابهم الميد من الدوار فى
حديث ام حرام المائد فى
البحر له اجر شهيد هو الذى
يدار راسه من ريح البحر و
اضطراب السفينة بالامواج
الازهرى ومن المقلوب
الموائد والمآود الرواهى[1]

مائد جو جمع ميدیٰ آهي جهڙي
طرح رائب جو جمع روبیٰ آهي. ابو هيثم
جو قول آهي ته مائد اهو شخص آهي
جيڪو سمنڊ جو سفر ڪري ۽ سمنڊ
جي پاڻيءَ جي بدبوءِ ڪان ان جو دماغ
خراب ٿي وڃي ۽ متو ڦرڻ ۽ بيهوش
ٿي وڃي ، اهڙي موقعي تي چوندا
آهن ته سمنڊ هن کي چڪر ۾ وجهي
ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ابو العباس الله
تعاليٰ جو قول "ان تميد كم" جو
مطلب هي بيان ڪيو آهي ته توهان
کي حرڪت ۽ چڪر ۾ وجهي ڇڏي
"فراء" چيو آهي ته مان عربن کي هي
چوندي ٻڌو آهي ته ميد اهي ماڻهو
آهن، جن کي چڪر (ڦيري) جي ڪري
بيهوشي ۽ اُلٽي وغيره اچي، حضرت
ام حرام رضه جي حديث هيءَ آهي ته سمنڊ
۾ بيهوش ٿيڻ واري کي شهيد جو
ثواب ملي ٿو. اِهو اُهو شخص آهي
جنهن جو متو سمنڊ جي هوا ۾ موڙجي
ڪري جهاز جي لوڏن ڪان ڦري

[1] لسان العرب ج ٢ - ص ٤١٢ -

وڃي. "ازهري" جو قول آهي ته
جن نالن ۾ قلب آهي، انهن مان
موائد ۾ ماود آهن جيئن متن تن
جي معنيٰ ۾ اچن ٿا.

مطلب ته سمنڊ جي بدبودار هوا ۾ موجن جي ڪري يا جهازن ۾ ٻيڙن جي لوڏن کان جيڪو متو ڦرندو يا الٽي وغيره ايندي آهي. ان کي "ميد" چون ٿا. يعني سامونڊي بيماري جو نالو "ميد" آهي. جنهن کي سامونڊي بلا به چون ٿا ۽ هندستان جي اها ساحلي قوم به جيڪا عربن جي واپاري جهازن کي ڦريندا هئا، ڏاڍي وڏي بلا هئي، انڪري هو (عرب) ان کي "ميد" چوندا هئا.

هندستان ۾ ميد جو علائقو: ميد يعني سامونڊي ڌاڙيل سنڌ کان وٺي گجرات پران کان ٻاهر ساحلي شهرن جا آهي شرير باشندا هئا جيڪي سمنڊ ۾ ڌاڙا هڻي، خشڪي جي ڪمائي سان گڏ سمنڊ جي ڪمائي به ڪندا هئا. انهن جو عام مذهب "ٻڌمت" هو. قديم جاگرافي دان" ابن خردازبه" سنڌ کان هندستان جو ساحلي رستو ٻڌائيندي بيان ڪري ٿو ته:

ومن مهران الى اوتكين و
هى اول ارض الهند مسيرة
اربعة ايام وفى هٰذه الارض
ينبت القنا فى جبالها والزرع
فى اوديتها واهلها عناة
مردة لصوص منها على
فرسخين الميد [1]

مهراڻ (سنڌ) کان هندستان جي
ابتدائي سرحد ۾ "اوتڪين" تائين
چئن ڏينهن جي مسافري آهي ۾
ان پوري علائقي ۾ جبلن ۾ بانس
ٿين ٿا ۽ وادين ۾ پوک ٿئي ٿي،
هتان جا باشندا ڏاڍا اڙدا ۽ شرير
۽ چور هوندا آهن. هتان کان ٻه

---

[1] المسالك الممالك ص ٦٢

ميل جي مفاصلي تي "ميد" آهي.

درياءِ سنڌ (مهراڻ) کان پهرين منزل کان ارڙهين چورين، ڏاڙيلن جو سلسلو شروع ٿي ويو ٿو ۽ ان کان پوءِ جي منزل کي ان ئي نالي سان پيت ڏنيئي "ميد" چيو ويو ٿو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي قوم عربن جي جهازن لاءِ ڪيتري وڏي مصيبت هئي. اصطخري لکيو آهي ته سنڌ جي حدن جي سيني شهرن ۾ ڪافرن جو مذهب "بڌمت" آهي ۽ انهن سان هڪ قوم آهي جنهن کي "ميد" چيو ويو ٿو:

والکافر فی حدود بلاد السند	سنڌ جي حدن ۾ جيڪي ڪافر آهن
انما هم البدة وقوم يعرفون	اُهي "بڌمت" آهن ۽ هڪ قوم آهي
بالميد [1]	جنهن کي "ميد" چيو ويو ٿو.

اڳتي هلي "ميد" جي اصل ديس، انهن جي گهڻائي، عزت ۽ ٻيا معاملا بيان ڪيا آهن:

والميد فهم علی شطوط	۽ ميد سنڌ جي ساحل کان وٺي
مهران من حد الملتان الی	ملتان جي ساموندي حد تائين
البحر ولهم فی البرية التی	علائقي ۾ آباد آهن ۽ مهران ۽
بين مهران وقامهل سراع و	قامهل جي وچين ميداني علائقي ۾
مواطن کثيرة ولهم عدد	انهن جون زمينون ۽ ڪيتريون
کثير [2]	بستيون آهن ۽ اُهي گهڻائي ۾ آهن.

ابن خردازبه جي بيان جي مقابلي ۾ "اصطخري" جو بيان وڌيڪ چٽو آهي ۽ معلومات وارو به پڻ آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته درياءِ سنڌ جي ساحل کان وٺي ملتان جي سرحد تائين ميد قوم آباد هئي ۽ درياءِ سنڌ کان

---

[1] المسالک الممالک ص ١٦٧ - [2] المسالک الممالک ص ١٦٧ -

هندستان جي سرحدي شهر ”قامهل“ تائين پورو علائقو ان قوم جو ٺڪاڻو هو. ان جو مطلب گهڻو ڪري هي آهي ته سنڌ جي بيابانن کان وٺي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جو اولهه ڏکڻ علائقو آهي جيڪو ريگستانن ۽ جبلن سان ڀريل آهي ۽ پيداوار به ڏاڍي ٿوري ٿئي ٿي. اڄ به اهو علائقو پنهنجي پراڻي روايت سان موجود آهي ۽ هتان جو ريگستان عربي زندگي جو نقشو پيش ڪري ٿو.

ميد جي شرارت ۽ مسلمانن جي سزا : اهي سامونڊي ڌاڙيل ميد هئا. جن پهرين صدي هجري جي پڇاڙي ۾ ”سرنديپ“ کان ايندڙ جهاز کي ڦريو هو، جنهن ۾ مسلمانن جون عورتون ۽ ٻار سوار هئا ۽ سرنديپ جي راجا انهن کي عزت ۽ احترام سان اموي خليفي جي خدمت ۾ موڪلڻ گهريو هو.

فعرض للسفينة التى کن — جنهن جهاز ۾ اهي عورتون هيون
فيها قومٌ من مدالديبل — انهن کي ديبل جي ”ميد“ جي هڪ
فى بوارج[1] — ٽولي ٻيڙين تي سوار ٿي گهيري ۾ آندو.

هندستان جا اهي سامونڊي ڌاڙيل هتان جي ساحلن تي ڪافي ڏينهن تائين آباد رهيا، ۽ سمنڊ ۾ دهشت ڦهلائيندا رهيا. ٽئين صدي ۾ ”حڪومت ماهانيه سنجان“ جي حڪمرانن انهن جو پيڇو ڪيو ۽ ”يمن جي حدن“ کان وٺي ڪاٺياواڙ تائين ساحل کي انهن کان پاڪ ڪيو.[2]

ميد قوم جي باري ۾ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ اهڙي ڪا به شاهدي اڃان تائين نه ملي آهي، جنهن مان معلوم ٿي سگهي ته هنن جو اسلام سان ڪهڙو تعلق هو.

سيابجه يا سبابجه : جاٽ ۽ ميد کان پوءِ هندستان جي هڪ ٻي

---

[1] فتوح البلدان ص۴۲۳-

[2] مقاله دولت ماهانيه سنجان مندرج ”المعارق“ مارچ تا مئي ١٩٥١ع -

قوم عرب ۾ قديم زماني کان رهندي هئي. اها سيابجه (باليا ء) يا سبابجه (بالباء) آهي. بلاذري فتوح البلدان ۾ ۽ ابن خلدون پنهنجي تاريخ ۾ هر هر "سيابجه" استعمال ڪيو آهي. اسان به رجال السند ۽ هند ۾ عام تاريخدانن جي بيان مطابق "سيابجه" ئي لکيو آهي. پر ان جي مقابلي ۾ "ابن فقيه همداني" "ڪتاب البلدان" ۾ "ابن دريد" جمهرة اللغة ۾ "ابن منظور افريقي" لسان العرب ۾ "سيابجه" (جمع سبيجي يا سابج) پڌايو آهي.

سبابجه جي تحقيق: علامه سيد سليمان ندوي "عرب ۽ هند جي تعلقات" ۾ جاءِ جاءِ تي سيابجه (معرب سيابچه) لکيو آهي. پر عربن جي جهازراني ۾ "ابن دريد" جي ڪتاب "جمهرة اللغة" کان سابجه نقل ڪري لکيو آهي ته:

"سابجه جو هندي اصل معلوم نه آهي" ص ١٩ -

جيڪي تاريخدان ان کي سبابجه چون ٿا، انهن جي نظر ۾ اساوره جمع اسوار، احامره جمع احمر، بياسره جمع بيسر وغيره وانگر هي به سبيجي يا سابج جو جمع آهي. عربي ۾ لفظ سبيج بروزن "رغيف" فارسي جي لفظ سئي جو معرب آهي، جنهن جي معنيٰ آهي قميص. ان جي تفسير سُبّيج آهي. محمد طاهر گجراتي لکيو آهي ته:

هو ثوب صوف اسود[1]	هي اُن جو ڪارو ڪپڙو ٿيندو آهي.

لفظ "سبج" جي قريب قريب معنيٰ ابن خردازبه گينڊي جي سنگ" جي بيان ڪندي لکي ٿو ته:

فيه صورة من اوّل القرن	ان جي سنگ ۾ شروع کان آخر تائين
الى آخرة فاذا شق رأيت	صورت هوندي آهي. جڏهن اُها
الصورة بيضاء فى سواد	ڪٽي وينديآهي ته ان جي اندران

---

[1] مجمع البحار ماده سبج.

كالسبج فی صورة النسان	ڪاري رنگ ۾ ايجي شڪل نظر
اودابة اوسمكة اوطاؤس	ايجي ٿي، سبج وانگر اها شڪل
اوغيره من الطير[1]	انسان، چوپائي، مڇي مور وغيره
	جي هوندي آهي.

سبجه جي معنیٰ ڪارو ڪنبل ۽ تسبج جي معنیٰ ڪارو ڪنبل پائڻ جي آهي. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن لفظ سبابجه، "سبيجي يا سابج" جو جمع آهي ته ان کان مشتق آهي، جو ته اهي ماڻهو عرب وڃي ٻيڙن ۽ جهازن جي سامونڊي ڌاڙيلن کان حفاظت جو ذمو کنندا هئا ۽ ضرورت جي وقت انهن سان جنگ ڪندا هئا ۽ جيلن وغيره جي حفاظت به اهي ڪندا هئا. انڪري اهي ماڻهو سردي، پاڻي ۽ موجن وغيره کان بچڻ لاءِ عام طرح ڪارو ڪنبل استعمال ڪندا هئا، ان سان دشمن سان مقابلي جي صورت ۾ جسم جي حفاظت به ٿيندي هئي.

لسان العرب ۾ سبابجه جو بيان هن طرح آهي:

والسبابجة قوم ذووجلد	سبابجه، سنڌ ۽ هند جا مضبوط
من السند والهند يكونون	۽ بهادر ماڻهو آهن جيڪي سامونڊي
مع رئيس السفينة البحرية	ٻيڙي جي ڪپتان سان گڏ رهندا
يبذرقونها...... واحد	آهن ۽ انهن جي حفاظت ڪري
هم سبيجي، ودخلت فی	سامونڊي ڌاڙيلن کان بچائين
جمعه الهاء للعجمه و	ٿا ۽ ان جي جمع ۾ عجميت ۽ نسبت
النسبة كما قالوا البرابرة	جي ڪري صرف هاء داخل ڪيو
وربما قالوا السابج.	ويو آهي جيئن "برابره" جمع "بربر"

[1] المسالک الممالک ص ٦٧.

۾ آهي ۽ واحد لاءِ سابج به

استعمال ڪندا آهن.

متين بيان مطابق سابجه ڪي سنڌ ۽ هند جي هڪ مضبوط ۽ طاقتور قوم ٻڌايو ويو آهي. جيڪا سامونڊي سفر ۾ حفاظت ڪندڙ فوج جي حيثيت ۾ رهندي هئي ۽ انهن مان هن عرب ۾ اهو ڏنڊو بنايو هو. "ابن السڪيت"[1] جو بيان آهي ته:

السابجة قوم من السند	سابجه سنڌ جي هڪ قوم آهي،
يستاجرون ليقاتلوا فيكونون	انهن کي ويڙهه لاءِ پئسن تي
كالمبذرقة	جهازن ۽ ٻيڙن تي ملازم رکيو
	ويندو هو ۽ اهي محافظ ۽ نگران
	جي حيثيت سان رهندا آهن.

"امام لغت جوهري"[1] لکيو آهي ته:

السيابجه قوم من السند	سيابجه سنڌ جي هڪ قوم آهي
كانو بالبصرة جلاوز	جيڪا بصره ۾ آباد هئي ۽ جيلن
وحراس السجن[1]	جي محافظ هئي.

مشهور قديم لغوي "ابن دريد جمهرة اللغته" ۾ لکيو آهي ته:

السابجة قوم من الهند	"سابجه" هندستان جي هڪ قوم
يستاجرون للقتال في السفن.[2]	آهي، جن کي وڙهڻ لاءِ جهازن
	۽ ٻيڙن تي پگهارن تي مقرر ڪيو
	ويو ٿو.

---

[1] لسان العرب ج ٢ ص ٢٩٤.

[2] جمهرة اللغة ج ٣ ص ٥٠٤ بحواله عربن جي جهاز راني.

"ابن فقيه همداني" ڪتاب البلدان ۾ لکيو آهي ته:

وعلوج السند السيابجة[1] سنڌ جي چوڌري ۽ حاڪم کي
سيابجه چوندا آهن.

انهن بيانن مان سيابجه جي باري ۾ مختصر طرح هي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون ته هو سنڌ ۽ هندستان جا باشندا هئا. عرب جي ساحلي شهرن ۾ رهي بيڙين ۽ جهازن تي نوڪري ڪندا هئا ۽ ساموندي ڌاڙيلن سان ضرورت جي وقت وڙهندا هئا. بعد ۾ جڏهن "بصره" آباد ٿيو ته اهي ماڻهو اتان جي جيلن وغيره جي به نگراني ڪندا هئا.

المنجد واري جي غلطي: انهن قديم ۽ مستند قولن ۽ بيانن جي باوجود معلوم نٿي سگهيو آهي ته ڪهڙي معلومات جي بنياد تي المنجد جي نئين اضافي ۾ "سيابجه" جي باري ۾ لکيو آهي ته اُهي انڊونيشيا جا باشندا هئا ۽ سنه ٦٣٨ هه ۾ مسلمان ٿيا:

قوم قطنوا قبل الاسلام في سواحل خليج العجم اصلهم من جزيرة سوماترا، اعتنقوا الاسلام ٦٣٨ وتجندوا في حبيشه أقيموا حرسة على خزينة البصرة[2]

سيابجه هڪ قوم آهي جيڪا اسلام کان اڳ خليج فارس جي ساحل تي آباد هئا، اها قوم اصل ۾ سوماترا ٻيٽن جي آهي. اهي ماڻهو سنه ٦٣٨ هه ۾ مسلمان ٿيا ۽ اسلام جي فوج ۾ شامل ٿي ويا ان کان سواءِ اهي ماڻهو بصره جي بيت المال جا نگران ۽ محافظ مقرر ٿيا.

واقعو هي آهي ته "سيابجه" خالص هندستاني هئا، انهن جو سوماترا ۽

---

[1] ڪتاب البلدان ص ٣٥ ـ [2] المنجد طبع جديد ص ٦٥٦ ـ

انڊونيشيا سان ڪوبه تعلق نه هو ۽ انهن جي مسلمان هئڻ جي باري ۾ ۶۳۸ع جي مقرر ڪرڻ جو ڪوبه سبب معلوم نه ٿو ٿئي.

سيابجه ايران ۾: عرب ڪان اڳ ايران ۾ ”سيابجن“ جا نشان ملن ٿا ۽ جاڻن وانگر انهن جو ايران ۾ اچڻ، وڃڻ ۽ رهڻ جا بيان ملن ٿا. ”ابو الفرج قدامه بن جعفر بغدادي“ ”ڪتاب الخراج وصنعة الڪتابة“ ۾ لکي ٿو ته ”انوشيروان بن قياد“ ايران جي حڪومت سنڀالڻ کان پوءِ نئين شهر آباد ڪيا، شابران شهر، مسقط شهر ۽ باب الابواب، وري لکي ٿو ته:

وأسكن مابنى من جنده ۽ هن پنهنجن آباد ڪيل شهرن
قوماسماهم السياسجين[1] ۾ پنهنجي فوج رکي جن کي سياسجين جي نالي سان ياد ڪيو.

سياسجيين، سيابجه ۽ سبابجه ۾ ظاهر ۾ ڪوبه فرق معلوم نه ٿو ٿئي، پر ممڪن آهي ته سنڌ ۽ هندستان جي اِها ئي قوم انهن نون شهرن ۾ چوڪيدار ۽ نگران جي حيثيت سان رکي هجي، جيڪا انهن ۾ امن وامان قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ چورن، ڌاڙيلن کان بہ انهن جي حفاظت ڪندي رهي هجي ۽ ”سياسجيين“ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هجي. يا وري اهو ئي لفظ تبجي سيابجه يا سيابجه ٿي ويو هجي. خاص ڪري اهڙي صورت ۾ جڏهن سنڌ جا سيابجه ايرانين جي فوج ۾ شامل بہ هئا، ان جو بيان اڳتي ايندو.

قديم ايران ۾ ”سياه خرد“، ”سياه مص“ ۽ ”سياه نام“ جي گونن جو ذڪر ڪتابن ۾ اچي ٿو[2] پران جي باري ۾ اهو نٿو چئي سگهجي ته هو ڪهڙي جاءِ جي ”ڪاري نسل“ جي ماڻهن جا گوٺ هئا. پر اندازو ڪري سگهجي ٿو ته انهن ۾

---

[2] مسالڪ الممالڪ ص ۱۳۳، ۱۴۵، ۱۴۸-

[1] بندة من ڪتاب الخراج وصنعة الڪتاب-

هندستان جي ڪاري رنگ جي ماڻهن جي اڪثريت آباد رهيا هوندا، جن ۾ جاٽ ۽ سيابجه سڀ شامل هوندا.

عرب ۾ سيابجه : سيابجه خليج عرب جي ساحلي شهرن ۾ عام طرح نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ ۽ ان کان به اڳ موجود هئا. پر اُبله جتي بعد ۾ "بصره" آباد ٿيو ۽ بحرين ان جو خاص مرڪز هو. بصره جي جاٽن ۽ سيابجه جي متعلق بلاذري جي هيءَ روايت آهي ته:

فانضم الی الاساورة السيابجة	ڪارا اسواري پنهنجي ماڻهن سان
وكانوا قبل الاسلام بالسواحل	اساوره ۽ سيابجه ۾ ملي ويا. اهي
وكذالك الزط وكانوا	ماڻهو اسلام کان اڳ ساحل تي
بالطفوف يتتبعون الكلأ[1]	آباد هئا، اهڙي طرح جاٽ به هئا
	جيڪي گاهه جي تلاش ۾ گهمندا
	رهندا هئا.

"طفوف" ۽ ساحل جو مطلب بحرين ۽ عمان جا ساحلي شهر ۽ ڳوٺ آهن، جن ۾ قطيف، هجر، دارين، خط، قطر وغيره شامل هئا. مٿي اچي چڪو آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت جو دور شروع ٿيو جڏهن بحرين ۾ ارتداد جو فتنو پيدا ٿيو ته ڪافر ۽ مشرڪ به "حطم بن ضبيعه" جي اڳواڻي ۾ اسلام جي خلاف اٿيا جن ۾ جاٽن وانگر سيابجه به گمراه ڪري شامل ڪيا ويا.

حتی ترلها لقطيف وهجر	حطم پنهنجي فوج ولي قطيف
واستغوی الخط ومن	۽ هجر آيو ۽ خط جي آبادي

---

[1] تاريخ طبري ج ٣ - ص ٢٥٥ -

فيها من الزط والسيابجة[١] ۽ اتي آباد جاٽن ۽ سيابجه کي ڀڄائي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو.

سيابجه جي انهن ٻنهي مرڪزن کان سواءِ ٻين ڪنهن وڏي مرڪز جي خبر نه ٿي پوي، پر ظاهر آهي ته اهي ماڻهو ڇڙوڇڙ طريقي سان عرب ۾ موجود هوندا آهن.

سيابجه ايراني فوج ۾: جيتوڻيڪ سيابجه جي باري ۾ عام طرح سان تاريخدانن به اهو لکيو آهي ته اُهي ٻيڙن ۽ جهازن جي حفاظت لاءِ ملازم رکيا ويندا هئا. پر انهن سان اهي جاٽن وانگر ايرانين جي فوج ۾ شامل به هئا ۽ سنڌ جي ايراني فوجن ۾ انهن کي شمار ڪيو ويندو هو ۽ ٻين لاءِ انهن کي معمولي پگهار ڏني ويندي هئي. جيئن علامه بلاذري جوهي بيان ڏني چڪو آهي ته:

واما السيابجة والزط	سيابجه، زط، اندرغار،
والاندرغار فانهم كانوا في	ايرانين جي ان فوج ۾ هئا،
جند الفرس ممن سبوه	جن کي انهن گرفتار ڪري
وفرضوا له ممن اهل	سنڌين ۾ شمار ڪيو ۽ انهن
السند[٢]	وانگر رکيو.

"اندرغار" هڪ قوم هئي جيڪا "سجستان" جي پرسان ڪرمان جي پاسي ۾ رهندي هئي.

سيابجه عربي معاشري ۾: قديم زماني کان سيابجه عرب ۾ چڱي تعداد ۾ رهندا هئا ۽ عربي زندگي ۾ پنهنجي جاءِ حاصل ڪري چڪا هئا جو هڪ دليل هي به آهي ته عربي ادب ۾ ان جو ذڪر اچي ٿو ۽ عربي

١ـ تاريخ طبري ج ٣. ص ٢٥٥ . ٢ـ فتوح البلدان ص ٣٦٨ .

شاعري ان کي پنهنجي تاريخ ۾ جاءِ ڏني آهي. اهڙيءَ طرح يزيد بن مضرغ حميري چيو:

وطماطم من سيابيج خزرٍ   يلبسوني مع الصباح القيودا

(سيابيج جون محفوظ فوجون مون کي هٿ ڪڙيون پارائي رهيون آهن)

اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي شاعر "هميان" چيو:

لولقي الفيل بارض سائجا   لدقّ منه العنق والدوارجا

(جيڪڏهن هاٿي جو ڪنهن جاءِ تي سابج سان مقابلو ٿي پوي ته سابج ان جو گردن ۽ هڏيون پاسيريون پيچي ڇڏين ٿا)

سيابجه اسلام جي دور ۾: سيابجه نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ اڳ عرب ۾ موجود هئا. پر رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ انهن جي مسلمان ٿيڻ جو ڪوبه بيان اسان کي نٿو ملي. پر حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت ۾ يا ان کان اڳ بصره ۽ ان جي پرم ۾ سيابجه به جاٽن وانگر مسلمان هئا ۽ جڏهن حضرت ابو موسیٰ اشعري رض جي هٿ تي ايران جي اساوره مسلمان ٿي "بصره" ۾ آباد ٿيڻ لاءِ آيا ته انهن ئي "اساوره" ۽ سيابجن وٽ لٿا جيڪي پهريائين مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ جڏهن جاٽ، سيابجه ۽ اساوره هڪ ٿي ويا ته عرب جي قبيلن انهن کي پنهنجي طرف ڇڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اساوره "قبيلي مصد" سان ملي ويا ۽ جاٽ ۽ سيابجه بنو حنظله ۾ هليا ويا ۽ هندستان جون اهي ٻئي قومون مسلمانن جي داخلي جهگڙن کان جدائي ڪري اسلام جي سربلندي لاءِ ڪفار ۽ مشرڪن سان جنگ ڪرڻ ۾ مسلمانن جو ساٿ ڏيڻ لڳيون، جيئن جاٽن جي بيان ۾ چئي آيا آهيون.

سيابجن جو ٻي رحميءَ سان قتل: حضرت علي رضي الله عنه

جي خلافت جي زماني ۾ بصره جي بيت المال جي حفاظت لاءِ سيابجه جي هڪ جماعت مقرر هوندي هئي، هڪ قول مطابق انهن جو تعداد چاليهه هو ۽ هڪ روايت مطابق انهن جو تعداد چار سَوَ هو. ان وقت حضرت علي رضي الله عنه جي طرفان حضرت عثمان بن حنيف انصاري رضي الله عنه بصره آيو ۽ بصره جي بيت المال تي قبضو ڪرڻ گهريو، پر ان جي نگهبانن ۽ محافظن "سيابجه" حضرت عليؓ جي اچڻ تائين بيت المال انهن جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اُهي سڀ هڪ رات ۾ صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي قتل ڪيا ويا. ان وقت سيابجه جو وڏو آفيسر "ابو سالمه زطي" (جاٽ) هو. جيڪو ڏاڍو نيڪ، شريف ۽ صالح شخص هو. بعد ۾ حضرت معاويه رضي الله عنه هندستان جي قديم جاٽن ۽ سيابجه جي هڪ وڏي جماعت کي بصره کان شام ۽ انطاڪيه جي ساحل تي منتقل ڪري اُتي آباد ڪرايو. اهو پورو تفصيل علامه بلاذري "اسرالاوساورة والزط" ۾ ڪيو آهي[1]

احامره: عرب ۾ هندستان جي هڪ ٻي جماعت قديم زماني کان آباد هئي. جنهن کي عرب حمراء، حمر، احامر ۽ احامره جي لقب سان ياد ڪندا هئا ۽ انهن جي هڪ فرد کي احمر ۽ "محمره" چوندا هئا. جنهن جو ترجمو سرخ پوش يا ڳاڙها ڪري سگهون ٿا. قديم احامره ۾ صرف هندستاني شامل آهن ۽ پوءِ فارس جي انهن موالن کي "حمرا ۽ احامره" چوڻ لڳا هئا جن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ اسلام آندو. پر انهن کي عام طرح سان "حمراء ويلمه" جي نسبت سان ياد ڪندا هئا. قديم احامره سنڌ جا رهاڪو هئا، انهن جو قديم نشان اسان کي "مسعودي جي مروج الذهب"

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٦٦ تا ٣٦٩-

۾ملي ٿو، مسعودي بوداسف (گوتم ٻڌ) جي هندستان ۾ اچڻ ۽ دعوت جي سلسلي ۾ لکيو آهي ته:

وقيل ذالك في حمر السند[1]	۽ اها ڳالهه سنڌ جي ڳاڙهن (حمر) جي باري ۾ چئي وئي آهي.

علامه سيد سليمان ندوي الملل والنحل شهرستاني جي حوالي سان لکيو آهي ته[2]:

ٻڌن جو نيون نالو عربي ڪتابن ۾ "محمره" آهي. يعني ڳاڙهن ڪپڙن وارا، جنهن جو مقصد شايد ڳوڙهو رنگ هجي يا زعفراني رنگ، اهو رنگ انهن جي مذهبي پيشوائن جي سڃاڻپ هئي[3].

احامره جي تحقيق: لسان العرب ۾ آهي ته:

والعرب تسمى الموالى الحمراء والاحامرة قوم من العجم نزلوا البصرة[4]	عرب ٻانهن جي موالي کي "حمراء" چون ٿا. ۽ "احامره" عجم جي هڪ قوم آهي جيڪا بصره ۾ آباد ٿي.

۽ ان ۾ اساوره جي بيان ۾ احامره جي باري ۾ لکيو آهي ته:

والاساورة من العجم بالبصرة نزلوها قديمًا كالاحامرة بالكوفة[5]	اساوره عجم جي قوم آهي جيڪا قديم زماني ۾ بصره ۾ آباد ٿي جيئن احامره ڪوفي ۾ آباد ٿيا.

علامه سمعاني ان کي قبيلي "ازد" جي شاخ هجڻ جو شڪ ظاهر

---

[1] مروج الذهب برحاشيه ڪامل اثير ج ۵، ص ۴۰ - [2] عرب وهند جا تعلقات ص ۲۳۰ - ۲۳۱ - الملل والنحل شهرستاني - [3] لسان العرب ج ۴ - ص ۲۱۰ -
[4] لسان العرب ص ۲۸۸ -

ڪيو آهي، اهڙي طرح "ڪتاب الانساب" ۾ لکيو آهي ته:

الاحمر هذه النسبة الى — احمر جي نسبت ڳاڙهي رنگ
الاحمر وظنى انه بطن — ڏانهن آهي، منهنجي خيال ۾
من الازد[1] — "احمر قبيلو ازد" جي هڪ شاخ آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته عرب جا قديم "احامره" هندستان جا باشندا هئا ۽ عربي قبيلن جا دوست ۽ مددگار ٿي رهندا هئا. ٿي سگهي ٿو ته ازد قبيلي جي ڪا شاخ به "احمر" نالي سان هجي.

ان جون به ڪيترين شاهديون موجود آهن ته عربن ۾ به ڪجهه ڳاڙهن ڪپڙن پائڻ وارا "احمر" جي لقب سان ياد ڪيا ويندا هئا. حميري زبان ۾ "حَمَّرَ" جي معنيٰ ڳالهائڻ ۽ ڳاڙهن ڪپڙن پائڻ جي اچي ٿي. "ابن الانباري" "ڪتاب الاضداد في اللغة" ۾ لفظ "وثب" تي بحث ڪندي لکيو آهي ته "صنفار" جي بادشاهه "حمير" وٽ هڪ ماڻهو آيو، بادشاهه چيو ته مَنْ دَخَلَ صنفار حَمَّرَ. يعني ان جملي جو هي مطلب بيان ڪيو:

اى تكلم بلسان حمير و — يعني حمير جي زبان ۾ ڳالهائي
قال بعضهم معنى حَمَّرَ — ٿو ۽ ڪجهه اهل لغت جو قول
تزيأ بزيهم ولبس الحمر — آهي ته حمر جو مطلب هي آهي ته
من الثياب[2] — حمير جي شڪل اختيار ڪري ٿو
۽ ڳاڙها ڪپڙا پائي ٿو.

ڳاڙهي رنگ کان منع: ٿي سگهي ٿو ته حديث ۾ ڳاڙهن ڪپڙن پائڻ کان منع مردن کي ان ڪري هجي ته هي هڪ بت پرست قوم جو مذهبي نشان آهي. جيئن "ٻڌن" جو هڪ ٽولو ان ڳاڙهي رنگ ڪري مشهور

---

[1] ڪتاب الانساب ج ١ ص ٧٠ ـ [2] ڪتاب الاضداد ص ٩٢ ڪويت ـ

هوءَ هي ته ٿي سگهي ٿو ته "حميرجي بادشاهن" جو اهو شاهي رنگ هجي. جنهن ۾ جاهلي تڪبر ۽ غرور جي بوءِ هئي. ان ڪري ڳاڙهي رنگ کي شيطان جو پيارو رنگ ٻڌائي ان کان منع ڪئي وئي آهي. هڪ حديث ۾ آهي ته:

ايا كم والحمرة فانها من احب الزينة الى الشيطان	خبردار توهان ڳاڙهو رنگ استعمال ذڪيو ڇوته هي رنگ شيطان جي ڏاڍي پسند آهي.

ٻئي حديث ۾ آهي:

نهى عن الميا ثرة الحمر والقسى [1]	حضور صلى الله عليه وسلم جن ڳاڙهي چادر ۽ ڳاڙهي گادي جي استعمال کان منع ڪئي آهي.

احمره ۽ جنگ تبوڪ: ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ اهي هندستاني "ڳاڙها" مديني ۽ شام جي وچ ۾ آباد بنوغفار جا دوست ٿي وڏي تعداد ۾ موجود هئا. جنگ تبوڪ جي موقعي تي بنو غفار جي اڳواڻي ۾ اسلامي جهاد ۾ شريڪ ڏٺا اهڙيءَ طرح امام بخاري رح "الادب المفرد" ۾ جنگ تبوڪ جي سلسلي ۾ هڪ ڊگهي روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ واقعي رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ ابورهم رض جي ملاقات ۽ گفتگو جو ذڪر آهي. ان روايت جو آخري حصو حضرت ابورهم رض جي زباني هيءَ آهي:

فطفق رسول الله صلى الله عليه وسلم يسأ لنى عن من	نبي صلى الله عليه وسلم جن بني غفار جي انهن ماڻهن جي باري ۾

---

[1] ڪنزالعمال ج ٨ - ص ٣٠ -

تخلف من بني غفار وهو
يسألني فقال ما فعل النفر
الحمر الطوال الثط، قال
فحدثته تبخلفهم قال
فما فعل السود الجعاد
القصار، الذين لهم نعم
بشبكة شرخ [1]

مون کان سوال فرمايو جيڪي
تبوڪ جي جنگ ۾ پوئتي رهجي ويا
هئا اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن مون
کان پڇيو ته وڏن پيٽ وارن
ڳاڙهن جو ڪهڙو حال آهي؟ مان
ٻڌايو ته اُهي شريڪ نه ٿيا. وري
پاڻ سڳورن فرمايو ته گهنڊيدار
وارن وارا ڪارا ماڻهو (حبشي)
جو ڇا حال آهي؟ جن جا جانور
"شبڪه شرخ" جي جاءِ تي آهن.

لسان العرب ۾ "ماده ثطط" ۾ ان حديث جو هڪ ٽڪرو هن
روايت آهي:

فقال ما فعل النضر الحمر
الثطاط ...... وروى
هذا الحديث ما فعل الحمر
النطاط [2]

نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو
النضر الحمرا، الثطاط ۽ هڪ
روايت ۾ آهي ته پاڻ سڳورن الحمر
النطاط فرمايو.

ثط جنهن جو جمع "ثطاط" آهي وڏي پيٽ واري سست ماڻهوءَ
کي چوندا آهن ۽ ان ماڻهو کي به چوندا آهن جيڪو "ڪُسُ" هجي، جنهن جي
ڇهري تي وار نه هجن يا گهٽ هجن ۽ ثطاط، ثط جو جمع آهي جنهن جي
معنيٰ طويل جي آهي.

اسان جو خيال آهي ته النفر الحمر الطوال الثط جو مطلب بنو غفار

---

[1] الادب المفرد ص ١١٢ مصر - [2] لسان العرب ج ٧ ص ٢٦٨ -

جي هندستاني موالي (احامره) آهن ۽ السود الجعاد القصار جو مطلب "بنو اسلم" جا حبشي موالي آهن. جيئن تہ "ابودهم" جي ان روايت ۾ آهي تہ مان انهن جي متعلق سوچيو ۽ عرض ڪيو تہ يارسول الله صلى الله عليہ وسلم مي مانھو تہ اسلم مان آهن، علماء فن کي ان جي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ گهرجي. اسان ظاهري لفظن ۽ بيان کان هي نتيجو ڪڍيو آهي.

حمراء دويلم : هي تہ قديم احامره جون ٽالهيون هيون، جيڪي هندستان جا باشندا هئا ۽ قديم زماني کان عرب ۾ ڀين هندستاني ٽولن وانگر آباد تي عربي زندگي ۾ گڏ جي ويا هئا. بعد ۾ "حمراء احمر" جي نالي سان هڪ ٽولو مشهور ٿيو جيڪو عام طرح "حمراء دويلم" جي نسبت سان سڃاتو ويندو هو. علامہ بلاذري فتوح البلدان ۾ مسعر بن ڪدام کان روايت ڪئي آهي تہ "قادسيہ جي جنگ" ۾ ايراني سپہ سالار "رستم" سان مسلمانن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ چار هزار اهڙا فوجي هئا جيڪي "جُند شهنشاه" جي لقب سان ياد ڪيا ويندا هئا.

شاهي فوج جا اهي سپاهي اسلام قبول ڪري مسلمانن سان امن چاهيندڙ ٿيا ۽ هي شرط لڳايو تہ هو عرب ۾ جتي چاهين اتي آباد ٿيندا ۽ جنهن قبيلي جو دوست چاهين ٿيندا. ۽ انهن لاءِ بہ مسلمانن وانگر وظيفا مقرر ڪيا ويندا. انهن جا اهي سڀ شرط منظور ڪيا ويا ۽ اهي ماڻهو "بني تميم" جي هڪ شاخ "بنو زهرة بن حويہ سعدي" جا حليف بنيا. حضرت سعد رضي الله عنہ جن انهن جي مرضيءَ مطابق بصره ۾ آباد ڪيو ۽ انهن جو وظيفو مقرر ڪيو ۽ انهن کي "حمراء دويلم" جي لقب سان ياد ڪيو ويو.

وكان لهم نقيب منهم	انهن مان ئي انهن جو سردار
يقال له ديلم فقيل	هو جنهن کي ديلم چيو ويندو

حمراء ديلم .	هو. اهڙيءَ طرح انهن مان ٿن ڪي حمراء ديلم جي لقب سان ياد ڪيو ويو.

ان ڪانپوءِ علامه بلاذريءَ "ابومسعود راوي" جو هي بيان نقل ڪيو آهي:

والعرب تسمى العجم الحمراء	عرب عجمين کي حمراء جي نالي
ويقولون جئت من حمراء	سان سڏين ٿا ۽ محاوره لاءِ "حمراء
ديلم كقولهم جئت من	ديلم" چون ٿا ته اسان هتان ڪان
جهينية واشباه ذالك[1]	اچي رهيا آهيون، جهڙيءَ طرح
	چون ٿا ته مان جهينيه قبيلي
	وغيره مان اچي رهيو آهيان.

بي روايت آهي ته اهي ماڻهو فتح "قزوين" ۽ "فتح زنجان" جي موقعي تي مسلمان ٿيا ۽ "زهره ابن حويه" سان گڏ ڪوفي ۾ ترسيا.[2]

ٽي احمري: طبري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زماني ۾ عراق جي فتحن جي بيان ۾ ٽن اهڙن راوين جا نالا ورتا آهن جيڪي "احمري" جي نسبت ڪان مشهور آهن.

① زياد بن سرجس احمري ② سفيان احمري ③ عبدالرحمان ابن سياه احمري، هي به لکيو آهي ته:

وعبد الرحمٰن بن سياه	عبدالرحمان بن سياه احمري اهو
للاحمرى الذى ينسب	شخص آهي، جنهن ته انهن حمراء
اليه الحمراء فيقال سياه[3]	جي نسبت ڪئي وڃي ٿي ۽ انکي

---

[1] فتوح البلدان ص ۲۷۹- [2] فتوح البلدان ص ۳۱۷ - [3] تاريخ طبري ج ۴- ص ۵-۶ -

سياه چيو وڃي ٿو.

معلوم ٿو ٿئي ته اهي ٿي احمري شخص نسلن هندستاني هئا يا حمراء ديلم جا هئا، جن جي وطن ۽ نسل جي ڪا به خبر نه آهي پر اهي "رستم" سان گڏ "قادسيه جي جنگ" ۾ ايران جي شاهي فوج ۾ هئا.

اَسَاوِرَه: نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ ان کان اڳ ۽ پوئين دور ۾ "اساور" ۽ "اساوره" جا نالا گهڻائي ۾ ملن ٿا. عرب جي غير ملڪين ۾ انهن جو تعداد سڀ کان وڌيڪ هو. غلبي ۽ عزت جي لحاظ کان هي طبقو سڀ کان مٿاهون هو. بلڪ هي چوڻ گهرجي ته "عراق" کان يمن تائين پوري ساحلي عرب جي سياست ۽ حڪومت تي انهن جو قبضو هو ۽ ايران جي بادشاهن جي نالي تي اهي ئي حڪومت ڪندا هئا. اساوره ايران جي "شاهي فوج" هئا، جيڪي ايران، عرب ۽ ٻين ايراني قبضن تي شهنشاهت جا محافظ هئا ۽ ڪسريٰ جي حڪومت ۾ انهن جي وڏي اهميت ۽ قدر هو. هي ماڻهو زط، سيابجه، احامره ۽ ٻين عجمين وانگر عربي زندگي ۾ ملي جلي نه رهندا هئا، پر انهن جي شان ۽ شوڪت ۽ اقتدار انهن کي حاڪمانه حيثيت ڏني هئي، پر جڏهن اسلام کان پوءِ عجمي غرور ٽٽو ته انهن جو هڪ وڏو ٽولو اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيا ۽ جهاد ۾ شريڪ ٿي ويا ۽ عرب قبيلن سان ملي عربي زندگي اختيار ڪئي. ان کان اڳ اهي پاڻ کي سرڪاري سطح تي رکي ايراني طرز جي زندگي گذاريندا هئا ۽ عربن سان گهٽ ميل جول رکندا هئا.

اَساوره جي تحقيق: "اساور" ۽ "اساوره" لفظ "اسوار" جو جمع آهي ۽ اسوار اسان جي خيال ۾ سنسڪرت جي ٻن لفظن جو مرڪب آهي. اَشُو معنيٰ اسپ (گهوڙو) ۽ "دار" معنيٰ بلند بالا - يعني

گهوڙي سواريءَ[1] ۾ ياد رکڻ گهرجي ته پهلوي زبان ۽ سنسڪرت زبان جاڪيترا مفرد لفظن ۾ حرفي ۽ صوتي مشابهت ۽ انهن ٻنهي زبانن ۾ آياراڻي رشتي سان هم آهنگ آهي. ان ڪري اَسوار (اسپ سوار) جي اها فارسي ترڪيب به سنسڪرت سان تعلق رکي ٿي. جيئن قديم ايراني حضرت آدم عليه السلام کي "جِيُوُمَرت" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. ان جو ترجمو ابن خرداذ به پنهنجي ڪتاب المسالڪ الممالڪ جي شروع ۾ هن طرح ڪيو آهي:

الجيو الحي الموت الميت[2] جيو جي معنيٰ زنده ۽ مرت جي معنيٰ مُرده آهي.

اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن لفظن ۽ ترڪيبن ۾ هم آهنگي پائي وڃي ٿي جن مان لفظ "اسوار" به آهي، عربن ان لفظ کي پنهنجي تلفظ ۾ مختلف طريقن سان استعمال ڪيو آهي ۽ ان جي معنيٰ اسپ سوار (گهوڙي سوار) يا شهسوار بيان ڪئي وئي آهي. لسان العرب ۾ آهي:

الاسوار واء لاسوار قائد	اُسوار ۽ اسوار ايران جي فوجي
الفرس وقيل هو الجيد	آفيسر کي چيو ويندو هو ۽ چيو
الثبات على ظهر الفرس	ويو آهي ته سٺو تير انداز ۽
والجمع اساورة واساور..	هي به چيو ويو آهي ته "اسوار"
... . والاسوار و	اهو آهي جيڪو گهوڙي جي

[1] هي لفظ زردشتون جي مذهبي ڪتاب "اَوستا" ۾ (اسپو ياره) ۽ پهلوي زبان ۾ "اسوباره" ۽ پازند ۾ "اسواز" آهي. اردو زبان ۾ به هي لفظ عام طرح سوار يا شه سوار جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

[2] المسالڪ الممالڪ ص ٢ -

الأسوار الواحد من اساورة فارس وهو فارس مــــن فرسانهم المقاتل والهاد عوض من الياء وكان اصله اساوير وكذالك الزنادقة اصله زناديق عن الاخفش[1]	يعني تي جمع ويهي. ان جو جمع اساوره ۽ اساور آهي ۽ اُسوار ۽ إسوار ۽ اساور ايران جو واحد آهي جيڪو انهن جو جنگي گهوڙي سوار هوندو آهي ۽ اساوره ۾ ”ها“ ”يا“ جي بدران آهي. گويا ان جو اصل ”اساوير“ آهي. اهڙي طرح ”زنادقه“ آهي ان جو اصل ”زناديق“ آهي اهو ئي قول اخفش جو آهي.

مطلب ته ”اُسوار“ ۽ ”إسوار“ ٻن قسمن سان استعمال ٿئي ٿو ۽ ايراني فوج جا آفيسر بهترين تيرانداز ۽ بهترين گهوڙي سوار وغيره جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. اسان جو خيال هي آهي ته لفظ ”سوار“ جيڪو گهوڙي جي سواري ڪرڻ واري جي معنيٰ ۾ آهي، اهو اصل ۾ ”اسوار“ آهي. گهڻي استعمال ڪرڻ سان شروع وارو حرف ختم ٿي ويو آهي، جيئن ”اسيوط“ ۽ ”سيوط“ ٻنهي قسمن سان استعمال ٿئي ٿو ۽ ٻئي برابر آهن.

اساوره ايراني فوج ۾ : اساوره ايراني فوج ۾ گهوڙي سوار هئا ۽ ايران جي بادشاهن جي فوج ۾ انهن کي ”جند شاه“ چيو ويندو هو، جيئن مٿي معلوم ٿي چڪو آهي ته هندستان جون به قومون خاص ڪري ايران جي بادشاهن جي فوج ۾ شامل هيون، هڪ ”جاٽ“ ۽ ٻئي ”ميد“. ان کان سواءِ هندستان جا ”سيابجه“ به ان ۾ شامل هئا. سنڌ ۽ بلوچستان تي ايراني قبضي ڪري انهن شهرن جا ماڻهو به ان ۾ ڀرتي ٿيا. اهڙي طرح اساوره

---

[1] لسان العرب ج ۴ - ص ۳۸۷

۾ ايرانين وانگر هندستاني گهوڙي سوار به موجود هئا، پر انهن جو تعلق ايراني فوج سان هو. ان ڪري انهن جو هندستاني هجڻ ظاهر ٿئي ٿو. ان ڪري "اساوره فرس" وانگر "اساوره هند" به هوندا هئا.

"ابن قتيبه" "ڪتاب المعارف" ۾ هڪ واقعو نقل ڪيو آهي جنهن جو خلاصو هي آهي ته ايران جو بادشاهه "بهرام جور بن يزد" پنهنجي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ ويس مٽائي هندستان هليو ويو هو ۽ معمولي ماڻهو وانگر گمنامي جي زندگي بسر ڪري رهيو هو، اتفاق سان ان هڪ هاٿي ماري وڌو، ان جو ذڪر مقامي راجا جي دربار تائين پهتو، ان زماني ۾ ان راجا جو هڪ حريف راجا حملي جي تياري ڪري رهيو هو، جنهن ڪان هو ڏاڍو پريشان هو. "بهرام جور" دربار ۾ حاضر ٿي پنهنجي بهادري جو واقعو بيان ڪيو ۽ حملي ڪندڙ راجا جي مقابلي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪيائين ۽ جڏهن راجا حملو ڪيو ته "بهرام جور" هندستان جي اساوره کي ساڻ ڪري وڏي حڪمت عملي سان مقابلو ڪيو ۽ ان کي شڪست ڏنائين:

فرکب بهرام في سلاحه	بهرام هٿيار پائي نڪتو ۽
وقال لأسورة الهند احد	هندستان جي اساوره کي چيو ته
سواظری ثم انظروا	توهان منهنجي پٺيان پهرو ڏيو
الى عملي فيما أمامي و	پوءِ منهنجي سامهون ڪارنامو
كانوا قومًا لا يحسنون	ڏسو. اهي ماڻهو چڱي طرح
الرمي واکثرهم رجالة[1]	تيراندازي نه پيا ڪري سگهن
	۽ انهن مان اڪثر پياده هئا.

ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته سيابجه جيڪي خالص

---

[1] ڪتاب المعارف ص ٢٩٠ مصر.

هندستاني هئا، اهي "اساوره" جي نالي سان به ياد ڪيا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح "شيرديه اسواري" جي مسلمان ٿيڻ جي سلسلي ۾ علامه بلاذري جو قول آهي ته:

فانضم الی الاساورة السيابجة [1] — اهي بصره جا "اساوره" سيابجه سان ملي ويا.

انهن شاهدن مان معلوم ٿئي ٿو ته "اساوره" ۾ هندستانين جو تعداد گهڻو هو. پر ايرانين جي قبضي ڪري اسان انهن کي سڃاڻي نه ٿا سگهون، ورنه "اساوره" ۽ خالص "هندستاني زط" ۽ سيابجه ۾ ذهن ۽ فڪر ۽ معاشرت جي اعتبار کان وڏي حد تائين هڪ جهڙائي هئي ۽ اهي ٽئي ٽولا هڪ ٻئي وٽ جون شاخون معلوم ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح اهي ٽئي قومون اسلام آڻڻ کان پوءِ به هڪ ٻئي سان اهڙي طرح ملي ڪري رهيون جو انهن ۾ ايڪو قائم رهيو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ اساوره جو اسلام آڻڻ:

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ جڏهن عجمين جو شان ۽ شوڪت ختم ٿيو ته ڪيترين قومون اسلام ۾ داخل ٿي ويون ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ لاءِ گڏ ٿيون. بلاذري جي هڪ روايت آهي ته اساوره مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بصره جي سيابجه ۽ جاٽن سان ملي ويا. بعد ۾ عرب قبيلن انهن کي جدا ڪري پاڻ سان ملائڻ چاهيو ۽ انهن جو ٽولو ختم ٿي ويو.

فلما اجتمعت الاساورة والزط والسيابجة تنازعتهم بنو تميم فرغبوا فيهم — جڏهن اساوره ۽ جاٽ ۽ سيابجه گڏ ٿيا ته بنو تميم انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو جنهن جي نتيجي

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٦٧ -

فصارت الاساورة فی بنی سعد والزط والسیابجة فی بنی حنظلة[1] — ۾ اساوره بني سعد سان ملي ويا ۽ جاٽ ۽ سيابجه بني حنظله سان ملي ويا.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته ”سيابجه، جاٽ ۽ ديلم“ ٽئي ايران جي فوج ۾ هئا، جن کي ايرانين قيد ڪري ۽ سنڌ وارن ۾ شامل ڪري انهن جو وظيفو مقرر ڪيو هو:

فلما سمعوا بما کان من امر الاساورة اسلموا واتوا باموسیٰ فانزلهم البصرة کما انزل الاساورة[2] — جڏهن انهن ماڻهن اساوره جو حال ٻڌو ته اهي به مسلمان ٿي ڪري ابوموسیٰ وٽ آيا. ابو موسیٰ اساوره وانگر انهن کي به بصره ۾ آباد ڪيو.

انهن ٽنهي قومن اسلام آڻڻ کان پوءِ مسلمانن جي داخلي معاملن کان جدا رهڻ جو وعدو ڪيو ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين معاهدي تي رهي جنگ جمل ۽ صفين وغيره کان جدا رهيا.

ان مان ثابت آهي ته خالص هندستاني نسل جا سيابجه جاٽن ۽ اساوره ۾ هر اعتبار کان وڏي هڪجهڙائي هئي ۽ ائين معلوم ٿيندو هو ته اهي سڀ قومون هڪ ئي ملڪ جون رهاڪون آهن. ان جو سبب ان کان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته اساوره ۾ به هندستان جي سپاهين جو تعداد وڌيڪ هو.

جيئن معلوم ٿيو ته ”اساوره“ ايراني حڪومت جي هڪ طاقت هئا ۽ پوري ملڪ ۾ امن وامان قائم ڪرڻ، حڪومت جي نگراني ڪرڻ، انهن جي

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٦٧. [2] فتوح البلدان ص ٣٦٨.

ٿي ڪري ٿيندي هئي. ايران جي ۾ به "اساوره" جا ماڻهو هوندا هئا، اهڙيءَ طرح مسلمانن کان اڳ ايران جي "حصن قزدين" ۾ اساوره جوهڪ وڏو ٽولو قلعي جي حفاظت لاءِ مقرر هو. ۽ انهن جو مقابلو "ديلم" وارن سان ٿيندو رهندو هو. جڏهن انهن سان صلح ٿيندو هو ته وري اهي ماڻهو چورن، ڌاڙيلن کان "قزدين" جي شهر جي حفاظت ڪندا هئا. بلاذري جو بيان آهي ته:

ولم يزل فيه لاهل فارس	ايرانين جا "جُوڌا جوان اساوره"
مقاتلة من الاساورة	ان قلعي جو پهرو ڏيندا هئا.
يرابطون فيه فيدعون	۽ اهي ديلم وارن کي للڪاريندا
الديلم اذا لم يكن بينهم	رهندا هئا جڏهن انهن ۾ صلح نه
هدنة ويحفظون بلدهم	ٿيندو هو. ۽ جڏهن انهن سان
من متلصصهم وغيرهم	صلح ٿيندو هو ته وري انهن جي
اذا جرى بينهم صلح [1]	شهر کي چورن، ڌاڙيلن کان
	بچائيندا هئا.

عرب ۾ اساوره جو علائقو: ايران وانگر عرب جي ايراني قبضي وارن علائقن ۾ به هر قسم جي معاملن جا ذميدار اهي ماڻهو هئا. پرهين تائين انتظام سنڀاليندا هئا. بلاذري فتوح البلدان ۾ لکي ٿو:

فانضم الى الاساوره السيابجة	سيابجه، اساوره سان ملي ويا
وكانوا قبل الاسلام بالسواحل [2]	۽ اهي ماڻهو اسلام کان اڳ
	ساحلي شهرن ۾ آباد هئا.

لسان العرب ۾ آهي:

---

[1] فتوح البلدان ص ٣١٧ - [2] تاريخ طبري ج ٤. ص ١٥٠ -

والاساورة قوم من العجم	اساوره عجمي قوم آهي جيڪا
بالبصرة نزلوها قديمًا	قديم زماني ۾ بصرهٓ آباد ٿي
كالاحامرة بالكوفة [١]	وئي هئي، جهڙيءَ طرح احامره
	قديم زماني کان "ڪوفي" ۾ موجود هئا.

انهن بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته عراق جو شهر "اُبله" جتي سنه ١١ھ ۾ بصره آباد ٿيو، "اساوره" جو سپ کان وڏو مرڪز هو ۽ اِهي ماڻهو ٻين سڀني شهرن ۾ به وڏي تعداد ۾ قديم زماني کان موجود هئا.

صرف اُبله ۾ اسلام کان اڳ اساوره جي گهڻائي جو اندازو ان مان ٿئي ٿو ته جڏهن سنه ١٥ھ ۾ حضرت "عتبه بن غزوان رضي الله عنه" جڏهن اوڏانهن سفر ڪيو ته ان وقت پنج سؤ "اساوره" اُبله شهر جي حفاظت ڪندا هئا. تاريخ طبري ۾ آهي:

وبالابلة خمسمأئة من	اُبله ۾ پنج سؤ اساوره مقرر
الاساورة يحمونها وكانت	هئا جيڪي ان جي حفاظت ڪندا
مرفأ السفن من الصين	هئا. اُبله چين ۽ ان کان سواءِ
ومادونها [٢]	ٻين ملڪن جي جهازن جو
	بندرگاهه هو.

ڪامل ابن اثير ۾ آهي:

اقام نحو شهر فخرج اليه	حضرت عتبه اٽڪل هڪ مهيني
اهل الأبلة وكان خمسمائة	تائين فوج وٺي ترسيو ۽ اُبله
اسوار يحمونها [٣]	جا پنج سؤ محافظ اساوره انهن

---

[١] ڪامل ابن اثير ج ٢- ص ١٨٩ - [٢] ڪامل ابن اثير ج ٢- ص ١٤٧ -

[٣] ڪامل ابن اثير ج ٢- ص ١٨٩ -

جي مقابلي لاءِ نڪتا.

پر هتان جو حاڪم جيڪو پاڻ به "اسوار" هو، اساوره کي وٺي هندستان ۽ عرب ۾ جنگ ڪندو هو.

فكان صاحبه اسوار اسمه	هتان جو حاڪم "هرمز" نالي
هومز يحارب العرب في	هڪ اسوار هو. جيڪو خشڪي ۾
البر والهند في البحر [1]	عربن سان ۽ سمنڊ ۾ هندستان
	سان جنگ ڪندو هو.

اهڙي ءَ طرح "ڪسريٰ انوشيروان" پنهنجي دور ۾ انهن ئي فوجن کان "سرنديپ" تي حملو ڪرايو هو ۽ ان جي فوجن اتان جي راجا کي قتل ڪري وڏو مال "ڪسريٰ" ڏانهن موڪليو هو. (ابن خلدون ج ۱ ص ۱۷۷)

ظاهر آهي ته هندستان تي حملي ڪرڻ جي صورت ۾ ايراني اساوره وانگر هندستانين کي ان ۾ وڏي ڪري حصو ونڊو پيو هوندو.

اساوره ۽ بين هندستانين جي گهڻائي ڪري اُبله جو شهر "ارض الهند ۽ فرج الهند والسند" جي لقب سان مشهور ٿيو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ننڍپڻ جي زماني ۾ جڏهن حبشه جي بادشاه "ابرهه" جي پٽ "مسروق بن ابرهه" يمن تي قبضو ڪيو ۽ اتان جو عرب بادشاه "سيف بن ذي يزن حميري" ڪسريٰ انوشيروان جي دربار ۾ مدد لاءِ ويو ته ان پنهنجن اٺ سؤ قيدين کي "دهر زنامي" هڪ اسوار جي اڳواڻي ۾ اٺن ٻيڙين ۾ سوار ڪري يمن روانا ڪيا. جن مان ٻه ٻيڙيون سمنڊ ۾ ٻڏي ويون ۽ باقي ايراني ساحل "حضرموت" تي لٿا ۽ يمن تي قبضو ڪيو:

نقود عليهم قائداً من	۽ ڪسريٰ انهن تي هڪ فوجي

---

[1] ڪامل ابن اثير ج ۲ ص ۱۴۷.

اساورة يقال له دهـرز	آفيسر "دهرز" نالي مقرر ڪيو
وقيل بل كان من اهـل	هڪقول آهي ته "دهرز" قيدين
السجون سخط عليه كسرىٰ	مان هو. انکي ڪسرىٰ هڪ ڏوهه
لحدث احدثه فحبسه	۾ گرفتار ڪري قيد ڪيو هو. هي
وكان يقيد بالف اسوار [1]	شخص هڪ هزار اسوارجي اڳواڻي
	ڪندو هو.

"يمن جا ابناء" اساوره جي اولاد آهن : يمن تي ايران جو قبضو ٿيڻ کان پوءِ هتي ڪسرىٰ انوشيروان جا نائب رهڻ لڳا ۽ ان زماني ۾ پوري يمن ۾ اساوره جو عمل دخل هو ۽ هتي انهن جو جيڪو نسل ڦهليو ۽ وڌيو ان کي عرب پنهنجي اصطلاح ۾ "ابناء" چوڻ لڳا. اهڙيءَ طرح يمن جي اساوره جي اولاد "ابناء يمن" چئي وئي. جن ۾ ايران وارن وانگر هندستان وارن جي اولاد به شامل رهي هوندي، پر جهڙيءَ طرح اساوره جي جامع لفظ کان اسين هندستاني سوارن کي نه ٿا ڪڍي سگهون اهڙيءَ طرح انهن "ابناء يمن" کان هندستاني سپوتن کي جدا نه ٿا ڪري سگهون.

عرب ۾ اساوره جو اقتدار : رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ اساوره عراق کان وٺي يمن ۽ ساحلي شهرن ۾ پريا پيا هئا ۽ جڳهه جڳهه (تکرتکر) تي ڪسرىٰ جي هٿ هيٺ حڪومت ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح حافظ ابن حجر "الاصابه" ۾ ۽ حافظ ابن عبد البر "الاستيعاب" ۾ حضرت ابو شداد زماري يماني کان روايت ڪئي آهي ته اسان وٽ "عمان" ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو دعوت نامو آيو جيڪو چمڙي تي لکيل هو. اسان وٽ ڪوئي به شخص ان خط کي پڙهڻ وارو نه هو، آخرڪار

---

[1] ڪامل ابن اثير ج ١ ص ٥٨ ـ

هڪ چوڪري اسان کي. اهو خط پڙهي ٻڌايو. راوي جو بيان آهي ته

قلت فمن كان يومئذ على عمان قال اسوار من اساورة كسرىٰ[1]

مان ابو شداد کان پڇيو ته ان وقت عمان جو حاڪم ڪير هو ان چيو ته ڪسرىٰ جو هڪ "اسوار" حڪومت ڪندو هو.

يمن ۾ "اساوره" جو هڪ وڏو تعداد رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ موجود هو، اهڙيءَ طرح ڪسرىٰ جي مرڻ وقت کان پوءِ يمن جي ايراني حڪمران باذان رضي الله عنه مسلمان ٿي ويو ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ جڏهن هو بيمار ٿي پيو ۽ پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ٿي ويو ته پنهنجن سڀني "اساوره" کي جيڪي ان وقت موجود هئا، گهرائي اسلام قبول ڪرڻ جي وصيت ڪئي.

فاجتمعت له اساورة فقال (فقالو) من نؤمّر علينا؟ فقال اتبعو هذا الرجل وادخلوا في دينه واسلموا[2]

اساوره ان وٽ گڏ ٿي چيو ته توهان کان پوءِ اسان ڪنهن کي پنهنجو امير ۽ حاڪم بڻايون؟ ته باذان چيو توهان ان شخص (رسول الله صلى الله عليه وسلم) جي پيروي ڪري ان دين ۾ داخل ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيو.

گهڻو ڪري اهي سمورا "اساوره" حضرت باذان رض جي وفات کان پوءِ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ مسلمان ٿي ويا ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ انهن جو انتظام حضرت زبرقان بن

---

[1] اصابه ج ۴ ص ۱۰۵ - [2] السيرة المحمديه والطريقة الاحمديه في ذڪر ڪتابه -

بدر رضي الله عنه جي حوالي ڪيو هو. تاريخ طبري ۾ آهي :

ان رسول الله صلى الله عليه وسلم توفى وقد فرق فيهم عماله وكان الزبرقان بن بدر على الرباب دعوف، والابناء فيما ذكر السرى [1]

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وفات کان اڳ هر طرف پنهنجا "عمال" مقرر فرمايا هئا. اهڙيءَ طرح زبرقان بن بدر، قبيله رباب قبيله عوف ۽ ابناء يمن جا حاڪم هئا. جهڙيءَ طرح سري بيان ڪيو آهي.

اَسواري عَالم ۽ رِجال : يمن جا اهي ابناء اساوره نسل مان هئا ۽ عرب انهن کي ان خاص لقب سان ياد ڪندا هئا. علامه ابن سعد "طبقات" ۾ "يمن وارث" جي بيان ۾ خاص ڪري ابناء يمن کي بيان ڪيو آهي ته ڪهڙا ڪهڙا بزرگ ابناء مان هئا.

اهڙيءَ طرح مشهور صحابي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه، جنهن کي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي اهل بيت ۾ شمار ڪيو آهي. هڪ قول مطابق "اساوره" مان هو. اصطخري لکيو آهي ته:

ويقال ان سلمان الفارسى من ولد الاساورة [2]

هڪ قول هي آهي ته حضرت سلمان فارسي رض اساوره جي اولاد مان هو.

اساوره ۾ وڏا وڏا عالم ۽ رجال اسلام پيدا ٿيا. انهن مان معتزلي عالم موسى بن سيار اسواري به آهي، جنهن جي باري ۾ "جاحظ" چيو آهي ته هو دنيا جي عجوبن مان هو. عربي ۽ فارسي ٻنهي جو ماهر هو. ان جي علمي مجلس ۾ سڄي پاسي کان عرب ۽ کبي پاسي کان عجمي ويهندا هئا ۽ جڏهن هو قرآن جي هڪ آيت پڙهندو هو ته عربن لاءِ عربي زبان ۾ ۽ عجمين لاءِ

---

[1] تاريخ طبري ج ٣ - ص ٢٣٦ - [2] المسالڪ الممالڪ ص ٩٤ -

فارسي زبان ۾ ان جو تفسير بيان ڪندو هو.

عربي شاعريءَ ۾ اساوره جو ذڪر: اساوره جيئن ته جنگ جاجوڌا هئا، ان ڪري انهن جو ذڪر عرب جي شاعرن ان وصف (اساوره) سان ڪيو آهي. جاهلي دور کان وٺي اسلامي دور جي شاعريءَ ۾ ان جو ذڪر هن انداز ۾ موجود آهي. "نابغه ذبياني" چوي ٿو.

فظل فی سبعة منها لحقن به　　يكرّ بالروق فيها كرّ اسوار [١]

(هن پنهنجن ڏهن ڪتن مان ستن سان رهيو. تي ماري ڇڏيا)

هڪ ٻيو شاعر چوي ٿو:

فجئنا بحی وائل وبلفّها　　وجاءت تميم زطّها والاساور [٢]

(اسان وائل جي ٻنهي قبيلن ۽ انجي ماتحتن کي آندو ۽ بنو تميم جاٽن ۽ اساوره کي آندو.)

عبدالله بن عوهم جو قول آهي:

ويغنى الزط عبدالقيس عنا　　وتكفينا الاساورة المزونا [٣]

(قبيلي عبدالقيس جي لاءِ اسان جي طرفان جاٽ ڪافي آهن، ۽ اسان جي لاءِ اساوره ڪافي آهن.)

هڪ ٻيو شاعر چوي ٿو:

ووتّر الاساور القياسا　　ضغدية تنتزع الانفاسا

(۽ اساوره ضغدي ڪمانون ڪنيون آهن، جيڪي ساهه کي ڇڪي وٺن ٿيون)

نابغه جعدي جو قول آهي:

يبيت اذا ابدى بروق كانها　　سيوف زخوف جرتها الاساور

---

[١] جمهرة الاشعار العرب ص ٥٥ ـ [٢] لسان العرب ج ٧ ـ ص ٣٠٨ ـ

[٣] لسان العرب ج ۴ ـ ص ٣٨٨ ـ

(ان جي رات ائين گذري، جڏهن وچ چمڪي ٿي ته ته ائين معلوم ٿئي ٿو ته جيئن گهمسان جي رڻ جون تلوارون آهن، جن کي اساوره مياڻ مان ڪڍيون آهن)

حضرت عارث بن سمي بن رواس همداني مرهبي رضه جيڪو قادسيه جي جنگ ۾ شريڪ هو ان جو قول آهي:

اقدم اخافهم على الاساورة ولا تهالن لرووس نادرة ¹

(مان انهن ڏڪائيندڙ ڪنبائيندڙ اساوره تي حملو ڪري اڳتي وڌي رهيو هُم ۽ تون ڪِرندڙن کان نه ڏڪ)

اهڙيءَ طرح عربي شعرن ۽ ادب ۾ اساوره جا بيان ملن ٿا، جن ۾ انهن جي بهادري، جنگ جوئي ۽ شوڪت جي خبر پوي ٿي.

بياسره: بياسره جو واحد "بيسر" ۽ "بيسري" استعمال ٿئي ٿو. هيءَ به هڪ هندستان جي قوم آهي جيڪا عرب ۾ آباد هوندي هئي ۽ اهي ماڻهو به "سيابجه" وانگر عربن جي جهازن ۽ بيڙن جي نگراني ۽ حفاظت ڪندا هئي. تاننه ساموندي ڌاڙيلن خاص ڪري هندستان جي "ميد" کان انهن کي بچائي سگهجي. انهن جو ڏنڊو به اهو هو. لسان العرب ۾ آهي ته:

والبياسرة قوم بالسند وقيل	بياسره سنڌ جي هڪ قوم آهي
جيل من السند يواجرون	هي به چيو ويو آهي ته هي سنڌ جو
انفسهم من اهل السفن	هڪ طبقو آهن، جيڪي جهازن
لحرب عدوهم ورجل	جي مالڪن وٽ پگهار تي رهندا
بيسرى ²	هئا، تاننه انهن جي ساموندي
	دشمنن سان جنگ ڪن انهن جو
	واحد بيسري آهي.

---

¹ اصابه ج ا- ص ٣٦٨ - ² لسان العرب ج ۴- ص ٥٨ -

بياسره جي تحقيق: "جاحظ" ٻه هڪ جاءِ تي بياسره جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن کي "سنڌ ۽ هند" جو ڀاشندو ۽ اهن جو اهو ئي ڌنڌو ٻڌايو آهي:

البيسرى جيل من الهند	بيسري سنڌ ۽ هندستان جو
والسند تستاجرهم النواخذة	هڪ ٽولو آهي جن کي جهازن جي
لمحاربة العدو.	نگراني لاءِ دشمنن سان وڙهڻ لاءِ
	پگهار تي رکيو ويندو هو.

وري نهايت تفصيل سان "بياسره" جي متعلق لکيو آهي ته اسان "بيسري" ماڻهن کي ڏٺو آهي، بسيري اهي آهن، جيڪي سفيد نسل يعني "عربي مرد" ۽ "هندي نسل" يعني هندي عورت کان پيدا ٿين ٿا. اهڙو ماڻهو پنهنجي والدين جي هڏ ڪاٺ مطابق نه هوندا، پر اهي ڏاڍا سهڻا هوندا آهن عرب اهڙي ٻارڙي کي به "بيسر" چون ٿا جنهن ۾ لوڻانڻ هجي. سفيد مرد ۽ هندستاني عورت جي ميلاپ سان پيدا ٿيڻ واري کي "بيسري" چيو ويو آهي ته اچي ڪڪڙ ۽ هندي ڪڪڙ جي ميلاپ سان جيڪا ڪڪڙ پيدا ٿئي ٿي اها به "بيسري" سڏائيندي آهي.

اصل ۾ "بسر" جي لغوي معنيٰ ملائڻ جي آهي. لسان العرب ۾ آهي ته:

وبسر التمر يبسُرُ بسرا ،	بَسَرَ ۽ يَبْسُرُ جي معنيٰ اڌ پڪي
وبسّره اذا بنذ فخلط	کارڪ کي پڪي کارڪ سان
البُسر بالتمر[1]	ملائڻ جي آهي.

ان کان سواءِ "بسار" گرميءَ جي زماني ۾ آهي تيز بارش آهي جيڪا "سنڌ" جي "بياسره" وٽ وسندي هئي ۽ هڪ گهڙيءَ لاءِ به بند نه ٿيندي هئي. لسان العرب ۾ آهي ته:

---

[1] لسان العرب ج ۴- ص۵۸-

والبسار مطر يدوم على اهل السند في الصيف ولا يقلع عنهم ساعة فتلك ايام البسار. وفي المحكم البسار مطر يوم في الصيف يدوم على البياسرة ولا يقلع [1]

بياسره اُها بارش آهي جيڪا سنڌ جي باشندن وٽ گرميءَ جي زماني ۾ لڳاتار وسندي آهي ۽ هڪ گهڙيءَ لاءِ به بند نه ٿيندي آهي. اهڙي زماني کي "ايام بسار" چون ٿا. "محڪم" ۾ آهي ته "بسار" گرميءَ جي زماني ۾ هڪ ڏينهن جي بارش آهي جيڪا "بياسره" وارن وٽ لڳاتار وسندي آهي ۽ ٿوري به بند نه ٿيندي آهي.

هندستان جي ساحل جا ڏهه هزار بياسره : هڪ خيال هي

به آهي ته "بيسر" هندستاني لفظ آهي. "بي" جنهن جي معنيٰ گجراتي زبان ۾ "ٻن" جي آهي ۽ "سر" جنهن جي معنيٰ "ذات ۽ شخص" جي آهي، ان ڪري "بيسره" جي معنيٰ اهو شخص آهي جيڪو ٻن نسلن سان تعلق رکي ٿو، يعني جنهن جو "پيءُ عربي ۽ ماءُ هندستاني" هجي. مان رجال السند والهند ۾ يزيد بن عبدالله قريشي بيسري جي بيان ۾ ان وضاحت کي اختيار ڪيو آهي. مشهور تاريخ دان ۽ سياح مسعودي جنهن ٣٠٣ه ۾ ٺاڻا، ڀڙوچ، سوپارا ۽ چيمور (بمبئي) وغيره جو سفر ڪيو هو. چيمور ۾ ڏهن هزارن جي بياسره آباد هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هو لفظ بياسره ۽ بيسر جي هيءَ تحقيق ڪري ٿو:

ومعنى قولنا البياسرة يراد به الهنديه عون هذا

بياسره جو مطلب اُهي مسلمان آهن جيڪي هندستان جي زمين

---

[1] لسان العرب ج ۴ - ص ۵۸ -

اللقب واحدھم بيسر   ني پيدا ٿيا هجن، اهڙن
وجمعهم بياسر [١]   ماڻھن کي ان لقب سان ياد ڪيو
ويو ٿو. واحد بيسر ۽ جمع بياسر آهي.

بياسره جو عرب ۾ قديم زماني کان آباد هجڻ يا نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هجڻ جي تاريخ مون کي نه ملي سگھي، خيال آهي ته اها قوم هندستان ۾ مسلمانن جي اچڻ ۽ هتي رهڻ کان پوءِ پاڻ ۾ ملڻ ۽ نڪاح جي رشتي کان پوءِ پيدا ٿي آهي. ان ڪري اها قوم جي پيدائش هندستان ۾ ئي ٿي آهي ۽ هندستان جي ساحلي مسلمانن جو وڏو تعداد انهن ئي بياسرن جي اولاد مان آهي، هي ضروري آهي ته انهن جو تعلق به عرب ۽ بين اسلامي ملڪن سان رهيو هجي ۽ هي ماڻھو بعد ۾ هتان کان ٻاهر به وڃي آباد ٿيا هجن.

ڪجھ بيسري عالم : بياسرن ۾ به عالم ۽ محدث پيدا ٿيا اهڙي طرح ابن ابي حاتم رازي "ڪتاب الجرح والتعديل" ۾ هڪ محدث يزيد بن عبدالله قرشي بيسري جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته ان عمر بن محمد عمري کان حديث جي روايت ڪئي آهي ۽ ان کان علي ابن الجي هاشم طبراخ روايت ڪئي آهي [٢].

ٽاڪر (تڪاڪره) : ٽاڪر، تڪاڪره، تڪري يا ٽاڪر جو جمع آهي هي قوم خالص هندستاني آهي. جن جي بهادري ۽ جوان مردي عربن ۾ به مجيل آهي. لسان العرب ۾ آهي ته:

التكرى القائد من قواد   تڪري سنڌ جي فوجي آفيسرن
السند والجمع تكاكرة   مان هڪ کي چيو وڃي ٿو ان جو

---

[١] مروج الذهب حواله رجال السند والهند ص ٢٦٨ -

[٢] لسان العرب ج ٢- ص ٩٣ -

الحقوا الهاء للعجمة ..... جمع ٺڪاڪره آهي. آخر ۾
وفي التهذيب الجمع ٺڪاڪرة[1] "ها" کي عجميت جي ڪري لڳايو
ويو آهي ۽ تهذيب ۾ آهي ته
ان جو جمع "ٺڪاڪره" آهي.

محمد بن قاسم سان ٺاڪرن جي جنگ : هندستان جي انهن ٺاڪرن جو ذڪر اسلامي تاريخن ۾ محمد بن قاسم جو سنڌ تي حملو ۽ هتي راجاسان جنگ جي سلسلي ۾ ملي ٿو، ان ڪان اڳ مون کي ان قوم جو ذڪر نه ملي سگهيو. فتوح البلدان ۾ آهي ته جڏهن محمد بن قاسم مهراڻ (سنڌ درياءَ) کي پار ڪري "ڪڇ" جي "راجا راسل" ۽ راجا ڏاهر جو پيڇو ڪيو ته راجا پنهنجي ٺاڪرن کي وٺي مقابلي ۾ آيو ۽ انهن زبردست جنگ ڪئي.

ولقيه محمد والمسلمون
وهو على فيل وحوله
الفيلة ومعه التكاكرة
فاقتتلوا قتالاً شديداً
لم يسمع بمثله[2]

راجا سان محمد بن قاسم ۽
مسلمان ان حال ۾ مليا ته هو
هاٿيءَ تي سوار هو ۽ ان جي
چوڌاري هاٿين جا ولر هئا ۽
ان سان گڏ ٺاڪر به هئا، انهن
اهڙي جنگ ڪئي جو ان جو
مثال ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.

عربي شاعريءَ ۾ ٺاڪرن جو ذڪر : گهڻو ڪري انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي هڪ عرب شاعر انهن ٺاڪرن جي مقابلي ۾ پنهنجي بهادريءَ کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

---

[1] لسان العرب ج ٢، ص ٩٢ - [2] فتوح البلدان ص ٤٢٦ -

لقد علمت تكاكرة ابن تيرى   غداة البُدّ انى هـــبرزى

(ابن تيري جي ٿاڪرن بت خاني جي واقعي جي صبح جو سمجهي ورتو نه مان شير (شينهن) آهيان.)

"تهذيب" ۾ ان شعر ۾ "تكاترة" جي بدران تكاكره آهي. "لقد علمت تكاكرة"[1]

بياسره وانگر تڪاڪره جو بيان به قديم عرب ۾ نه ٿو ملي سگهي ان ڪري خيال آهي ته هي به نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ عرب ۾ موجود نه هئا، بياسره ۽ تڪاڪره کي مان حرف مثال لاءِ پيش ڪيو آهي نه ته انهن ٻنهي جو تعلق هن مخصوص ۽ محدود موضوع سان نه آهي.

---

[1] لسان العرب ج ٢- ص ٩٢ -

عرب ۾ هندستانين جا ڳوٺ

هندستان جا ڏکڻ ۽ اولهه جا ساحلي شهر ۽ عرب جا ڏکڻ ۽ اوڀر جا ساحلي شهر هڪ ٻئي جي سامهون آهن. وچ ۾ بحر هند (جنهن کي عربي سمنڊ به چيو وڃي ٿو) حائل آهي. ان سمنڊ ذريعي ٻنهي ملڪن ۾ تاريخ جي قديم دور کان تعلقات هلندا اچن ٿا ۽ ٻنهي جا ساحلي علائقا هڪ ملڪ جي ٻن علائقن جي حيثيت رکن ٿا. عرب ۽ هند جا قديم تعلقات شروعات ۾ صرف تجارتي ۽ معاشي هئا، پر بعد ۾ فڪري، تمدني ۽ ثقافتي تعلقات به پيدا ٿيا، پر تجارتي ۽ اقتصادي تعلق فڪري ۽ ثقافتي تعلق اڃان به وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو.

ان جي باوجود قديم تاريخ ۾ هندستان جي ڪنهن به ساحلي يا غير ساحلي شهر ۾ عربن جي آبادي جي خبر نه پئي آهي، جيڪي هتي اچي ڪري مستقل آباد ٿيا هجن. حالانڪ عرب جي مقابلي ۾ هندستان هر اعتبار کان ترقي يافته ملڪ هو ۽ عربي زندگيءَ جي مقابلي ۾ هتان جي زندگيءَ ۾ رنگيني ۽ دلفريبي وڌيڪ هئي. ائين معلوم ٿئي ٿو ته عرب تاجر هندستان ايندا هئا ۽ تجارتي مقصد پورو ڪري واپس هليا ويندا هئا ۽ پنهنجي آزاد عربي زندگي تي ان کي ترجيح نه ڏيندا هئا، عربي زندگي انهن لاءِ ڏاڍي دلفريب ۽ خوشگوار هئي. هندستان ۾ سڀ ڪجهه هجڻ جي باوجود انهن

کي اُها کلي هوا ۽ آزاد فضا حاصل نہ هئي، اهوئي سبب آهي تہ هندستان
۾ اسان کي کنهن قديم عرب آبادي جي خبر نہ ٿي پئي ۽ نہ ڪي عربن جو
وڏي ڳڻپ ۾ ترسڻ جو ثبوت مليو آهي. ان جي مقابلي ۾ هندستان جا اڻ ڳڻيا
گهڻا ماڻهو عرب ۾ ملندا، جيڪي اتي وڃي مستقل طرح رهي پيا ۽ هندستان
جي قوميت وطنيت ڇڏي عرب جا باشندا ٿي ويا ۽ انهن کي عربن عربي زندگيءَ
۾ اهڙيءَ طرح ملائي ڇڏيو جو اهي بلڪل عرب ٿي ويا. هندستانين سان
عربن جي ان سهڻي سلوڪ ۽ رواداري جو سبب انهن جي فطري وسعت قلبي
۽ مهمان نوازي هئي، جيڪا جاهلي دور ۾ بہ انهن جي امتيازي خاصيت هئي
ان سان گڏ هڪ وڏو سبب هي بہ هيو تہ عربن کي گهربل شيون انهن هندستانين جي
ذريعي ضرورت جون شيون ملي وينديون هيون ۽ انهن کي ان ڪري هندستان
جو ساموندي سفر نہ ڪرڻو پوندو هو. شروعات ۾ ڪيترا اهڙا هندستاني
باشندا عرب وڃي آباد ٿيا جيڪي واپاري هئا ۽ عربن جي ضرورت جو سامان
انهن جي ميلن ۽ بازارن ۾ ڪڻي وڪڻندا هئا، انهن واپارين کي عرب وڏي عزت
سان ڏسندا هئا، انهن کي نہ صرف ڦرينداا نہ هئا پر انهن جي مڪمل طرح حفاظت
بہ ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح عرب جي ڪيترن وڏن قبيلن اهڙن هندستاني باشندن
کي پنهنجي "ولاء" ۾ ورتو هو ۽ انهن کي پنهنجي قبيلي جو فرد سمجهندا هئا.
وري جيئن تہ هندستان جا ماڻهو بت پرستي ۾ جاهلي عربن وانگر هئا
ان ڪري بہ وڏي ڳڻپ ۾ ٻنهي جي وچ ۾ تعلقات مضبوط ٿيا. عرب جا يهودي،
عيسائي، مجوسي، صائبہ وغيره هندستانين کي پنهنجو هم مذهب (مشرڪ)
چوندا هئا. بت پرستي ۽ ٻين عقيدن ۽ ڪمن ۾ هڪجهڙا هئا. ان ڪري انهن
جو پاڻ ۾ ڪو بہ مذهبي اختلاف نہ هو. اهڙيءَ طرح ڪيترين عادتن، خاصيتن،
رسم ۽ رواج وغيره ۾ عرب ۽ هندستاني هڪجهڙا هئا. ان ڪري هندستان جا

باشندا عرب ۾ ڏاڍي، سولائيءَ سان ملي ويا.

اوڀر ۽ ڏکڻ جي ساحل ۾ : عربن ۽ هندستانين جي تعلقات جو هڪ سبب هي به هو ته ايران جا بادشاهه بلوچستان، سنڌ ۽ سرنديپ وغيره تي قابض هئا ۽ ان علائقي جا هندستاني باشندا جاٽ، ميد وغيره ايراني فوج ۾ شامل ٿي عرب جي قبضي ڪيل علائقن ۾ آباد ٿي ويا هئا. اهڙيءَ طرح عراق جي اهم ايراني قبضي اُبله (بصره) کان وٺي "يمن" تائين ايراني فوجن وانگر هي به پکڙيا پيا هئا ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت کان اڳ عرب جي ڏکڻ اوڀر ساحل تي هندستاني باشندن جو وڏو تعداد گڏ ٿي چڪو هو ۽ انهن جي ملڪي ۽ قومي زندگيءَ ۾ انهن کان خطرو محسوس ٿيڻ لڳو هو. اهڙيءَ طرح يمن تي جڏهن حبشين قبضو ڪيو ته اتي هندستاني باشندن جو وڏو تعداد موجود هو. ان جو اندازو هن واقعي مان ٿي سگهي ٿو ته جڏهن يمن جي سابق عرب حڪمران "سيف بن ذي يزن" ايران جي بادشاهه ڪسريٰ انوشيروان جي دربار ۾ پهچي پنهنجو حال بيان ڪيو ۽ اجنبي ماڻهن جي غلبي جو واقعو ٻڌايو ته "ڪسريٰ انوشيروان" سيف بن ذي يزن کان پڇيو ته توهان جي ملڪ تي ڪهڙن اجنبي ماڻهن قبضو ڪيو آهي؟ اهي حبشي آهن يا سنڌي :

فقال ايها الملك غلبنا على	سيف چيو اي بادشاهه! اسان جي
بلادنا الاغربة فقال له كسرىٰ	ملڪ تي اجنبي ماڻهو قبضو ڪيو آهي
اىّ الاغربة الحبشة ام	ڪسريٰ پڇيو ڪير اجنبي حبشي
السند فقال بل الحبشة[1]	يا سنڌي؟ ته يوسف چيو سنڌي نه

---

[1] سيرت ابن هشام طبع جديد مصطفيٰ محمد مصر ج ١ ـ ص ٦٣ ۽ ڪتاب التيجان ڪلبي ـ حيدرآباد ص ٣٠٤، تاريخ طبري ج ٢ ـ ص ١١٦ ـ مصر ـ

پر حبشي غالب اچي ويا آهن.

تاريخ طبري جي هڪ روايت ۾ آهي ته:

قال ايها الملك ان السودان قد غلبونا على بلادنا وركبوا منا امورًا شفنة، اجلا الملك عن ذكرها.	سيف چيو اي بادشاه! ڪارن ماڻهن اسان جي ملڪ تي قبضو ڪري اسان سان خراب سلوڪ ڪيو آهي، جنهن جو بيان ڪرڻ بادشاهه جي اڳيان مناسب نه آهي.
——— - - - - ———	
قال قد علمت ان بلادكم كما وصفت فاى السودان غلبوا عليها الحبشة ام السند[1]	اهو ٻڌي ڪري ڪسرىٰ چيو هائو. توهان جو ملڪ ڏاڍو زرخيز ۽ سٺو آهي. ٻڌايو ڪهڙن ڪارن ماڻهن ان تي قبضو ڪيو آهي؟ حبشي يا سنڌي؟

ان گفتگو مان معلوم ٿئي ٿو ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي ولادت کان پوءِ عرب جي اوڀر ۽ ڏکڻ علائقن ۾ ڪيترين قدر هندستاني موجود هئا ۽ انهن کي ڪيتري مشهوري ۽ طاقت حاصل هئي. هي واقعو پاڻ صلى الله عليه وسلم جن جي ولادت کان پوءِ جو آهي. ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻن سالن پوءِ جو آهي. ولادت نبوي کان پوءِ سنه ۵۷۵ع ۾ يمن تي ايران جو قبضو ٿيو[2] ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي ولادت سنه ۵۷۱ع ۾ ٿي آهي. يمن تي مسروق بن ابره ڪاهه ڪئي هئي، جنهن جو پيءُ "ابرهه" پنهنجي حڪومت جي زماني ۾ "ڪعبة الله" تي فوج چاڙهي هئي ۽ واقعي جي پنجونجاهه (۵۵) ڏينهن کان پوءِ رسول الله صلى الله عليه وسلم

---

[1] تاريخ طبري ج ۲ - ص ۱۱۸ - مصر - [2] تاريخ العرب حتي ص ۸٦ - مصر -

جن پيدا ٿيا[٣] "سيف بن ذي يزن" جي فرياد تي ڪسريٰ انوشيروان يمن تي پهنجي فوج موڪلي قبضو ڪيو. عراق کان وٺي يمن تائين علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو.

يمن ۾: جيئن معلوم ٿيو ته يمن ۽ ان جي آس پاس ۾ پهريائين کان سنڌي وڏي تعداد ۾ موجود هئا ۽ انهن کي عزت ۽ طاقت به حاصل هئي. انوشيروان جي "يمن" تي قبضي کان پوءِ عرب ۾ هندستانين جي وڏيڪ گهڻائي ٿي وئي ۽ اساوره (ايران جا گهوڙي سوار) ۾ شامل ٿين ڪري انهن اتان جي ملڪي ۽ سياسي معاملن ۾ حصو به ورتو.

"امام ذهبي تجريد اسماء والصحابه" ۾ يمن جي آخري ايراني بادشاه جو نالو جيڪو نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زندگيءَ ۾ مسلمان ٿيو هو باذان رض ملڪ الهند لکيو آهي[٢]. پر حافظ ابن حجرؒ "الاصابه" ۾ غلط چيو آهي ۽ ان جي جاءِ تي "اليمن" کي صحيح چيو آهي[٣] ان تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح يمن ۾ ڪسريٰ جي زماني کان هڪ هندستاني بزرگ "بيرزطن هندي" موجود هو. جيڪو نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ مسلمان ٿيو هو. ان "يمن" جي پسگردائيءَ ۾ حشيش القنب (ڀنگ) کي دوا جي حيثيت ۾ متعارف ڪرايو هو ۽ علاج ۽ دوا درمل ۾ رائج ڪيو[٤] غالبًا اهو "حڪيم" هو ان جا حالات اڳتي ايندا.

يمن قديم زماني هندستاني مال جي وڏي منڊي هو ۽ هتان هندستان جا واپاري هميشه ايندا رهندا هئا. فجر الاسلام جي مصنف لکيو آهي ته:

---

[١] رحمة للعالمين ج ١ حاشيه - [٢] تجريد السماء الصحابه ج ١ ص ٤٥ - حيدرآباد

[٣] الاصابه في تميز الصحابه ج ١ - ص ١٧٩ - [٤] الا صابه ج ١ ص ١٧٨ -

وكان لسكان اليمن قديما علاقات بالهند والشرق الادنى[1]

قديم زماني کان يمن جي باشندن جا تعلقات هندستان ۽ مشرق ادنيٰ سان قائم هئا.

وكانت التجارة قديما فى يد اليمنيين وكانوا هم العنصر الظاهر فيها فعلى يدهم كانت تنقل غلات حضرموت وظفار وواردات الهند الى الشام ومصر[2]

قديم زماني کان واپار يمن وارن جي هٿ ۾ هو ۽ ان ۾ اهي ئي مانھو غالب نظر ايندا هئا، انهن جي ئي هٿان مان حضرموت ۽ ظفار جي پيداوار ۽ هندستان جون شيون شام ۽ مصر ويندڙيون هيون.

انهن بيانن جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿئي ٿو ته يمن جو پورو علائقو هندستان جي واپارين سان آباد هو ۽ انهن جو وڏو تعداد اتي واپار ۾ مشغول هو.

عراق ۾: جهڙيءَ طرح يمن جي حدن ۾ هندستاني گهڻا هئا، اهڙيءَ طرح عرب جي اتر اوڀر ۾ عراق ۾ قديم زماني کان هندستان جا "جاٽ" ۽ سيابجه رهندا هئا. عراق جو مرڪزي شهر اُبله، چين، هندستان ۽ ايران وغيره جي واپاري جهازن جو وڏو بندرگاهه هو ۽ ان جو هندستان سان پراڻو ۽ گهاٽو تعلق هو. جنهنڪري عرب ان کي ارض الهند ۽ "فرج السند والهند" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. ايران جا بادشاهه اُبله تي قبضو ڪري هڪ طرف خشڪي جي رستي عرب تي حملو ڪيو هو ۽ ٻئي طرف سامونڊي رستي کان هندستان تي حملو ڪيو هو. تاريخ طبري واقعات سنه ١٢هه ۾ آهي ته:

وكان فرج الهند اعظم ۽ فرج الهند (اُبله) ايرانين جي

---

[1] فجر الاسلام ج ١- ص ١٣ - [2] فجر الاسلام ج ١- ص ١٣ -

فروج فارس شاناً واشدها — وڏي اهم مرڪز ڪان هو جتي
شوڪة وڪان صاحبه — هنن کي وڏو شان ۽ شوڪت
يحارب العرب في البر — حاصل هو. هتان جو حاڪم خشڪيءَ
والهند في البحر[1] — ۾ عرب سان ۽ سمنڊ ۾ هندستان
سان جنگ ڪندو رهندو هو.

ظاهر آهي ته انهن خشڪيءَ ۽ پاڻيءَ جي حملن ۾ هندستان جا اهي "جاٽ ۽ ميد" ضرور شامل هوندا جيڪي ايران جي بادشاهن جي فوج ۾ قديم زماني کان موجود هئا، خاص ڪري هندستان تي حملي جي صورت ۾ انهن کي پنهنجي خدمتن پيش ڪرڻ جو بهترين موقعو ملندو رهيو هوندو.

عراق کان هندستان تي ايرانين جي ساموندي حملن جو سلسلو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ننڍپڻ تائين جاري رهيو. اهڙيءَ طرح ڪسريٰ انوشيروان يمن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ هندستان تي هڪ زبردست حملو ڪيو ۽ "سرنديپ" کي مليا ميٽ ڪري هتان بيشمار دولت حاصل ڪئي. امام طبري ان حملي جو تفصيل هن ريت بيان ڪيو آهي:

فلما دانت لكسرى بلاد اليمن — جڏهن يمن جي شهر وارا ڪسريٰ
وجّه الى سرنديب من بلاد — جا مطيع ٿي ويا ته ان هندستان
الهند وهي ارض الجواهر — جي شهر سرنديپ تي (جيڪو
قائداً من قوادة في جند — جواهرن جو ملڪ آهي) پنهنجي
كثيف فقاتل ملكها فقتله — هڪ فوجي آفيسر کي وڏو لشڪر
واستولى عليها وحمل الى — ڏئي موڪليو، جنهن راجا کي
كسرى منها اموالا عظيمة — قتل ڪري ملڪ تي قبضو ڪيو

---

[1] تاريخ طبري ج ۲- ص ۵-

وجواهرًا كثيرًا [١]

۽ اتان ڪسريٰ جي خدمت ۾ ڏن ۽ جواهر ۾ مال دولت ڏيڻ تعداد ۾ موڪلي.

هندستان جا "جاٽ" ۽ "ميد" ايرانين جي انهن مهمن ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪندا هئا. علامه سيد سليمان ندوي لکي ٿو ته:

"عربن ۽ هندن جي وچ ۾ تعلقات جو هڪ ٻيو ذريعو به هو، ان جي صورت هيءَ هئي ته ايران جي شهنشاهه جو قبضو بلوچستان ۽ سنڌ تي اڪثر ٿيندو هو. ان قبضي ڪري ڪجهه جنگجو قبيلن جا فوجي دستا ايراني فوج ۾ داخل هئا. انهن ٻن جنگجو قبيلن جو ذڪر عربن ڪيو آهي ته اهي "جاٽ ۽ ميد" آهن اهي ٻئي سنڌ جون مشهور قومون هيون". [٢]

البلاذري سواءِ به عراق ۾ هندستانين جو وڏو تعداد رهندو هو ۽ قديم زماني کان انهن پنهنجو وطن بنائي ڇڏيو هو. ان جو ثبوت بلاذري جي هن بيان مان ملي ٿو:

فانضم الى الاساورة السيابجة وكانوا قبل الاسلام بالسواحل وكذالك الزط وكانوا بالطفوف يتبعون الكلا [٣]

سيابجه انهن اساورن سان مليا ۽ اهي اسلام کان اڳ ساحل تي موجود هئا. اهڙيءَ طرح جاٽ به عراق جي ساحل تي هئا ۽ اهي سبز گاهه جي تلاش ۾ ڪنارن جا چڪر لڳائيندا رهندا هئا.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني جو واقعو آهي ته حضرت

---

[١] تاريخ طبري ج ٢- ص ١٢٤ - [٢] عرب ۽ هند جا تعلقات ص ١١ -

[٣] فتوح البلدان ص ٣٢٧ - مصر -

ابوموسیٰ رضي الله عنه جي سامهون ايراني فوج پيشڪش ڪئي ته اسان مسلمان ٿي بصره ۾ آباد ٿين گهرون ٿا ۽ اسلامي جهاد ۾ مسلمانن جي مدد ڪرڻ گهرون ٿا.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هندستان جا سيابجه ۽ جاٽ "عراق" جي ساحل ۽ "ظنوف" ۾ رهندا هئا، جيڪي عام طرح ڍور پاليندا هئا ۽ گاهه جي تلاش ۾ ساحل جو چڪر لڳائيندا رهندا هئا ۽ عرب جي بدوي زندگي اختيار ڪري انهن پاسن ۾ خانه بدوشي جي زندگي گذاريندا هئا. اهي هندستاني انهن هندستاني باشندن کان سواءِ هئا جيڪي ايرانن جي فوج ۾ شامل هئا. اهي مائٽو خليج عرب جي پوري "عرب ساحل" ۾ پکڙيل هئا، جنهن ۾ عمان، مسقط، قطيف، بحرين، قطر، ڪويت ۽ بصره ۾ سڀ شامل هئا.

بحرين ۽ عمان ۾ : خليج عرب جي ساحل ۽ طفوف ۾ هندستانين جي ڪثرت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته جاهليت جي زماني ۾ انهن جا بستي پاسا اهڙي طرح آباد هئا جو هڪ طرف عرب جا مائٽو اُبله (بصره) کي ارض الهند ۽ فرج الهند جي نالي سان ياد ڪندا هئا ته ٻئي طرف عمان ۽ بحرين جا عرب باشندا هندستانين زبان ۽ تهذيب ۽ حالات کان ايترو قدر باخبر ۽ متاثر هئا جو عام عربن کي هندستانين جا حالات انهن قبيلن ذريعي معلوم ٿيندا هئا ۽ هندستانين جي ميل جول سان انهن عربي قبيلن جي زبان ايتري بگڙجي وئي هئي جو عربيت ۾ انهن جو درجو ايترو قدر ڪري پيو هو جو فصاحت ۽ بلاغت ۽ استعمال ۽ محاورن ۾ سندن مڃي نه ويندي هئي.

هندستانين جو عربي زبان ۽ زندگيءَ تي اثر : مشهور عرب تاريخ دان "همداني" صاحب الاڪليل جو هي قول علامه ابن صاعد اندلسي طبقات الامم ۾ نقل ڪيو آهي :

ومن وقع من نصر مـن ۽ قبيلي نصر جو قبيلو "ازد"

الازد بعمان فعنه اتى كثير من اخبار السند والهند وشيء من اخبار فارس [1]

جيڪو عمان ۾ هو. ان کان سنڌ ۽ هندستان جون ڪيتريون خبرون ۽ ڪجهه ايران جون خبرون معلوم ٿيون.

تاريخ جي ماهر آداب العرب" الرحلة الى البادية " ۾ لکيو آهي ته عربي زبان جي لغت کي گهڻو ڪري عربن ۾ بدون خاص ڪري "قيس" ۽ "تميم" کان ورتو ويو آهي، پر جن عربن ۽ بدوين جي زبان عجمين جي ميلاپ ڪري خالص عربي رهي آهي، انهن کان سنڌ ۽ شاهدي نه ٿي ورتي وڃي:

وخاصة الذين كانوا يسكنون اطراف بلادهم المجاورة لمن حولهم من الأمم فانه لا يوخذ لا من لخم ولا من جذام لمجاورتهم اهل مصر والقبط ..... ولا من عبد القيس وازد عمان لانهم كانوا بالبحرين مخالطين للهند والفرس ولا من اهل اليمن لمخالطتهم للهند والحبشة [2]

خاص ڪري اهي عرب جيڪي اهڙن علائقن ۾ هئا جيڪي پاڙيسري قومن سان مليل هئا ان ڪري لخم ۽ جذام کان عربي زبان نه وئي جو ته اهي مصر ۽ قبط جا پاڙيسري هئا ۽ نه عبدالقيس ۽ ازد عمان کان ورتي وئي، ڇو ته هي ماڻهو بحرين ۾ هئا ۽ هندستانين ۽ ايرانين سان انهن جو ميلاپ هو ساڳيوئي حال يمن وارن جو هو اهي به هندستانين ۽ حبشين سان ميل جول رکندا هئا.

بحرين جي قبيلي عبدالقيس کي هندستان جي باشندن سان خاص تعلق هو ۽ ان کي ڪڏهن ڪڏهن هندستان جي ماڻهن سان واسطو پوندو

---

١ طبقات الامم ص ٥٩ مصر - ٢ تاريخ آداب العرب ج ١، ص ٣٤٣ -

هو. هڪ تغلبي شاعر "اخنس ابن شهاب" پنهنجي قبيلي لڪيز بن عبدالقيس جي مدح ۾ لکي ٿو ته:

لڪيز لها البحران والسيف ڪله   وإن يأتها باس من الهند ڪارب

ارتداد جو فتنو ۽ هندستاني باشندا:

بحرين عمان[1] ۽ ان جي ساحلي شهرن ۾ هندستاني گهڻي تعداد ۾ آباد هئا، ان جو ثبوت ان واقعي مان ملي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وفات کان پوءِ جڏهن انهن علائقن ۾ ارتداد جو طوفان اٿيو ۽ مختلف قبيلن اسلام جي خلاف بغاوت ڪئي، انهن هنگامن ۾ انهن علائقن ۾ آباد هندستانين کي بہ جيڪي اڃان تائين اسلام جي دائري ۾ داخل نہ ٿيا هئا انهن کي شريڪ ڪيو ويو. خاص ڪري قطيف، هجر، خط، دارين، جواثا وغيره ۾ آباد جاٽ ۽ سيابجہ کي قبيلي عبدالقيس جو ساٿ ڏيڻو پيو.

امام طبري سنہ ١١ھ جي واقعن ۾ بحرين وارن جي ارتداد جي ذڪر ۾ لکي ٿو ته:

فلما مات النبي صلى الله عليه وسلم خرج الحطم بن ضبيعة أخو بني قيس بن ثعلبة فيمن اتبعه من بكر بن وائل على الردة، ومن تأشب اليه من غير المرتدين ممن لم يزل كافرا حتى نزل القطيف وهجر واستغوى الخط ومن

جڏهن نبي صلي الله عليه وسلم جن جو وصال ٿيو تہ حطم بن ضبيعہ بڪر بن وائل جي مرتدن ۽ بين قبيلن جي انهن غير مرتد ڪافرن کي جيڪي اڃان تائين پنهنجي مذهب تي قائم هئا. گڏ وٺي نڪتا قطيف ۽ هجر پهتا ۽ خط جي پوري علائقي کي ۽ اتي آباد جاٽ ۽ سيابجہ کي گمراهہ ڪري

---

[1] صفتہ جزيرہ العرب همداني ج ١ ـ ص ١٣٤ ـ حوالہ عربوں کی جهاز رانی ص ٣٠.

بهم من الزط والسيابجة	پاڻ سان ملايو ۽ دارين ڏانهن
وبعث الى دارين[1]	۽ فوج موڪلي.

انهن مرتدن ۽ باغين جاٽن ۽ سيابجه کي ساڻ ڪري انهن علائقن ۾ وڏو هنگامو ڪيو ۽ مسلمانن جو گهيرو ڪري هر طرف کان انهن جي معاشي ۽ غذائي ناڪه بندي ڪئي. حضرت علاء بن حضرمي کي ان جي خبر پئي ته ان حضرت جارود ؓ کي بنو عبدالقيس ۽ حطم جي مقابلي لاءِ روانو ڪيو ۽ هڪ سخت لڙائي کان پوءِ ڪامياب ٿيا ۽ حطم جي فوج جو هڪ حصو شڪست کائي "دارين" ڏانهن ڀڄي ويو. ڪي اتان کان سمنڊ رستي اهي سڀ پنهنجن پنهنجن ملڪن ۽ وطن ڏانهن ڀڄي ويا. ابن اثير جو بيان آهي:

وقصد اعظم الفلال الى	شڪست کاڌل فوج جو هڪ
دارين فركبوا اليها السفن	وڏو حصو ٻيڙن جي ذريعي دارين
ولحق الباقون ببلاد قومهم[2].	ڏانهن ڀڄي ويا ۽ باقي شڪست
	کاڌل پنهنجن پنهنجن علائقن
	ڏانهن هليا ويا.

طبريؒ جا لفظ آهن ته:

وقصد العظم الفلال	شڪست کاڌل فوج جي وڏي حصي
لدارين فركبوا فيها السفن	دارين ڏانهن رخ ڪيو ۽ اتان
ورجع الاخرون الى بلاد	کان ٻيڙين ۾ سوار ٿي پنهنجو رستو
قومهم[3]	ورتو ۽ ٻيا سپاهي پنهنجي پنهنجي
	وطن ڏانهن هليا ويا.

---

[1] تاريخ طبري ج ١٠- ص ٢٥٥-٢٥٦ - [2] ڪامل ابن اثير ج ٢- ص ١٤٢ -
[3] تاريخ طبري ج ٣ - ص ٢٥٩ -

انهن ٻنهي تاريخدانن جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته باغين ۽ مرتدن جي شڪست کاڌل فوج وڏي تعداد ۾ ”دارين“ جي بندرگاه تي آئي ۽ هتان خشڪي ۽ پاڻي رستي پنهنجي ملڪ ڏانهن ڀڄي وئي، ظاهر آهي ته ان ۾ هندستان جا اهي جاٽ ۽ سيابجه شريڪ هئا اهي به ڀڄي ڪري هندستان آيا هوندا.

وچ عرب ۾: خليج عرب جي ساحلي شهرن کان سواءِ هندستان جا ماڻهو ”جزيره نماءِ عرب“ جي اندروني شهرن ۾ به رهندا هئا ۽ انهن جون مستقل آباديون هيون. اهڙيءَ طرح عرب جي وچين علائقي ”نجد“ ۾ هندستانين جي خبر پوي ٿي، جيڪي عرصي کان اتي آباد هئا ۽ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني کان پوءِ به پنهنجي مذهب تي قائم رهيا ۽ ارتداد جي زماني ۾ ڪفار ۽ مشرڪن ۽ مرتدن جي اهڙيءَ طرح مدد ڪئي جو انهن کي هندستان جا نهيل هٿيار جنگ لاءِ ڏنا، جيڪي مسلمانن جي مقابلي ۾ استعمال ڪيا ويا. هي به ٿي سگهي ٿو ته عربن اهي هندستاني هٿيار انهن کان خريد ڪيا هجن يا هندستان کان وٺي ويا هجن، پر پڪتو شڪ هي آهي ته انهن عربن جي مدد لاءِ پاڻ ئي اها پيشڪش ڪئي هئي.

يمامه ۾: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي وصال کان جلدي پوءِ جڏهن نجد جي علائقي ۾ مسيلمه ڪذاب ظاهر ظهور مسلمانن سان مقابلو ڪيو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضرت خالد بن وليد کي مسيلمه ڪذاب ۽ ان جي فوج سان وڙهڻ لاءِ روانو ڪيو. جڏهن هو ”يمامه“ جي ڀرسان پهتو مسيلمه ڪذاب جي قوم بنو حنيفه جي هڪ ٽولي سان مقابلو ٿيو ۽ ”مجاعه بن مراره بن سلمى“ کان سواءِ سڀ قتل ٿيا. حضرت خالد ”مجاعه“ کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ ڪيو ۽ يمامه کان هڪ ميل پري پڙاءُ وڌو. جڏهن يمامه وارن کي خبر پئي ته مقابلي جي نيت

سان ٻاهر نڪتا، ان وقت انھن جي ھٿن ۾ تلوارون چمڪي رھيون ھيون، انھن کي ڏسي ڪري حضرت خالد رض کي ائين محسوس ٿيو ته پاڻ ۾ ئي وڙھي رھيا آھن. جڏھن مسلمان فوجن سان ان جو ذڪر ڪيو ته "مجاعه" چيو ته ائين نه آھي. پر "يمامه" جا ماڻھو جنگ جي تياري ۾ پنھنجون "ھندي تلوارون" صاف ڪري رھيا آھن ۽ انھن کي اُس ڏيکاري رھيا آھن. بلاذري لکيو آھي ته:

فرأى خالد البارقة فيهم فقال يا معشر المسلمين قد كفاكم الله مؤنة عدوكم الا ترونهم وقد شهر بعضهم السيوف على بعض واحسبهم قد اختلفوا ووقع باسهم بينهم فقال مجاعة وهو في حديدة كلا ولكنها الهند وابية خشوا تحطمها فأبرزوها للشمس لتلين متونها [1]

حضرت خالد رض انھن جي تلوارن جي چمڪ جي انداز کي ڏسي چيو ته اي مسلمانو! الله توھان کي دشمن جي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏنو آھي. ھو ڏسو دشمن پاڻ ۾ ئي ھڪ ٻئي تي تلوارون اڀيون ڪن ٿا. منھنجو خيال آھي ته انھن ۾ اختلاف ٿي ويو آھي ۽ پاڻ ۾ اھي وڙھي پيا آھن. اھو ٻڌي "مجاعه" چيو ته اھا ڳالھ نه آھي پر اھي ھندستاني تلوارون آھن جن کي انھن اُس ۾ رکي صاف ڪرڻ گھريو آھي.

ان روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته "يمامه" ۽ آس پاس ۾ آباد ھندستان "مسيلمه ڪذاب" ۽ ان جي پوئلڳن کي ھندستان جون ٺھيل تلوارون ڏنيون ھيون، جيڪي عرب ۾ قديم زماني کان مشھور ھيون.

---

[1] فتوح البلدان ص ٩٨ - مصر.

نجــران ۾ : يمن جي مشهور شهر "نجران" ۾ به نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هندستاني گهڻائي ۾ آباد هئا. ۽ نجران جا عرب انهن جي زندگي ۽ لباس وغيره کان وڏي حد تائين متاثر هئا. ان جو ثبوت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ جملي مان ملي ٿو، اهو هي آهي ته ربيع الآخر يا جمادي الاولیٰ سنه ١٠ھ نبوت ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن حضرت خالدؓ کي نجران قبيلي "بني حارث بن ڪعب" وٽ اسلامي دعوت لاءِ روانو ڪيو حضرت خالدؓ انکي اسلام جي دعوت ڏني ۽ انهن بنا ڪنهن جهجهڪ قبول ڪيو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت خالدؓ کي لکيو ته تون بني حارث بن ڪعب جو هڪ وفد وٺي مديني اچ، اهڙيءَ طرح ان ڇهن ماڻهن جو هڪ وفد وٺي دربار نبوت ۾ حاضر ٿيو:

فلما قدموا على رسول الله	جڏهن وفد جا ماڻهو نبي صلي الله
صلى الله عليه وسلم فراهم	عليه وسلم جن وٽ آيا ۽ پاڻ سڳورن
قال من هٰؤلاء القـــوم	انهن کي ڏٺو ته فرمايو هي ڪير
كانهم رجال الهند قيل يا	ماڻهو آهن جيڪي هندستان جي
رسول الله هٰؤلاءِ رجـال	ماڻهن وانگر آهن، عرض ڪيو ويو
بني حارث بن كعب [1]	يارسول الله هي بني حارث بن
	ڪعب جا ماڻهو آهن:

هن روايت مان جتي معلوم ٿئي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هندستان جي ماڻهن جي شڪل ۽ صورت کان چڱيءَ طرح واقف هئا، اتي هي به معلوم ٿئي ٿو ته نجران ۽ ان جي پاسي ۾ هندستانين جو وڏو

---

[1] سيرت ابن هشام ج ٢- ص ٥٩٣، ص ٥٩٤ مصر- طبري ٣، ص ١٥٧-

القوم الذين كانهم ۽ هٰؤلاء بنو الحارث.

تعداد هيو ۽ مقامي ماڻهن تي انهن جو شڪ ٿيندو هو، يا اهي هندستانين جي ميل جول ڪري لباس ۽ شڪل ۾ هڪ جهڙا معلوم ٿيندا هئا.

مڪي مڪرمه ۾ : عرب جي اولاهين علائقي حجاز ۾ به هندستان جا باشندا موجود هئا، خاص ڪري مڪي مڪرمه ۽ مديني منوره جا عرب باشندا انهن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. اهڙيءَ طرح شروعاتي اسلام جي دور ۾ جڏهن مڪي شريف ۾ قريش ڪافرن نبي صلى الله عليه وسلم تي ظلم ۽ زياد تيون ڪيون ته ابوطالب ان زماني ۾ سوين شعرن جو هڪ قصيدو چيو، جنهن ۾ يقين ڏياريو ته مان پنهنجي ڀائٽي جي مدد ۽ حفاظت کان باز نه رهندس، ان قصيدي جي هڪ شعر ۾ هندستاني جو ذڪر هن طرح آهي:

بضرب ترى الفتيان فيه كأنهم ضوارى أسود فرق لحم خرادل

(اهڙي جنگ جنهن ۾ نوجوان حملي ڪندڙ شينهن معلوم ٿين ٿا . . .)

بنى امة محبوبة هندكية بنى جمح عبد قيس بن عاقل[1]

(هندستاني دل پسند ٻانهيءَ جي پٽن کي مارين ٿا يعني بني جمح کي جيڪي قيس بن عاقل جا غلام آهن)

نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ مڪي شريف ۾ هندستانين ۽ جاٽن جي رهڻ جي هڪ ٻئي سند حديث ۾ ملي ٿي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو مڪي وارا "جاٽن" کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ انهن جي شڪل صورت ۽ لباس کي به چڱيءَ طرح ڄاڻيندا هئا. اسلام جي شروعات جو واقعو آهي ته هڪ دفعي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن رات جي وقت حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه جن کي بطحائي مڪي مڪرمه ڏانهن وٺي ويا جتي انهن جنّ ڏٺا جيڪي شڪل ۽ صورت ۾ هندستان جا "جاٽ" معلوم

---

[1] سيرت ابن هشام ج ١- ص ٢٧٩- مصر-

ٿين پيا. حضرت ابن مسعود جو بيان آهي ته:

فبينا انا جالس فی خطی	مان پنهنجي حلقي ۾ ويٺو هيس
اذا تان رجال کانهم الزط	ته مون وٽ ڪجھه ماڻهو آيا
اشعارهم و اجسامهم لا	جيڪي پنهنجي وارن ۽ جسمن
اری عورة ولا اری قشرا[1]	۾ جاٽ معلوم ٿي رهيا هئا، مان
	انهن جي ستر ۽ کل نه ڏسي سگهيم

حضرت ابن مسعود رضه جن جي ان تمثيل ۽ پيٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو مڪي شريف ۾ رهي ڪري جاٽن جي شڪل ۽ صورت کان چڱيءَ طرح واقف هو.

مديني منوره ۾: مڪي شريف کان پوءِ حجاز جو ٻيو اهم شهر مدينو پاڪ آهي، جتان بحرين، عمان ۽ عراق ۽ شام کان هر قسم جو واپاري ڪاروبار ٿيندو آهي. نبي صلی الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ مديني پاڪ ۾ هندستانين جي باري ۾ ڪو به واقعو نه ملي سگهيو آهي، پر ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته اتي به جاٽ موجود هئا، اهڙي طرح امام بخاري "الادب المفرد" جي باب "بيع الخادم من الاعراب" ۾ ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي تربيت يافته حضرت عمره انصاريه رضه کان روايت آهي ته:

ان عائشه رضی الله عنها	حضرت عائشه رضي الله عنها پنهنجي
دبرت امة لها فاشتكت	هڪ ٻانهي کي مدبر فرمايو: ان
عائشة فسأل بنو أخيها	کان پوءِ پاڻ بيمار ٿي پيون ته
طبيبا من الزط[2]	سندن جي ڀائٽين ان سلسلي
	۾ هڪ طبيب جاٽ کي آندو.

---

[1] ترمذي شريف باب الامثال. [2] الادب المفرد ص ٢٧.

اِها روايت امام ابو عبدالله حاڪمؒ "المستدرڪ" ۾ بہ بيان ڪئي آهي[1] غالبًا اهو واقعو جيئن تہ ظاهري لفظن مان معلوم ٿئي ٿو تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي وصال کان پوءِ جو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ مديني پاڪ ۾ جات رهندا هئا. جن مان ڪيترا دوا درمل بہ ڪندا هئا ۽ گمان آهي تہ هوان کان اڳ اتي آباد هئا.

تبوڪ جي پاسي ۾ : عرب جي اتر اولهہ ۾ بہ هندستانين جا نشان ملن ٿا. ڪجهہ روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تبوڪ جي آس پاس اهي ماڻهو رهندا هئا، اهڙيءَ طرح امام بخاري رحؒ "الادب المفرد" ۾ جنگ تبوڪ جي موقعي تي نبي صلي الله عليہ وسلم ۽ حضرت ابو رهم رضي الله عنہ جي ڳالهہ ملاقات جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن ان کان "قبيلي بني غفار" جي ان جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ وارن جي باري ۾ سوال ڪيو ۽ "ابو رهم" جواب ڏنو:

فقال ما فعل النفر الحمر الطوال الثط، قال فحدثته بتخلفهم قال فما فعل السود الجهاد القصار الذين لهم نعم بشبكة شرخ[2]

رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن پڇيو تہ ان ڳاڙهي ٿولي جو ڇا معاملو ٿيو، جن جا پيٽ وڏا آهن. مان عرض ڪيو تہ جنگ تبوڪ ۾ شريڪ نہ ٿيا. پوءِ پاڻ ڪريم جن پڇيو تہ انهن ڪاري رنگ، گهنڊيدار وارن وارا ۽ ننڍي قد وارن ماڻهن جو ڇا حال آهي جن جا جانور "شبڪہ شرخ جاءِ" ۾ آهن.

---

[1] فضل الله الصمد ج ١ ـ ص ٢٦٠ ـ [2] الادب المفرد امام بخاري ص ١١٢

غالب گمان آهي ته ان حديث ۾ "النفر الحمر الثط" جو مطلب "بنو غفار" جي هندستاني غلام ۽ موالي آهن ۽ "السود الجعاد القصار" جو مطلب حبشي غلام ۽ موالي آهن.

هي مختصر بيان انهن هندستانين ۽ انهن جي آبادين جو آهي جيڪي عرب ۾ آباد هئا. جيڪڏهن حديث ۽ تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن جو تفصيلي مطالعو ان خيال کان ڪيو وڃي ته اجان وڌيڪ ڳالهيون معلوم ٿي سگهن ٿيون.

عَرَبَ ۾ آبَاد
هِندستانين کي اسلام جي دَعوت

اسان اڳين صفحن ۾ ”عرب ۽ هند“ جي تعلقات جي باري ۾ جيڪو ڪجھ لکيو آهي ان مان اها ڳالھ واضح ٿي وئي آهي ته قديم زماني کان عرب ۾ هندستان جا ماڻھو آباد هئا. ۽ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ جڏهن اسلام جي دعوت عام ٿي ۽ هر طرف ڦهلي ته عربن وانگر غير عربن ۾ به ان جي تبليغ ٿي، ايرانين، رومين، حبشين وانگر هندستانين کي به ان نعمت مان حصو مليو، يمن، بحرينْ ۽ نجد وغيره ۾ رهندڙ هندستاني باشندن به اسلام قبول ڪيو. جيتوڻيڪ ان جو بيان ۽ تفصيل تاريخ جي ڪتابن، حديث ۽ سيرت ۾ نه ٿو ملي. پر ڪن ڪن اشارن ۽ واقعن کان ان جي نشاندهي ٿئي ٿي. هندستان جي ماڻھن ۾ اهڙا به ڪي هئا جن اسلام جي دعوت تي لبيڪ نه چيو. پر اُهي ٻڌن، عيسائن مجوسين وانگر پنهنجي اباڻي دين تي قائم رهيا ۽ انهن سان اهڙو سلوڪ ڪيو ويو جهڙو ٻين غير مسلمن سان ڪيو ويو.

هي موضوع ڏاڍو ۽ اهم دلچسپ آهي، پر افسوس جو ڪوشش ۽ تلاش جي باوجود ان تي تمام گهٽ مواد ملي سگهيو آهي. بهرحال! جيڪو ڪجھ مليو آهي، اهو حاضر آهي.

جاهلي عربن ۽ هندن ۾ مذهبي هڪجهڙائي ۽ هندن جي عربن جي بتن سان عقيدت

جاهلي عربن ۽ هندستان

۾ واپاري، معاشي ۽ اقتصادي تعلقات ڪانسواءِ مذهبي ۽ اعتقادي تعلقات به هئا ۽ ٻنهي ملڪن ۾ ان اعتبار کان به هڪجهڙائي هئي ته بت پرستي، ستاره پرستي ۽ توهم پرستي ٻنهي ۾ عام هئي. ”عرب“ جا هندستاني ان عقيدي جي هڪجهڙي هئڻ ڪري عربن ۾ سولائي سان ملي ويندا هئا، جيئن انهن جهڙن خيالن ۽ عقيدن جا هوندا هئا.

علامه عبدالڪريم شهرستاني ڪتاب ”الملل والنحل“ جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

ان العرب والهند يتقاربان	عرب ۽ هند ٻنهي جو مذهب
على مذهب واحدٍ واکثر	قريب قريب هڪجهڙو آهي
ميلهم الى تقرير خواص	انهن ٻنهي ۾ گهڻن جو رجحان
الاشياء والحکم باحکام	شين جي خاصيتن جي ثبوت ۽
الماهيات والحائق و	۽ ماهيت ۽ حقائق جي حڪمن
استعمال الامر الروحانية [1]	تي هلڻ ۽ روحانيت جي استعمال
	ڪرڻ جي طرف آهي.

ان ڳالهه کي ٻئي جلد ۾ ”آراء العرب في الجاهلية“ ۾ لکيو آهي:

قد ذکرنا في صدر الکتاب	اسان ڪتاب جي شروعات ۾
ان العرب والهند يتقاربان	ذڪر ڪيو آهي ته عرب ۽ هند ٻنهي
على مذهب واحدٍ واجملنا	جو مذهب قريب قريب هڪجهڙو
القول فيه حيث کانت	آهي ۽ اتي مختصراً ٻڌايو آهي ته
المقارنة بين الامتين	ٻنهي قومن جو ميل جول صرف
مقصوره على اعتبار خواص	شين جي خاصيتن ۽ جاهليت جو

[1] ڪتاب الملل والنحل مصر ج ١ ـ ص ٢ ـ ٣ ـ

الاشياء والحكم باحكام	حڪم ۽ اعتبار آهي ۽ ٻنهي تي
الماهيات والغالب عليهم	فطرت ۽ طبيعت جو غلبو آهي.
الفطرة والطبع [1]	

ست ستارا ۽ هند ۽ عربن جا ڳڌيل بت خانا هئا: شوعات

۾ هندستان ۽ عرب جي مذهبي نوعيت اها هئي، پر بعد ۾ ٻنهي قومن ۾ بت پرستي جو رواج پئجي ويو ۽ آهي بت پرست قومن ۾ شامل ٿي ويون. دنيا جي بت پرست قومن جا ست وڏا وڏا "بت خانا" جن کي "ست ستارا" (سبع سياره) جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو. مسعودي ان جو تفصيل هي بيان ڪيو آهي:

(۱) مڪي ۾ "ڪعبه" زحل ستاري جو بت خانو مڃيو ويو. (۲) بت خانو "اصفهان" هي مجوسن جو "آتشڪده" هو. (۳) هندستان ۾ "سومنات"۔ (۴) بلخ ۾ "نوبهار" (۵) "صنعاء" يمن ۾ زهرا ستاري جي نالي "بيت غمدان" (۶) "فرغان" ۾ "سج جو بت خانو" (۷) چين جو بت خانو [2]

شهرستاني دنيا جي انهن ستن بتخانن جا نالا ٻڌائي انهن کي هندستان ۽ عرب ۾ ڳڌيل ٻڌايو آهي ۽ لکيو آهي:

واما بيوت الاصنام التي	عرب ۽ هندستان جا مشهور
كانت للعرب والهند فهى	بت خانا ست آهن جيڪي ستن
البيوت السبعة المعروفة	ستارن جي نالي تي ٺاهيا ويا
المبنية على السبع الكواكب	آهن.

(۱) بيت فارس، جبل اصفهان (۲) بت خانو ملتان (۳) بت خانو سومنات (۴) نوبهار بلخ (۵) بيت غمدان، صنعاء يمن (۶) بت خانو فرغانه (۷) مڪي ۾ ڪعبه. جنهن جي متعلق بعد ۾ غلط مشهور ڪيو ويو ته اهو

---

[1] ڪتاب الملل والنحل ج ۲، ص ۱۰۶ - [2] مروج الذهب ج ۲، ص ۲۳۸ کان ۲۴۱ مصر-

"زحل ستاري" جي مناسبت سان ٺاهيو ويو آهي. حالانڪ واس جي باني[1] ان کي ستارن جي ديکه ۾ ٺاهيو هو، ڇو ته ان جو خالو ثبت "زحل" رکيو ويو هو ته ان کي بقا ۽ دوام حاصل ٿئي. پر ڪعبه کي حضرت آدم عليه السلام الله تعالیٰ جي حڪم سان ٺاهيو هو. پر "عمرو بن لحي" پنهنجي قبضي جي زماني ۾ البلقاء (ارض شام) کان پهريون دفعو "بت" آڻي ڪعبي ۾ رکيو ۽ ان جو رواج "ملڪ شاپور ذي الاڪتاف" جي زماني کان عام ٿيو جيڪو اسلام جي زماني تائين جاري رهيو ايستائين جو مڪي جي فتح ۾ ڪعبه جي تطهير ٿي.[1]

ڪعبي جي باري ۾ غلط عقيدو: ان حقيقت جي باوجود، بت پرستن جي هڪ جماعت ڪعبي جي باري ۾ به عقيدو رکندي هئي ته هو "زحل ستاري" جي نالي تي ٺاهيو ويو آهي. ان ڪري ان ۾ دوام ۽ بقا جو شان پاتو وڃي ٿو. مسعودي ان جماعت جو خيال نقل ڪيو آهي:

وقد ذهب قوم ان البيت	هڪ ٽولي جو خيال ته ڪعبو زحل
الحرام وهو بيت زحل و	ستارو آهي. ان ڪري هو سخت
انما طال عندهم بقاء هٰذا	ڏينهن کان پوءِ به قائم آهي ۽
البيت علیٰ مرور الايام	ڏکيي عرصي کان هر ۽ هر زماني
معظم في سائر الاعصار	۾ عزت وارو رهيو آهي. جو ته هو
لانه بيت زحل وان	زحل ستاري جو بت خانو آهي ۽
زحل تولاه، ولان زحل	زحل ئي ان جو متولي ۽ مالڪ
من شانه البقاء والثبوت	آهي. زحل لاءِ بقا ۽ دوام آهي
فما كان له فغير رائل	جيڪا شيءِ ان جي نالي تي هوندي
ولا دائر وعن التعظيم	ان ۾ زوال يا تبديلي نه ايندي.

---

[1] الملل والنحل ج ٢ـ ص ١٠٧ کان ١٠٨ ـ

خير حائل لا | پر ان جي عزت هميشه رهندي.

هندستان جا هندو به انهن بت پرستن مان هئا، جيڪي "ڪعبي" کي "زحل ستاري" جو بت خانو ميڄي ان جي عزت جا قائل هئا. پراهي عرب جي بين بت خانن جو به احترام ۽ عزت ڪندا هئا.

ڪعبي سان عقيدت : هندستان جي ماڻهن ۽ هتان جي شين کي ڪعبي سان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان محبت ۽ عقيدت رهي آهي. اهڙيءَ طرح سيرت ابن هشام ۾ آهي ته جڏهن عبد المطلب "زمزم کوه" کي پيهر کوٽايو ته ان مان "ٻه سون جا هرڻ" مليا جيڪي "قبيلي بنوجرهم" مان هئا.

ووجد فيها أسيافا قلعية	ان ۾ هن "ڪله" جون تلوارون
وأدرعا	۽ زرهون لڌيون.

ان سامان جي باري ۾ قريشن عبد المطلب سان جهڳڙو ڪري پنهنجو حق ثابت ڪيو ۽ جڏهن "ڪُڻو" ڪيريو ويو ته اهي تلوارون ۽ زرهون عبد المطلب جي حصي ۾ آيون ۽ تلوارن سان ان ڪعبي جو دروازو ٺاهيو.

اهي "قلعيه تلوارون" اهي هندستاني تلوارون هيون جيڪي هتان جي شهر "ڪليه" بنايون وينديون هيون. مشهور سياح "ابودلف مسعر بن مهلهل ينبوعي" ڪله جي باري ۾ لکي ٿو :

وفيها قلعة عظيمة فيها	ان شهر ۾ وڏو قلعو آهي
معدن الرصاص القلعى الا	جنهن ۾ "شيهي" جي کاڻ
يكون الا فى قلعتها وفى	آهي ۽ اهو صرف ان قلعي ۾
هذه القلعة تضرب السيوف	ٺهندو آهي ۽ ان قلعي ۾ قلعي
القلعية وهى الهندية	تلوارون ٺاهيون وينديون آهن.

ا مروج الذهب ج ٢ - ص ٢٣٧ - مصر - ٢ سيرت ابن هشام ج ١ - ص ١٤٦ -

العتيقة ۽ جيکي اعليٰ قسم جون هندي
تلوارون هونديون آهن.

مشهور شاعر "فرزوق" آل مهلب جي تعريف ۾ قلعيه يعني "ڪله" جون نهيل هندستاني تلوارون جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

متقلدی قلعية وصوارم هندية وقديمة الآثار

(اهي ماڻهو قلعي تلوارون ۽ قديم هندستاني تلوار پنهنجي ڇيله سان ٻڌي بيٺا آهن)

ان روايت[1] مان جيتوڻيڪ هي خبر نه ٿي پوي ته "ڪله" جي هندستاني تلوارن کي هتان جي ماڻهن "ڪعبه" جي حوالي ڪيو هو يا خود عربن ان کي خريد ڪري "ڪعبه" ۾ رکيو هو. پر ايترو معلوم ٿئي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ڏاڏي عبدالمطلب کي "زمزم کوه" مان هندستاني تلوارون مليون هيون ۽ ان انهن (تلوارن) کي ڪعبي جي دروازي ۾ استعمال ڪيو جيڪو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني تائين موجود هو.

ڪعبي سان هندستانين جي عقيدت ۽ تعلق جي خبر ٻين واقعن مان به پوي ٿي، اهتري طرح مامون الرشيد جي زماني ۾ "تبت" ۽ "سنڌ" جي علائقي جو هڪ راجا مسلمان ٿيو. ان وٽ انساني شڪل جو سون جو نهيل بت ۽ ان جو تخت هو. ان اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ان انهن ٻنهي قيمتي ۽ نايات شين کي ڪعبي جي حوالي ڪري ڇڏيو، امام ابو الوليد محمد بن عبدالله ازرقي مڪي، ان جو تفصيل سان بيان "تاريخ

---

[1] هي سياح ٣٠٢هه ۾ موجود هو، ان عرب کان چين تائين سفر ڪيو هو. ان جي سفرنامي جو اڪثر حصو ياقوت حموي معجم البلدان ۾ چين جي ذڪر ۾ بيان ڪيو آهي. وڌيڪ ڏسو معجم البلدان ج ٥، ص ٤١٥.

مڪه" ۾ ڏنو آهي[1].

قليس سان عقيدت: ڪعبه کان سواءِ عرب جي ٻين عبادتگاهن سان به هندستانين کي عقيدت هئي ۽ هو انهن سان پنهنجو تعلق ظاهر ڪندا هئا. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته "ابرهه" صنعاء "بيت غمدان" جي ڀرسان هڪ وڏو "قليس بت خانو" ٺهرايو هو ته جيئن ڪعبي جي حاجين کي مڪي کان هٽائي هن بت خاني کي عربن جو عبادت گاهه بنايو وڃي. "قليس" عرب ۽ عجم ۾ پنهنجي شان جو واحد عبادت گاهه هو. هن جي تعمير ۾ جيڪو پٿر استعمال ڪيو ويو هو، اُهو "مأرب" جي "محل بلقيس" جو هو ۽ سائو، ڳاڙهو ۽ ڪارو قيمتي پٿر اهڙي طرح لڳايو ويو هو ته:

وفيها بين كل ساقين خشب من ساسم مدور الراس غلظ الخشبة ... حضن الرجل وكان المدخل منه (الباب) الى بيت فى جوفه طوله ثمانون ذراعًا فى اربعين معلق العمل بالساج المنقوش ومسامير الذهب والفضة[2]

هر ٻن ٿنڀن جي وچ ۾ ساڳي جي ڪاٺي هئي جيڪا گول هئي ۽ جنهن جي موٽائي ماڻهوءَ جي ٻنهي ٻانهن جي گهيري جي برابر هئي. ٻاهرين دروازي سان بت خاني ۾ اندر وڃڻ جو رستو ساڳوڻ جي چٽيل ڪاٺي جو ٺهيل هو، جيڪو لڪل هو. ان جي ڏيگهه اسي هٿ ۽ ويڪر چاليهه هٿ. ان ۾ چانديءَ ۽ سون جا ڪوڪا لڳل هئا.

اڳتي هلي ان جي بناوت ۽ سينگار جي باري ۾ لکيو آهي ته:

---

[1] رجال السند والهند ص ٢٩٦، اخبار مڪه ازرقي ج ١، ص ٨٤ - مڪ مڪرمه.

ودرج المنبر من خشب
الساج ملبسة ذهبا وفضة
وكان في القبة أو في
البيت خشبة ساج منقوشة
طولها ستون ذراعا يقال
لها كعيب وخشبة من
ساج نحوها في الطول
يقال لها امرءة كعيب كانوا
يتبركون بهما في الجاهلية
وكان يقال لكعيب الاحوزى
والاحوزى بلسانهم الحر [1]

منبر جا ڏاڪا ساڳوان جي ڪاٺ
جا هئا، جن تي سون ۽ چاندي
ڍڪيل هئي، گنبذ ۾ سون جو
زنجير ڍڪيل هو. ان قبي ميان
اندروني حصي ۾ ساڳوان جي
هڪ ڇٽيل ڪاٺي هئي جيڪا
سٺ هٿ ڊگهي هئي. ان کي
ڪعيب چوندا هئا. ايتري ئي
ڊگهي ٻئي ڪاٺي ساڳوان جي
هئي جنهن کي ڪعيب جي زال
چيو ويندو هو. عرب جا ماڻهو
جاهلي دور ۾ انهن ٻنهي مورتين
مان برڪت حاصل ڪندا هئا.
"ڪعيب" جو نالو انهن وٽ
"احوزي" هو جنهن جي معنيٰ انهن
جي زبان ۾ "آزاد" جي هئي.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان عبادت گاهه جو قبو ۽ عمارتي ڪاٺ، هندستان جي ڪاٺي ڏاري ۽ ساڳوان جو هو. ۽ ان جا ٻئي بت يعني "ڪعيب" ۽ ان جي زال ساڳوان جي ڪاٺي کي گهڙي ٺاهي تيار ڪيا ويا هئا. ان ۾ وڌاءُ نه آهي ته هندستان جي ٻئي بت ٺاهيندڙن ڪعيب ۽ ان جي زال جي شڪل جابت ٺاهيا هجن. ڇو ته هندستان ان فن ۾ قديم زماني کان

---

[1] اخبار مڪه ارزقي ج ۱ ص ۸۸ - مڪه مڪرمه.

مشهور هو ۽ عرب جا بت پرست ان ۾ ڪا به مهارت نه رکندا هئا.

عرب ۽ هندستان جا مشهور بت ۽ بتخانه ۽ انهن جون ڳالهيون

جهڙيءَ طرح هندستان ۾ ستاره پرستي ۽ ستارن جي نالي تي بت خانن ٺاهڻ جو رواج هو، اهڙيءَ طرح ڪيترا قبيلا بت پرستي، ستاره پرستي ڪندا هئا ۽ بت خانا ٺاهيندا هئا. اهڙيءَ طرح قاضي صاعد بن اندلسي "طبقات الامم" ۾ لکيو آهي ته هي قبيلا هنن ستارن جي پوڄا ڪندا هئا، بنو حمير سج جي، بنو ڪنانه چنڊ جي، بنو تميم دبران جي، بنو لخم ۽ بنو جذام مشتري جي، بنو طي سهيل جي، بنو قيس شعري جي، بنو اسد عطارد جي، قريشن ۾ الحاد ۽ بي ديني هئي. جيڪو انهن "حيره" وارن کان ورتو هو. مطلب ته اسلام جي شروعات ۾ پوري عرب ۾ بت پرستي عام هئي ۽ بنو تميم ۾ مجوسيت هئي، ان قبيلي جو مشهور مجوسي زرارہ بن حاجب بن زراره"، "اقسرع بن حابس" ۽ "ابو اسود" هئا [1]

عربن جي بت پرستي جو تفصيل هي آهي ته انهن جا وڏا بت "وُد"، "سُواع" ۽ "يعوق" هئا. دومة الجندل ۾ بنو ڪلب "وُد" جي پوڄا ڪندا هئا، بنو هذيل سواع جي پوڄا ڪندا هئا، يمن وارن ۽ "بنو مذجح" جو بت "يغوث" هو. يمن جو قبيلو بنو همدان "يعوق" جي پوڄا ڪندو هو. "حُمير" جا "ذوالڪلاح نسر" جي پوڄا ڪندا هئا. طائف وارا بنو ثقيف جو بت "لات" هو مڪي ۾ قريش جو بت "عزيٰ" هو. بنو ڪنانه ۽ بنو سليم جا ڪجھ ماڻهو به عزيٰ جي پوڄا ڪندا هئا. مديني ۾ اوس، خزرج ۽ غطفان جو بت "منات" هو، عرب جي بتن ۾ "هُبل" سڀ کان وڏو بت هو، ان ڪري ان جي جاءِ ڪعبه جي ڇت تي هئي. "اُساف ۽ نائله" نالي به بت "صفا ۽

---

[1] طبقات الامم ص ٥٧-

مروه" تي هئا، ۽ اهڙي طرح انهن کي عمرو بن لحي، ڪعبي جي سامهون لڳايو هو[١]

هندستان ۽ سنڌ جي جن ساحلي شهرن سان عربن جا قديم تعلقات هئا ۽ جتان جا ماڻهو عرب ويندا ويندا هئا يا اتي آباد ٿي ويا هئا، انهن شهرن ۾ وڏا وڏا بت خانا هئا ۽ انهن جي باري ۾ جدا جدا عقيدا ۽ تصور هئا، ابن نديم ڪتاب الفهرست ۾ هندستان جي انهن ساحلي بت خانن جا هي نالا ٻڌايا آهن: (١) مانڪير (منگرو) هن بت خاني ۾ ويهه هزار بت هئا ۽ ان جي عمارت هڪ ميل ڊگهي ۽ ويڪري هئي، پري پري کان ماڻهو اچي هتي قرباني ۽ پاس ڏيندا هئا. ايتريقدر جو جان به ڏئي ڇڏيندا هئا. (٢) ملتان جو بت خانو جيڪو سنڌ سان ستارن ۾ هڪ هو. هتي هندستان کان پوڄاري قربانيون، نذر ۽ نياز ڏيندا هئا. (٣) باميان جو بت خانو. (٤) قمار (راس ڪماري) جو بت خانو. (٥) صنعف (هندستان ۽ چين جي وچ وارو شهر) جو بت خانو وغيره[٢]

ان مان ٻنهي ملڪن جي بت پرستي ۽ بت خانن جي گهڻائي جي خبر پوي ٿي.

| شهرستاني "الملل والنحل" ۾ "آرا الهند" جي باب ۾ | عرب جا عام هند و صائبه ۽ ڪجهه مجوس شمار ڪيا ويندا هئا. |

لکيو آهي ته هندستان ۾ مختلف مذهب ۽ ڪيترا فرقا ۽ ٽولا آهن، پر هتي گهڻا صائبه جي مذهب تي آهن ۽ ستاره پرستي انهن جو مذهب آهي، پر انهن جا طريقا جدا جدا آهن:

واڪثرهم علیٰ مذهب　　هندستان جا اڪثر باشندا

---

١ الملل والنحل شهرستاني ج ٢، ص ١٠٩ - ٢ ڪتاب الفهرست ص ٤٨٥ -

الصابئة ومناهجها فمن
قائل بالروحانيات ومن
قائل بالهياكل، ومن
قائل بالاجسام الا انهم
مختلفون في شكل
المسالك التي ابتدعوها
وكيفية اشكال وصفوها[1]

صابئہ اُهن ۾ ان جا پيروڪار
آهن، انهن مان ڪينترا روحانيت
جا قائل آهن، ڪجهه بتن جا
قائل آهن ۾ ڪجهه هيڪل جا
قائل آهن پر اهي سڀ پنهنجن
پنهنجن مذهبي طريقن ۾ شڪلين
۾ جن کي انهن ايجاد ڪيو آهي
جدا آهن.

علامہ ابن صاعدي اندلسي بہ هندستان جي باشندن کي صابئہ چيو آهي، هو لکي ٿو تہ:

واما الصائبة وهم جمهور
الهند ومعظمها فانها
تقول باذل العالم وانه
معلول بذات علة العلل
التي هي الباري عزوجل
وتعظم الكواكب وتصور
لها صورا نتمثلها وتتقرب
اليها بانواع قرابين على
حسب ما علموا من
طبيعة كل كوكب منها
ليستجلبوا بذالك قواها

هندستان جا باشندا صائبہ
آهن ۽ انهن جي اڪثريت عالم
جي ازليت جا قائل آهن ۽ اهي
مانڊهو ستارن جي پوڄا ڪندا
آهن، ۽ پنهنجي وَسَ آهر انهن
جون صورتون ٺاهن ٿا ۽
پنهنجي عقل مطابق هر ستاري
جي طبيعت جي مناسبت سان
قسمين قسمين قربانيون ڏين
ٿا تہ جيئن انهن وسيلي انهن
ستارن کان قوت حاصل ڪري

---

[1] الملل والنحل ج ٢ ص ١١٥

ويصرفوا في العالم السفلي على اختيارهم تدابيرها ويسمون كل صورة من هذه الصور بدا[1]

هن دنيا ۾ انهن جي اثر کي ڪم آڻي سگهجي ۽ ستارن جي انهن مثالي شڪلين ۾ هر هڪ شڪل کي بت چون ٿا.

صابئہ ڪان سواءِ هندستان ۾ هڪ ٻيو فرقو به هو، جيڪو ثنويه مذهب ڏانهن حائل ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين جا قائل هئا.

الملل والنحل ۾ آهي:

ومنهم من يميل الى مذهب التنوية ويقول بملة ابراهيم عليه السلام[2]

هندستان ۾ ڪجهه ثنويه مذهب ڏانهن حائل هئا. اهي ماڻهو حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين جا قائل آهن.

اها ثنويت مجوسن جو بنيادي عقيدو آهي ۽ نور ۽ ظلمت جي فلسفي تي انهن جو دارومدار آهي:

ثم التنويت اختصت بالمجوس حتى اثبتوا اصلين اثنين مدبرين قديمين يقتسمان الخير والشر والنفع والضرر والصلاح والفساد و يسمعون احدهما النور والثاني الظلمة وبالفارسية

ثنويت مجوسين لاءِ مخصوص آهي ۽ هو ٻن اصلن کي قديم ۽ مدبر مڃن ٿا جيڪي خير ۽ شر، نفعي، نقصان ۽ صلاح ۽ فساد ۾ ورهايل آهن انهن مان هڪ اصل کي ”نور“ ۽ ٻئي اصل کي ”ظلمت“ چون ٿا - فارسي ۾ انهن کي ”يزدان“ ۽

---

[1] طبقات الامم ص ١٥ - [2] الملل والنحل ج ٢- ص ١١٥-

يزدان واهرمن [1]   "اهرمن" سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

ان کان پوءِ شهرستاني هندستان جي فرقي "ثنويه" يا مجوسين کي بيان ڪيو آهي، مجوسين جي بيان ۾ لکيو آهي ته انهن جي هڪ شاخ "زرداشيته" آهي، جنهن جو خيال آهي ته اسان ۾ ٻه نبي ۽ بادشاه ٿيا ۽ پهريون بادشاهه "ڪيومرث" هو، جنهن ۾ پوري دنيا جي بادشاهي حاصل هئي. ان جي گادي جو هنڌ "اصطخر" هو، ان کان پوءِ "اوشهنج بن فرادل" بادشاهه ٿيو، جنهن هندستان روانو ٿي مجوسيت جي تبليغ ڪئي هئي:

ونزل الهند وكانت لـه   هي بادشاهه هندستان ويو ۽ اتي

دعوت ثمة [2]   پنهنجي مذهب جي دعوت پيش ڪيائين.

هندستان جي انهن مجوسين کي عرب "هربذ" چوندا هئا، اهي انهن جي آتشڪده جا منتظم ۽ ذميدار هوندا هئا. لسان العرب [3] ۾ آهي ته:

الهربذ بالكسر واحد   "هربذ هرابذ" جو واحد آهي

الهرابذة المجوس وهـم   جيڪي هندستان جي آتشڪده

قومة بليت النار التى فى   جا پوڄاري ۽ منتظم هوندا آهن

الهند فارسى معرب وقيل   هي لفظ فارسي کان ورتو ويو آهي

عظماء الهند [3]   ۽ هڪ چوڻي آهي ته "هرابذه" هندستان جي وڏن ماڻهن کي چوندا آهن.

هندستان جا اهي ثنويه عربن ۾ گهڻي عرصي تائين "مجوس" جي نالي سان ئي مشهور هئا. اهڙيءَ طرح "بزرگ بن شهريار ناخدا رامهرمزي"

---

[1] الملل والنحل ج ١ ص ١٣٧-١٣٨ - [2] الملل والنحل ج ١ - ص ١٤٠

[3] لسان العرب ج ٣ - ص ٥١٨ -

عجائب الهند ۾ ابوالزهر برخستي ناخدا جي متعلق لکي ٿو ته هو بحريون هندستان جي مذهب مجوسي تي هو، وري مسلمان ٿي ويو.

كان عن عظماء سيراف وكان مجوسيا على دين الهند وكان عندهم امينا يقبلون قوله ويستودعونه امرالهم واد لادهم فاسلم وحسن اسلامه [1]	هي شخص سيراف جي وڏن مان هو ۽ هندستانين جي مذهب مجوسي تي هو ۽ پنهنجي قوم ۾ وڏو امانتدار ليکيو ويندو هو. ماڻهو ان جي ڳالهه کي مڃيندا هئا ۽ پنهنجو مال ۽ پنهنجي اولاد ان وٽ امانت رکندا هئا. بعد ۾ ان اسلام قبول ڪيو ۽ پڪو مسلمان ٿي ويو.

انهن بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته عرب ۾ موجود هندن کي اسلام جي زماني ۾ مجوسين جي ٽولي ۾ سمجهيو ويو ۽ انهن جي اسلام نه قبول ڪرڻ جي صورت ۾ انهن سان نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني، صحابن جي زماني ۾ اهوئي معاملو ڪيو ويو جيڪو بحرين، عمان، هجر، خط ۽ يمن وغيره ۾ آباد عجمين ۽ مجوسين ۽ صابئن سان ڪيو ويو، جيئن معلوم ٿيندو.

عرب جا هندو ۽ اسلام جي دعوت: جيئن ته مٿي معلوم ٿي چڪو ته هندستان جا ماڻهو، عرب ۾ ڪيترن شهرن ۾ موجود هئا، شهري ۽ ٻوٺائي ٻنهي قسمن جي زندگي گذاريندا هئا، پر عرب جي ساحل ۾ خليج عرب کان وٺي يمن جي پرسان گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. انهن ڪجهه ته تجارتي ڪاروبار ڪندا هئا. ڪجهه ايرانين جي ماتحت سياست ۽ حڪومت

---

[1] رجال السند والهند ص ٢٧٣.

جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. ڪجهه آزاد زندگي گذاري پنهنجو گذر بسر ڪندا هئا.

عرب جي انهن اولڙهه ڏکڻ ساحل ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آخري وقت ۾ اسلام جي دعوت عام فرمائي هئي، جتي اساوره ۽ انهن جي اولاد ابناءِ يمن سيلاب جيئن زط عام طرح موجود هئا. اهڙي طرح مشرڪ ۽ مجوس عربن وانگر ڪيترن عجمي ماڻهن به اسلام قبول ڪيو. جن ۾ ايراني هندي، سنڌي ۽ حبشي وغيره سڀ شامل هئا.

يمن ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني:

اسان جي تحقيق مطابق عرب جي انهن عجمين ۾ سڀ کان اڳ ۾ يمن جي علائقي ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي اسلامي دعوت عام ٿي ۽ هتان جي عربي باشندن وانگر عجمي باشندن به اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيا. يمن جي باري ۾ معلوم ٿي چڪو آهي ته "ڪسريٰ انوشيروان" جي وقت ۾ هتي سنڌين جو وڏو تعداد موجود هو. انهن جي طاقت ۽ شان جو هي حال هو ته جڏهن حبشين يمن تي قبضو ڪيو ته "انوشيروان" اتان جي عرب بادشاه "سيف بن ذي يزن" کان پڇيو ته:

اي الاغربه الحبشة ام السند [1]	ڪمزن ڌارين ماڻهن قبضو ڪيو آهي حبشي يا سنڌي؟

حضرت باذان يمن جو بادشاهه:

يمن جي ايراني بادشاهه حضرت باذان رضي الله عنه سنه ٦ھ يا سنه ٧ھ نبوي ۾ اسلام قبول ڪيو. سيرت ابن هشام ۾ آهي ته يمن ۾ ڪسريٰ جي قبضي کان پوءِ پهريون ايراني بادشاهه "وهرز" ٿيو. وري ان جو پٽ "مرزبان" پوءِ ان جو پٽ "بينجان"، پوءِ

---

[1] سيرت ابن هشام ج١- ص٦٣، ڪتاب التيجان ص٣٠٤، تاريخ طبري -

ان جي پٽ ڪسريٰ کي يمن جي حڪومت ڏني. پران کي لاهي "باذان" کي بادشاهه مقرر ڪيو ويو، جيڪو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت تائين اتان جو بادشاهه رهيو. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪسريٰ کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جي خبر پيئي ته ان "باذان" کي لکيو ته مون کي معلوم ٿيو آهي ته مڪي ۾ قريش جي هڪ شخص نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي، ان ڪري تون ان وٽ وڃ ۽ ان کي ان دعويٰ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪر. جيڪڏهن هو توبه ڪري ته خير نه ته ان جو ڪم پورو ڪري مون ڏانهن موڪل.
"باذان" پاڻ وجهڻ جي بدران رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي اهو خط روانو ڪيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جواب ۾ لکيو ته الله تعاليٰ مون سان وعدو ڪيو آهي ته ڪسريٰ فلاڻي مهيني، فلاڻي تاريخ تي قتل ڪيو ويندو. جڏهن باذان ڏانهن اهو خط نبي صلي الله عليه وسلم جن جو آيو ته ان صورت حال جي انتظار ۾ ان کي روڪي ڇڏيو ته جيڪڏهن هي شخص نبي برحق هوندو ته اها ڳالهه سچ ثابت رهندي، اهڙي طرح ائين ئي ٿيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جنهن ڏينهن ڪسريٰ جي قتل ٿيڻ جي خبر ڏني هئي، ان ڏينهن ان جي پٽ "شيرويه" ان کي قتل ڪري ڇڏيو. حافظ ابن حجرؒ "فتح الباري" ۾ ڪسريٰ جي قتل جي تاريخ ------- ١٠ جمادي الآخر ٧ه ٻڌائي آهي[1] باذان اهو معجزو ڏسي ڪري پنهنجن ساٿين سميت مسلمان ٿي ويو.

فلما بلغ ذالك باذان بعث	جڏهن باذان کي ڪسريٰ جي
باسلامه واسلام من معه	قتل جي خبر پيئي ته ان پنهنجي
من الفرس الى رسول الله	۽ پنهنجن ايراني دوستن جي

---

[1] فتح الباري ج ٨- ص ١٠٤ -

صلى الله عليه وسلم فقالت الرسل من الفرس لرسول الله صلى الله عليه وسلم الى من نحن يارسول الله قال انتم منا والينا اهل البيت [1]

مسلمان ٿيڻ جي خبر رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ موڪلي. انهن ايلچي قاصدن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته يارسول الله اسان جو شمار ڪهڙن ماڻهن ۾ ٿيندو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته توهان ماڻهو اسان جي اهل بيت ۾ شمار ڪيا ويندا.

"ڪتاب السيرة المحمديه والطريقة الاحمديه" ۾ آهي ته جڏهن باذان کي ڪسرىٰ جي مرڻ جي خبر پئي ته هو بيمار هو. ان جي "اساوره" گڏ ٿي پڇيو ته ڪسرىٰ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ هاڻي اسان ڪنهن کي پنهنجو امير ۽ حاڪم بڻايون. ان (باذان) انهن کي اسلام قبول ڪري رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي پيروي ڪرڻ جو مشورو ڏنو.

فاجتمعت له اساورته فقال! من نومر علينا ؟ فقال اتبعوا هٰذا الرجل وادخلوا فى دينه واسلموا [2]

اساوره ان وٽ گڏ ٿي ڪري پڇيو ته هاڻي اسين ڪنهن کي پنهنجو امير مقرر ڪيون ته ان (باذان) جواب ڏنو ته ان شخص (رسول الله صلى الله عليه وسلم) جن جي پيروي ڪيو ۽ ان جي دين ۾

---

[1] سيرت ابن هشام ج ١ ـ ص ٦٩ ـ

[2] سيرت محمديه فى ذكر كتاب صلى الله عليه وسلم الى برويز بن هرمز بن انوشيروان

داخل ٿي ڪري مسلمان ٿي ويو.

حضرت باذان رضي الله عنه ۽ ان جا ساٿي "اساوره" شاهه ايران جا گماشتا هئا، پر جيئن ته معلوم ٿي چڪو آهي ته ايراني بادشاهن جي فوج ۾ هندستان جا جاٽ ۽ ميد به شامل هئا ۽ هندستان جي فوجي سوارن کي به اساوره چيو ويندو هو، جيڪي وڏي تعداد ۾ ايراني اساوره سان گڏ عرب ۾ هوندا هئا، ان ڪري حضرت باذان رض ۽ ٻين مسلمان ٿيندڙ اساوره جي باري ۾ نٿو چئي سگهجي ته اهي ايراني هئا يا هندستاني يا ٻيا هئا. ڪجهه ڳالهين کان حضرت باذان جو هندستاني هجڻ معلوم ٿئي ٿو، اهڙي طرح علامه ذهبي "تجريد اسماء الصحابه" ۾ ان جو ذڪر ٽن نسبتن سان ڪيو آهي (١) باذان الفارسي (٢) باذان ملڪ الهند (٣) باذان ملڪ اليمن. انهن ٽنهي ۾ باذان جو مطلب اهو ئي حضرت باذان رضي الله عنه آهي. جنهن ڪسريٰ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهنچي ۽ اساوره جي اسلام آڻڻ جي خبر ڏني هئي. ان جي بيان ۾ آهي ته:

(١) باذان الفارسي يمن جي ابناء مان هو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي مبارڪ ۾ اسلام آندو ۽ هي انهن مان هن ۾ آهي جنهن "اسود غسي" جي قتل ۾ حصو ورتو.

ابن اثير لکيو آهي ته:

(٢) باذان ملڪ الهند ذڪره ابن مفرز قال لما قتل ڪسريٰ بعث باذان باسلامه واسلام من معه الى رسول الله صلي الله عليه وسلم حڪاه

باذان ملڪ الهند جي ذڪر ۾ "ابن مفرز" لکيو آهي ته جڏهن ڪسريٰ قتل ٿي ويو ته ان ۽ پنهنجي ساٿين جي اسلام آڻڻ جي خبر رسول الله صلي الله عليه وسلم

ابن هشام. جن جي خدمت ۾ موڪلي جيئن ابن هشام جو بيان آهي.

(٣) وري لکيو آهي ته "باذان ملڪ اليمن" جو بيان "واقدي" "سبا" جي اسلام آڻڻ وارن ۾ ڪيو آهي. منهنجو خيال آهي ته هي اهوئي باذان آهي جنهن "اسود عنسي" جي قتل ۾ ڪم ڪيو آهي[1].

انهن تنهي نالن کي اهڙيءَ طرح ملائي سگهجي ٿو ته حضرت باذان رضي الله عنه تنهي نسبتن سان تاريخ ۾ متعارف آهي، فارس ان ڪري چيو وڃي ٿو ته "فارس" جو رهڻ وارو هو. ڪامل ابن اثير مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت باذان جو خاندان خراسان جي شهر "مروالروز" جو هو. اهڙي طرح حضرت عثمان غني رضي الله عنه جن جي زماني ۾ ٣١هه ۾ جڏهن حضرت احنف بن قيس رض جن جڏهن خراسان فتح ڪري "مردالروز" تي چڙهائي ڪئي ته اتان جي ايراني حاڪم جيڪو حضرت باذان رض جو مائٽ هو صلح ڪيو ۽ ان مائٽي کي صلح لاءِ بهانو بنايو:

وڪان مرزبانها من اقارب	مردالروز جو حڪم باذان يمن
باذان صاحب اليمن فتكف	جي حاڪم جو مائٽ هو. ان
الى الاحنف انه دعانى	احنف کي لکيو ته منهنجي صلح جو
الى الصلح اسلام باذان	سبب باذان جو مسلمان ٿيڻ آهي
فصالته على ستمائة	اهڙي طرح ان حضرت احنف کان
الف[2]	ڇهه لک ساليانه تي صلح ڪيو.

ان بيان مان حضرت باذان جو فارسي هجڻ بلڪل واضح آهي ۽ ملڪ اليمن هجڻ به ان ڪري درست آهي ته ڪسرى "تينجان" جي پٽ کي يمن

---

[1] تجريد اسماء الصحابه ج ١ ص ٤٥ حيدرآباد. [2] ڪامل ابن اثير ج ٣. ص ١٤٨.

جي حڪومت تان هٽائي باذان کي اتان جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ان جي حڪومت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت تائين رهي، ايستائين جو هو مسلمان ٿي ويو.

باقي رهيو "باذان" جو ملڪ الهند" هئڻ ته ان جو خاندان پهريائين هندستان ۾ ڪنهن جاءِ تي حڪمران رهيو هجي ۽ هتان جي بيشمار راجائن وانگر ڪنهن علائقي يا ڪنهن راجا جي وزارت حاصل ٿي هجي ۽ بعد ۾ ان خاندان فارس وڃي ايراني دربار ۾ پهچي حاڪمانه صلاحيت جو ثبوت ڏنو هجي ۽ ايران جي بادشاهن "مردا الروز" جي رياست عطا ڪئي هجي. جهڙي طرح هندستان جا اساوره ايرانين جي فوج ۽ حڪومت ۾ رهندا هئا. پر حافظ ابن حجر جي نظر ۾ حضرت باذان رض جي "ملڪ الهند" هئڻ ۾ ڪلام آهي. هن "الاصابه" ۾ لکيو آهي ته باذان الفارسي ۽ باذان الملڪ اليمن ٻئي هڪ ئي شخص آهن. ۽ باذان ملڪ الهند جي باري ۾ خيال آهي ته ان کي ملڪ اليمن هجڻ گهرجي:

قوله ملڪ الهند فيه نظر والصواب ملڪ اليمن [1]	ذهبي باذان کي جيڪو ملڪ الهند چيو آهي، ان ۾ نظر ۽ ڪلام آهي ۽ صحيح اليمن آهي.

سيرت محمديه جي مصنف به حافظ ابن حجر جي تائيد ڪندي لکيو آهي ته:

ولعله يحف في لفظ ملڪ الهند لعله ملڪ اليمن فڪتب ڪلمة الهند مڪان اليمن والله اعلم [2]	شايد ملڪ الهند ۾ غلطي ٿي وئي هجي ۽ شايد ملڪ يمن هجي ۽ يمن جي جاءِ تي هند لکيو هجي.

---

[1] "اصابه ج ١- ص ١٤٩- مصر- [2] سيرت محمديه في ذڪر ڪتابه صلي الله عليه وسلم الي پرويز بن هرمز بن ڪسريٰ.

حافظ ابن حجر جو خيال صحيح آهي پر حافظ ذهبي جي خيال کي به جيڪڏهن درست تسليم ڪرڻ جو سبب ملي وڃي ته هڪ حافظ حديث ۽ مورخ اسلام ۽ امام علم ۽ فن جي غلطي ته انهن تصحيف جي نسبت کان بهتر ٿيندو. جيڪو حافظ ابن حجر کان ڪنهن به طرح گهٽ درجي جو نه آهي، اسان حضرت باذان کي ملڪ الهند چوڻ جو سبب بيان ڪيو آهي، حالانڪ اهو ته بيڪ مضبوط نه آهي، پر غور جي قابل ضروري آهي ۽ ان مان حافظ ذهبي جي ڳالهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

حضرت بيرزطن هندي يمني: يمن جي علائقي جو خالص هندستاني بزرگ حضرت بيرزطن هندي يمني رضي الله عنه آهي. هي هندستاني علاج جي طريقي جو ماهر طبيب هو ان وڏي عمر پاتي ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيو پر پاڻ سڳورن سان ملاقات جو ثبوت نه ٿو ملي. حافظ ابن حجر ان جو بيان "الاصابه" جي ٽئين باب ۾ ڪيو آهي. جنهن ۾ اهڙن ماڻهن جو بيان آهي جن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو زمانو مبارڪ ته ڏٺو آهي ۽ پاڻ سڳورن جي زندگي مبارڪ ۾ يا ان کان پوءِ اسلام آندو.

ان جو بيان "الاصابه" ۾ هن طرح آهي ته شيخ حسن بن محمد شيرازي "ڪتاب السوانح" ۾ پنهنجي شيخ جعفر بن محمد شيرازي جي روايت سان لکيو آهي:

بيرزطن الهندي شيخ کان	بيرزطن هندي ايران جي بادشاهن
في زمن الاکاسرة له خبر	جي زماني ۾ هڪ ڪراڙو ماڻهو
مشهور في حشيش القنب	هو. ڀنگ جي علاج ۾ ان جو
وانه اول من اظهرها	واقعو مشهور آهي. ان کي انهن

بتلك البلاد، واشهر امرها عنه باليمن، ادرك هذا الشيخ الاسلام فاسلم [1]	انهن علائقن ۾ سڀ کان پهريائين هن مشهور ڪيو ته يمن ۾ ان جي مشهوري انڪري ٿي - هن اسلام جو زمانو ڏٺو ۽ اسلام قبول ڪيو.

حضرت بيرزطن هندي رضي الله عنه اهو پهريون خوشقسمت هندستاني آهي جنهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو زمانو يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ سڳورن جي قريب ترين زمانو پاتو. ان قربت زماني سان گڏ قربت مڪاني ۾ به پهريون هندستاني باشندو آهي.

حضرت بازان رضہ يمن جو حاڪم ۽ ان جي اساورة جي اسلام آڻڻ کان پوءِ جن ۾ ايراني، هندستاني ۽ سنڌي سڀ ئي شامل هئا، يمن ۽ ان وارن علائقن جي عربن وانگر عام عجمي باشندن به اسلام آندو ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اتان جي مسلمانن تي حضرت زبرقان بن بدر رضي الله عنه کي پنهنجو حاڪم مقرر ڪيو

---

[1] الاصابه في تميز الصحابه جلد ا ص١٢٨ مصر. مان قديم مصري نسخي تي اعتماد ڪري جيڪو ڪلڪتي ۽ مصر جي مطبوعہ کي سامهون رکي ڪري ڇپايو هو. رجال السند والهند ص٨٦ ۾ ان جو نالو بيرزطن هندي لکيل آهي. پر اصابه جي جديد نسخي ۾ بيرزطن آهي ۽ ان جي صحت جي باري ۾ لکيل آهي. "قوبلت هذه الطبعه علي عدة نسخ بدار الكتب المصرية وعلى جملة نسخ مطبوعة بمصر". ان ڪري هاڻي بيرزطن کي ئي درست سمجهڻ گهرجي.

طبري جو بيان آهي:

ان رسول الله صلي الله عليه وسلم توفى، وقد فرق فيهم عماله فكان الزبرقان ابن بدر علي الرباب، دعوف والابناء فيما ذكر السريٌ. [1]

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو وصال اهڙي حال ۾ ٿيو جو پاڻ سڳورن پنهنجا عمال عرب ۾ مقرر ڪيا هئا. اهڙي طرح زبرقان بن بدر کي قبيلي رباب ۽ عوف ۽ ابناء يمن تي مقرر فرمايو هو.

جهڙي طرح "سري" بيان ڪيو آهي.

نجران ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني

يمن جي مشهور علائقي نجران ۾ به هندستاني موجود هئا. اهڙي طرح سنه ١٠ھ ۾ جڏهين نجران کان بني حارث بن ڪعب جو وفد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ سڳورن انهن کي ڏسندي ئي، انهن تي هندستاني هجڻ جو شڪ ظاهر فرمايو، ۽ حضرت خالد رضه کان پڇيو ته:

من هٰولاءِ القوم الذي كانهم رجال الهند. [2]

هي ڪير ماڻهو آهن جيڪي هندستاني ماڻهو معلوم ٿين ٿا.

جڏهين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آس پاس جي اميرن ۽ حاڪمن کي اسلام جي دعوت لاءِ خط روانا ڪيا ته نجران جي

---

[1] تاريخ طبري ج ٣ ص ٢٣١ [2] سيرت ابن هشام ج ٢ ص ٥٩٣، تاريخ طبري ص ١٥٦

عام باشندن جي نالي به هڪ خط روانو فرمايو، امام طبري لکي ٿو ته:

وکتب النبی صلی الله علیه وسلم الیٰ اهل نجران الی عربهم و ساکنی الارض من غیر العرب فثبتوا افتحوا وانضموا الیٰ مکان واحد.[1]	رسول الله صلی الله علیه وسلم جن نجران جي ۽ انهيءَ آباد غير عربن ڏانهن خط لکيو. ان ۾ آهي ماڻهوءَ اسلام تي قائم رهندي پنهنجو ٽولو ونئي هڪ جاءِ تي رهڻ لڳا.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته غير عرب باشندا نجران ۾ ايرانين وانگر، هندستان ۽ سنڌ جا باشندا به شامل هوندا، جن رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي دعوت تي لبيڪ چيو ۽ پنهنجو هڪ گوٺ بنايو.

بحرين ۽ عمان وغيره ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني

اڳين بيان مان معلوم ٿي چڪو ته عراق جي شهر ابله کان وٺي خليج عرب جي پوري علائقي ۽ ساحل ۽ "سيف" ۾ هندستانين جون مختلف جماعتون مختلف نالن سان ٻکريون پيون هيون ۽ بحرين ۽ عمان جا سمورا علائقا انهن سان آباد هئا، جن ۾ خط، قطيف، آره، هجر، بينونه، زاره، جواثا، سابور، دارين، غابه ۽ دبا وغيره شامل هئا.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي مبارڪ جي آخري وقت ۾ عرب جي انهن ساحلن ۽ ان جي ٻيٽن ڏانهن عام ۽ خاص

---

[1] تاريخ طبري ج ٣ ص ٢١٦

کي اسلام جي دعوت جا خط روانا ڪيا جن ۾ عُمّان جي عرب ۽ وانگر هتان جي هندستاني باشندا به مخاطب هئا.

عمان ۾ "خط مبارڪ" جي وڃڻ جو حال احوال حافظ ابن عبدالبر "استيعاب" ۾ ۽ حافظ ابن حجر "اصابه" ۾ حضرت ابو شداد زماري رضي الله عنه جي حالات ۾ ان جي زباني اهڙي طرح نقل ڪئي آهي ته "اسان وٽ عمان ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو خط مبارڪ آيو ته ڪو به اهڙو ماڻهو نه ملي سگهيو جيڪو ان کي پڙهي ٻڌائي سگهي.

اسان هڪ ڇوڪري کي گهرائي ڪري ٻڌو، راوي جو بيان آهي ته مان حضرت ابو شداد کان پڇيو ته ان وقت عمان تي ڪير حاڪم هو، ته ان چيو:

اسوار من اساورة ڪسرىٰ[1]   ڪسرىٰ جي اساوره مان هڪ اسوار حڪمران هو.

ظاهر آهي ته عمان جي ايراني حاڪم اسوار جا مددگار به اسوار ئي هئا. جهڙي طرح عرب جي ايراني مقبوضات ۾ ايرانين جي حڪومت جو طريقو هو. معلوم ٿي چڪو آهي ته ايران جي اساوره ۾ هندستان جا جاٽ ۽ سيابجه وغيره شامل هئا، انڪري عمان جا اهي جاٽ وغيره به ان خط مبارڪ جا مخاطب رهيا هوندا.

وضائعُ ڪسرىٰ ڪير هئا؟ : بحرين جي مشهور مرڪزي شهر "هجر" ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن خاص ڪري ڪسرىٰ جي خادمن ۽ مددگارن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ ان لاءِ مستقل

---

[1] الاستيعاب - حاشيه اصابه ج ٤ ص ١٠٥

مانئو ياخط موڪليو. علامہ بلاذري لکي ٿو تہ:

بعث رسول الله صلى الله عليه وسلم الى وضائع كسرىٰ بهجر فلم يسلموا فوضع عليهم الجزية دينارًا على كل رجل منهم [1]

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن هجر ۾ ڪسرىٰ جي يرغمالين تہ انهن اسلام جي دعوت موڪلي ۽ جڏهن انهن اسلام نہ آندو تہ ان جي هر مرد تي هڪ دينار ساليانہ جزيہ مقرر ڪيو ويو.

وضائع ڪسرىٰ ڪير هئا؟ ۽ عرب ۾ انهن جي حيثيت ڪهڙي هئي؟ ان جي متعلق لسان العرب جو بيان آهي.

والوضيعة قوم من الجند يوضعون في كورة لا يغزون منها والوضائع والوضيعة قوم كان كسرىٰ ينقلهم من ارضهم فيسكنهم ارضًا اخرى حتى يصيروا بها وضيعة ابدًا وهم الشحن والمسالح قال الازهري والوضيعة الوضائع الذين وضعهم كسرىٰ فهم شبه الرهائن

وضيعہ اهي سپاهي آهن جيڪي ضلعي ۾ رکيا ويندا آهن ۽ اهي ان کان ٻاهر جنگ نہ ڪندا آهن ۽ وضائع هڪ جماعت هئي جنهن کي ڪسرىٰ انهن جي وطن کان منتقل ڪري ٻئي جاءِ تي آباد ڪندو هو. جتي اهي هميشہ ان خدمت لاءِ مخصوص رهندا هئا، اُهي فوج ۽ سپاهيءَ جو ڪم ڏيندا هئا. ازهري جو

---

[1] فتوح البلدان ص ٩٢،

كان يرتهنهم ويتزلهم بعض بلاده. [1]	قول آهي ته وضيعه اهي ماڻهو آهن جن کي ڪسريٰ ذليل ڪيو هو، اُهي يرغمالن وانگر هئا، جن کي هو پنهنجن علائقن ۾ آباد ڪندو رهندو هو.

وضيعه ۽ وضائع جي ان معنيٰ ۾ جيئن ٺيڪ ظاهر ۾ ڪسريٰ جا نوڪر چاڪر ۽ بيگار قسم جا سپاهي شامل آهن، پر انهن ۾ هندستان جي جاٽن ۽ پين ٽولن جو موجود هجڻ به ثابت آهي، انڪري اهي به اسلام جي دعوت کان مخاطب ٿيا هوندا.

قطيف، خط ۽ دارين ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني

احڙي طرح هجر جي پاڙيسري شهر قطيف ۽ خط، دارين وغيره آهن. انهن ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ جاٽ ۽ سيابجه جي چڱي آبادي هئي ۽ پاڻ سڳورن جي وفات کانپوءِ جڏهن انهن شهرن جي پاسي ۾ ارتداد جي وبا ڦهلي ته "حطم بن ضبيعه" مرتدين کان جدا بچيل ڪافرن جي ٽولي کي وٺي ۽ هتان جي زط ۽ سيابجه کي ساڻ ڪري مسلمانن جي خلاف جنگ ڪئي.

حتى نزل القطيف وهجر واستغوى الخط ومن فيها من الزط والسيابجة وبعث الى دارين. [2]	"حطم" قطيف ۽ هجر ۾ اچي ڪري خط جي شهر ۾ باشندن کي گمراهه ڪيو. ان کانسواءِ هتان جي جاٽ ۽ سيابجه کي

---

[1] لسان العرب ج ٨ ص ٣٩٩ — [2] تاريخ طبري ج ٣ ص ٢٥٥-٢٥٦

ڦيري دارين ڏانهن روانو
ڪيو.

ان مان ظاهر آهي ته خط جي پوري علائقي جا اهي هندستاني به نبي صلي الله عليه وسلم جن جي "خط مبارڪ" ۾ مخاطب هئا. جن بعد ۾ حطم بن ضبيعه سان ملي ڪري مسلمانن سان مقابلو ڪيو.

بحرين ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ فارس جي حڪومت هئي، ۽ ان جي آسپاس عجمين ۽ ايرانين جا ڳوٺ هئا. عرب قبيلن ۾ عبدالقيس، بڪر بن وائل ۽ "بنو تميم" بدوي زندگي گذاريندا هئا. جيئن ته اتي انهن تي عربن جي حڪومت هئي، انڪري ايرانين جي طرفان اتي حڪمران عرب ئي مقرر ڪيا ويندا هئا. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هتان جو عرب حاڪم "حضرت منذر بن ساوي" رضي الله عنه هو.

هجر ۾ اسلام جي دعوت ۽ اتان جا هندستاني

اهڙيءَ طرح بحرين جو مرڪزي شهر "هجر" ڏاڍو آباد هو. هتي عربن کانسواءِ عجمين ۾ يهودي، نصاريٰ، مجوسي، وڏي تعداد ۾ آباد هئا. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هتي ايران جي بادشاهه جي طرفان "حضرت سيبخت مرزبان" هو. هجر جي باشندن لاءِ تاريخ ۾ "اهل فرس"، "اهل عجم" ۽ "اهل ارض" جا لفظ اچن ٿا، جن ۾ مجوسي، يهودي ۽ نصاريٰ سڀ شامل آهن ۽ انهن ۾ هندستاني باشندا "زط"- "سيابجه"- "اساورة" به هئا، جن تي مجوسين جو اطلاق ٿيندو هو. ڇو ته عرب ۾ هندستاني باشندن کي مجوسن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. انڪري انهن سان رسول الله صلي الله عليه وسلم

جن اهوئي برتاءَ ڪيو جيڪو عام مجوس *هجر* وغيره سان ڪيو

بلاذري فتوح البلدان ۾ لکيو آهي ته ٨ھ ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت *علاء بن عبدالله بن عماد حضرمي رضي الله عنه* کي بحرين ۽ هجر ۾ اسلام جو داعي ڪري روانو فرمايو ۽ ان جي ذريعي *منذر بن ساوي حاڪم بحرين* ۽ *سيبخت مرزبان* هجر کي خط روانا ڪيا جن ۾ اسلام جي دعوت هئي ۽ ان دعوت تي انهن لبيڪ چيو:

فاسلما واسلم معهما جميع العرب هناك وبعض العجم فاما اهل الارض من المجوس واليهود والنصارىٰ فانهم صالحو العلاء.	انهن ٻنهي حاڪمن اسلام قبول ڪيو ۽ انهن سان ا تان جي سڀني عرب باشندن ۽ ڪجهه عجمين اسلام قبول ڪيو پر اتان جي آبادي مجوسين، يهود ۽ نصاريٰ اسلام قبول نه ڪيو ۽ حضرت علاء سان صلح ڪيو.

حضرت علاء حضرمي جن بحرين جي انهن غير مسلمانن لاءِ هڪ صلح نامو تحرير ڪيو:

بسم الله الرحمن الرحيم	بسم الله الرحمٰن الرحيم
هٰذا ما صالح عليه العلاء الحضرمي اهل البحرين، صالحهم على ان يكفونا العمل ويقاسمونا التمر فمن لم يف بهذا فعليه لعنة الله والملائكة والناس	ان صلح نامه مطابق علاء حضرمي يمن وارن سان صلح ڪيو ۽ هي شرط طئي ٿيو ته ڪچين ۽ باغن ۾ پاڻ ڪم ڪندا ۽ ڪارڪن ۾ اسان جو به حصو هوندو. جيڪو

اجمعين.
واما جزية الرؤوس فانه اخذ لها من كل حالم ديناراً.

ان شرط کي پورو نه ڪندا ان تي الله جي، فرشتن جي ۽ سڀني انسانن جي لعنت هجي، ۽ جزيه جو حساب هي آهي ته هر بالغ مرد کان هڪ دينار ورتو ويندو.

۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن بحرين جي مسلمانن ڏانهن هي خط روانو فرمايو:

امابعد: فانكم اذا اقمتم الصلواة وآتيتم الزكواة، ونصحتم لله ورسوله وآتيتم عشر النخل ونصف عشر الحب ولم يمجسوا اولادكم فلكم ما اسلمتم عليه غيران بيت النار لله ورسوله وان ابيتم فعليكم الجزية. [1]

حمد و صلواة کانپوءِ جيڪڏهن توهان نماز قائم ڪندا ۽ زڪواة ادا ڪندا ۽ الله ۽ رسول جي خيرخواهي ڪندا ۽ کارڪن جو عشر ۽ اناج جو خُمس ڏيندا ۽ پنهنجي اولاد کي مجوس نه ڪندا ته جنهن حالت ۾ مسلمان ٿيا آهيو ان جا سڀ حق توهان کي حاصل هوندا. البته آتشڪده الله ۽ رسول جي تصرف ۾ هوندو، جيڪڏهن توهان انهن شرطن کان انڪار ڪندا ته پوءِ توهان تي جزيه لازم هوندي.

اهڙي طرح رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ بحرين ۾ جنگ ۽ قتال جي نوبت نه آئي پر ڪيترن ئي باشندن جن ۾ عربي

---

[1] فتوح البلدان ص٨٩

قبيلا وڏيڪ هئا، پنهنجي مرضي سان اسلام قبول ڪيو ۽ ڪجھ ماڻهوجن ۾ وڏيڪ عجم جا مجوسي ۽ ڪجھ يهودي هئا، اسلام قبول ڪرڻ جي بدران حضرت علاء حضرمي سان اناج ۽ ڪارڪن جي اڌ پيداوار جي ورهاست تي صلح ڪيو.

هڪ روايت ۾ آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حضرت علاء حضرمي رضه کي بحرين ۽ حجر ۾ سنه ٦ هه ۾ روانو ڪيو هو. جڏهن پاڻ سڳورن آس پاس جي بادشاهن ۽ حڪمرانن کي اسلام قبول ڪرڻ جا دعوت نامه روانه فرمايا هئا.

هجر شهر جو معاملو بحرين کان ڪجھ مختلف رهيو، هتي مجوسين جي آبادي وڏيڪ هئي، جڏهن هتي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان اسلام جي دعوت پهتي ته هتان جي عربن به عام طرح سان اسلام قبول ڪيو، پر مجوسين ۽ يهودين هتي به اسلام جي مقابلي ۾ جزيه ڏيڻ قبول ڪئي.

ودعا اهل هجر فكانوا بين راض وكاره اما العرب فاسلموا، واما المجوس واليهود فرضوا بالجزية فاخذت منهم. [1]

۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "هجر وارن" کي اسلام جي دعوت ڏني، جنهن کي ڪجھ ماڻهن پسند ڪيو ۽ ڪيترن پسند نه ڪيو، عرب ته مسلمان ٿي ويا پر مجوس ۽ يهودن جزيه ادا ڪرڻ ٽي

---

[1] فتوح البلدان ص ٩١

راضي ٿي ويا ۽ انهن کان جزيه
وصول ڪيئي ويئي.

عرب ۾ آباد هندن سان مجوسين ۽ صابئہ جهڙو سلوڪ ڪيو ويو

هي معلوم ٿي چڪو آهي ته
عرب ۾ هندستان جا بت پرست، مجوسي ۽ صابئہ جي زمري ۾ ليکيا ويندا هئا. انڪري انهن مان جن ماڻهن اسلام قبول ڪيو انهن سان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مسلمانن جهڙو سلوڪ ڪيو ۽ جيڪي پنهنجي مذهب تي قائم رهيا، انهن سان "صابئہ ۽ مجوسين" جهڙو سلوڪ ڪيو، ۽ صابئہ کي مجوسين ۾ ليکي عرب جي مشرڪن، اهل ڪتاب، يهودي ۽ عيسائي ۽ مجوسين کي جدا جدا حڪم جاري ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح "هجر" جي مجوسين کي جن ۾ صابئہ به داخل هئا، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هڪ خط لکيو، جنهن جو متن هي آهي:

ڪتب رسول الله صلى الله	رسول الله صلي الله عليه
عليه وسلم الى مجوس هجر	وسلم جن "هجر" جي مجوسين
يدعوهم الى الاسلام فان	جي نالي خط لکيو جنهن ۾ پاڻ
اسلموا فلهم مالنا وعليهم	سڳورن انهن کي اسلام جي
ما علينا ومن ابى فطيه	دعوت ڏني، نه جيڪڏهن
الجزية فى غير اكل لذبا	مسلمان ٿي ويو ته اُهي ئي
ئحهم ولا نكاح نسائهم[1]	حق حاصل هوندا جيڪي اسان
	کي حاصل آهن ۽ انهن تي اها

[1] فتوح البلدان ص٨١

ٻڌ ذميداري آهي جيئن اسان
تي آهي ۽ جيڪي اسلام کان
انڪار ڪندا انهن تي جزيه
هوندي، نه انهن جو ڪٺل کاڌو
ويندو ۽ نه انهن جي عورتن
سان نڪاح ڪيو ويندو.

ان دعوت تي "هجر" جي عرب قبيلن اسلام آندو ۽ يهودي ۽
مجوسي پنهنجي مذهب تي رهي جزيه ڏيڻ منظور ڪيو.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کانپوءِ خلفاءِ راشدين رضي
الله عنه جن جي زماني ۾ به "صابئه" کي مجوسين ۾ شامل ڪري انهن
کان جزيه وصول ڪيو ويو. امام حسن بصري ۽ "امام حکم بن عتبه"
جي تحقيق اِها آهي ته "صابئه" مجوس جي درجي ۾ آهن. امام مجاهد
به اهو چون ٿا ته "صابئه فرقو" مشرڪن جي هڪ شاخ آهي جيڪا يهودين
۽ نصارن جي وچ ۾ آهي، ۽ ان وٽ ڪتابُ نه آهي، امام اوزاعي
جو قول آهي:

ڪل دين بعد الاسلام	اسلام کان پوءِ يهوديت
سوي اليهودية والنصرانية	۽ نصرانيت کانسواءِ جيترا
فهم مجوس ^(١)	دين آهن اُهي سڀ مجوسيت آهن.

انهن قولن ۽ بيانن جو مطلب هي آهي ته مجوس عرب جي

---

(١) ڪتاب الاموال ص ٥٤٥ - ص ٥٤٦

يهودين، نصارن ۽ مشرڪن کان هڪ جدا ٽولو آهي. جنهن ۾ صابئہ فرقو بہ شامل آهي ۽ اسلام ۽ يهوديت ۽ نصرانيت کانپوءِ بياسپ اهل مذهب تي مجوس جو اطلاق ٿئي ٿو. ۽ انهن جي اسلام قبول نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جزيہ ورتي وينديءَ آهي. توڙي اهي مشرڪ بت پرست هجن يا باهہ جا پوڄاري يا ستاره پرست وغيره هجن، نہ انهن جو ڪٺل کائي سگهجي ٿو ۽ نہ انهن جي عورتن سان نڪاح ڪري سگهجي ٿو ۽ اهل ڪتاب يهودين ۽ عيسائين سان اهي ٻئي ڳالهيون جائز آهن ۽ اهو ئي حڪم انهن هندن تي بہ جاري ٿيو جيڪي بحرين، عمان ۽ هجر ۾ هئا ۽ انهن ايمان نہ آندو هو، انهن کي مجوسين ۽ صابئہ ۾ شمار ڪري انهن کان بہ جزيہ وصول ڪيئي ويئي، ۽ انهن جي عورتن سان نڪاح ناجائز ڪيو ويو ۽ انهن جو ڪٺل بہ ناجائز ڪيو ويو.

عرب جا هندو، مجوسي، صابئہ ۾ شمار ڪيا ويا. جيئن شهرستاني لکيو آهي:

ومنهم من يميل الى مذهب الثنوية

(هندن مان ڪجهہ مذهب ثنويہ ڏانهن مائل آهن)

ٻئي جاءِ تي لکيو آهي تہ:

ثم الثنوية اختصت بالمجوس [١]

(ثنويت مجوسين سان خاص آهي)

هڪ ٻئي جاءِ تي لکيو آهي تہ:

---

[١] الملل والنحل شهرستاني ج ٢ ص ١١٥

واكثرهم على مذهب الصابئة [١]

(هندستان جا اڪثر باشندا صابئہ جي مذهب جا پيروڪار آهن)

ابن ساعد اندلسي "طبقات الامم" ۾ به عام هندستانين کي "صابئہ" بڌايو آهي:

واما الصابئہ وهم جمهور الهند ومعظمها. [٢]	هندستان جو عوام ۽ گهڻي آبادي صابئہ آهن.

انهن بيانن جو مطلب هي آهي ته عرب جا هندو نه اهل ڪتاب هئا ۽ نه اهل ڪتاب جهڙا، پر مشرڪ هئا. ۽ انهن کي مجوس ۽ صابئہ ۾ شمار ڪيو ويو. يعني نه انهن جي عورتن سان نڪاح جائز هو ۽ نه انهن جي هٿ جو ڪُٺل حلال هو.

---

(١) ڪتاب الملل والنحل، (٢) طبقات الامم ص١٥

پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم
۽
هندستان جا باشندا

رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابه رضي الله عنه جي زبان تي هندستان جو نالو	رسول الله صلي الله

عليه وسلم ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنه جن هندستان جي ماڻهن ۽ هتان جي شين کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ ڪيترن موقعن تي پاڻ سڳورن جي زبان مبارڪ تي ان جو ذڪر آيو آهي. امام ابن ابي حاتم رازي، امام ابو عبدالله حاڪم، امام ابن جرير طبري، امام سيوطي رحہ عبد الله بن عباس کان هي روايت ڪئي آهي ۽ حاڪم ان جي تصحيح ڪئي آهي،

ان اول ما اهبط الله آدم	حضرت آدم سڀ کان پهريائين
الى ارض الهند، وفى لفظ	هندستان جي زمين تي لاٿو ويو ۽
بدجنى ارض الهند. [1]	هڪ روايت ۾ آهي ته هندستان
	جي ڏڪڻ جي زمين ۾ لاٿو ويو.

عالمن جو قول آهي ته هتي دجني ڏکڻ يا دڪنا جو معرب آهي ۽ ان جو مطلب سرنديپ آهي. حضرت ابن عباس کان روايت آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته حضرت آدم پهريائين مڪي ۾ بيت الله جي

---

[1] سجة المرجان في آثار الهندستان از غلام علي آزاد بمبئي.

جاءِ وٽ لاٿو ويو، پوءِ هتان کان هندستان ويا.

فتحطی فاذا هو بارض الهند	آدم مڪي کان هلي ڪري هندستان
فمكث هنالك ماشاء الله	پهتو ءِ جيستائين الله گهريو
ثم استوحش الی البيت لے	ٽي رهيو. پوءِ بيت الله ڏانهن
	موٽي آيو.

مشهور تابعي عالم حضرت "عطاء ابن ابي رباح" حضرت آدم عليه السلام جي باري ۾ روايت بيان ڪئي آهي:

ان آدم هبط بارض الهند	آدم کي هندستان جي زمين تي
ومعه اربعة اعواد من	لاٿو ويو ان سان جنت جون چار
الجنة فهی هذه التی	شاخون به هيون. جن مان ماڻهو
يتطيب الناس بها وانه حج	خوشبو حاصل ڪندا هئا. ان
هذا البيت. ٢ے	اتان کان حج بيت الله به ڪيو.

هندستان ۾ جهاد ڪرڻ جي فضيلت ۽ بشارت

انهن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هندستان چانل سڃاتل ملڪ هو. پر ان جي متعلق حضرت آدم جي ڪري هڪ عزت احترام جو جذبو هوندو هو. ان کان وڌيڪ ڪري اهم روايت هيءَ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هندستان ۾ جهاد ڪرڻ جي پيشن گوئي فرمائي هئي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ وارن کي جهنم جي باهه کان محفوظ ٿيڻ جي بشارت فرمائي هئي. امام نسائي پنهنجي "سنن" ۾ ان حديث لاءِ "باب

ا؎ القریٰ القاصد ام القریٰ محب الدین طبری مکی ص٢٢ مصر ٢؎ القریٰ القاصد ام القریٰ محب الدین طبری مکی ص٢١ مصر

غزوة الهند' جو مستقل باب ڏنو آهي. ۽ امام طبراني "معجم" ۾ ان جي سند کي درست چيو آهي. حضرت ثوبان رضه رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان روايت ڪئي آهي:

قال رسول الله صلی الله علیه وسلم عصابتان من امتی احرزهما الله من النار عصابة تغزو الهند وعصابة تکون مع عیسیٰ بن مریم علیهما السلام[1]	رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته منهنجي امت جي ٻن گروهن کي الله تعاليٰ جهنم جي باهه کان محفوظ رکيو آهي. هڪ اهو گروهه جيڪو هندستان ۾ جهاد ڪندو ۽ ٻيو اهو گروهه جيڪو حضرت عيسيٰ ابن مريم جو ساٿ ڏيندو.

ان نبي صلی الله علیه وسلم جن جي بشارت تي حضرت ابوهريره رضي الله عنه هندستان جي جهاد ۾ شرڪت جي آرزو ۽ جان ۽ مال قربان ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. اهڙي طرح مسند احمد ۽ سنن نسائي ۾ حضرت ابوهريره رض کان روايت آهي ته:

وعدنا رسول الله صلی الله علیه وسلم غزوة الهند فان ادرکتها انفق فیها نفسی ومالی فان اقتل کنت افضل السهداء وان ارجع فانا ابوهريرة المحرر[2]	رسول الله صلی الله علیه وسلم جن اسان کي غزوه "هند" جو وعدو فرمايو آهي جيڪڏهن مان ان ۾ شريڪ ٿي سگهيس ته پنهنجي جان ۽ مال ان ۾ قربان ڪندس. ۽ جيڪڏهن ماريو ويس ته بهترين شهيد ٿيندس

---

[1] سنن نسائي باب غزوة الهند - [2] سنن نسائي باب غزوة الهند -

۽ جيڪڏهن زنده واپس نه ٿيس ته

جهنم جي باهه کان آزاد ابوهريره (رضه)

هندستانين ۽ هندستاني شين کان واقفيت:

رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام هندستان جي ماڻهن کان بهتر نموني طرح واقف هئا. بخاري ۾ آهي ته حديث ۾ معراج ۾ پاڻ سڳورن حضرت موسیٰ عليه السلام کي جاٽن سان پيٽ ڏني، ترمذي ۾ آهي ته هڪ موقعي تي حضرت عبد الله بن مسعود رضه جن جنات کي جاٽن سان پيٽ ڏني. اهڙيءَ طرح سيرت ابن هشام ۾ آهي ته جڏهن "نجران" کان "بني ڪعب" جا ماڻهو آيا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن انهن کي هندستان جي ماڻهن سان پيٽ ڏني ۽ پڇيو ته هي ڪير ماڻهو آهن، نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ ڪيترين شين جو عام استعمال هو. انهن جي نالن ۽ خاصيتن کان ماڻهو واقف هئا، ڪافور، ادرڪ، عود هندي، عود، مشڪ، لونگ مرچ، هندستاني نيزا، هندي تلوار، هندي ڪپڙا وغيره روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا، قرآن ۽ حديث ۾ انهن جا نالا موجود آهن. مطلب ته هندستان، هتان جا باشندا ۽ هتان جون شيون ان وقت مشهور ۽ متعارف هيون ۽ پاڙيسري ملڪ هئڻ ڪري ٻنهي ملڪن ۾ مختلف قسم جا تعلقات قائم هئا. انهيءَ تعلق ۽ تعارف هندستان ۾ اسلام کي جلدي متعارف ڪرايو ۽ ٻنهي جا ديني ۽ روحاني تعلقات ڏاڍا مضبوط ٿي ويا.

هندستان جي باشندن جي اسلام ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم سان واقفيت

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت وقت عرب جي مختلف علائقن ۾ هندستان جا ماڻهو ايندا ويندا هئا ۽ اتي مستقل آباد (رهندا) به هئا. خود مڪي شريف ۾ جيڪو ان زماني ۾ وڏو مذهبي ۽ تجارتي مرڪز هو ۽ قريش واپارين ڪري "يمن" ۽ شام جي وچ واپاري منڊي هئي. هندستان جا

جا واپاري ۽ ڪاروباري موجود هئا، اهڙيءَ طرح ابوطالب جي هڪ شعر ۾ هندستاني عورتن جا نشان ملن ٿا ۽ ابن مسعود جي روايت ۾ جاٽن جو ذڪر ملي ٿو ۽ ڪجهه شعرن مان معلوم ٿئي ٿو ته "مڪي" ۾ هندستاني ڪاريگر تلوارون ٺاهيندا هئا. ان کان سواءِ عرب جا ماڻهو اوير ۾ هندستان ۽ چين جو واپاري سفر ڪندا هئا اهڙيءَ طرح هندستان جا واپاري ۽ ڪاريگر عرب ايندا ويندا هئا، انهن حالتن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت ۽ نبوت جي خبر هندستان تائين پهچڻ يقيني هئي، خاص ڪري اهڙي صورت ۾ جڏهن پاڻ سڳورن مڪي جي قريشي واپارن ۾ کليل مچايل ڇڏي ۽ اُهي بازارين، موسمي ميلن ۽ حج جي موقعي تي پاڻ سڳورن جي خلاف پروپيگنڊا ڪندا هئا، انهن مخالفانه سرگرمين غير ملڪن ۾ پاڻ سڳورن جي خبر پهچائي. اهڙيءَ طرح جڏهن ايرانين جي بادشاه ڪسريٰ کي پاڻ سڳورن جي نبوت جي دعويٰ جي خبر پهتي ته ان پنهنجي يمن جي حاڪم "باذان" کي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، روم ۾ جڏهن ان جي خبر پهتي ته "هرقل" قريش جي واپاري "ابو سفيان" کان پاڻ سڳورن جي باري ۾ تحقيقات ڪئي، اهڙيءَ طرح جڏهن مسلمان مڪي کان هجرت ڪري حبشه ويا ته "نجاشي" کي اسلام ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جن جي باري ۾ معلومات ٿي. مطلب ته مڪي زندگيءَ ۾ ئي نبي صلي الله عليه وسلم جن جي شهرت پاڙيسري ملڪن ۾ عام ٿي وئي. ان ڪري يقين آهي ته ان زماني ۾ هندستان ۾ به پاڻ سڳورن جي باري ۾ خبرون پهچي چڪيون هونديون، پر مستند تاريخن مان ان جو ثبوت نه ٿو ملي ته مڪي زندگيءَ ۾ پاڻ سڳورن جي باري ۾ هندستان ۾ خبرون پهچي چڪيون هونديون. ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته مڪي ۾ ظاهر ٿيڻ وارو معجزو "شق القمر" جو مشاهدو هندستان ۾ ٿيو ۽ ان جا نتيجا به ظاهر ٿيا، پر اها ڳالهه به تاريخي اعتبار کان

ثبوت نہ ٿو ملي سگھي.

مکي کان مديني هجرت کان پوءِ جڏهن ڪافرن ۽ مشرڪن سان باقاعده جنگ شروع ٿي ۽ مسلمان کلي ڪري اسلامي دعوت کي عام ڪرڻ لڳا تہ پري پري جي ملڪن ۾ رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن جي خبر عام ٿي ويئي. ان کان پوءِ هندستان جي ڪجهہ مذهبي طبقن حضور صلی الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پنهنجو وفد موڪليو ۽ ڪجهہ راجائن پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ تحفا موڪليا. ان سلسلي ۾ بہ واقعا مشهور آهن هڪ سرنديپ جي جوڳين ۽ سنياسين جوان مقصد لاءِ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ مديني منوره ۾ پنهنجو وفد موڪلڻ تہ پاڻ سڳورن کان سڌيءَ طرح اسلام جي باري ۾ معلومات حاصل ڪري ۽ ٻيو هندستان جي هڪ راجا جو رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ادرڪ (سنڍ) جو تحفو موڪلڻ، جنهن کي پاڻ سڳورن بہ کاڌو ۽ صحابہ ڪرام کي بہ کارايو.

سرنديپ جو وفد: "بزرگ بن شهريار ناخدارا مهرمزي" چوٿين صدي هجري جو مشهور جهاز ران ۽ سياح آهي. هو عرب کان هندستان ۽ چين تائين جهاز راني ڪندو هو، ان پنهنجي ڪتاب "عجائب الهند" ۾ هتان جي ساحلي شهرن جا حالات وڏي تفصيل سان لکيا آهن، ان سرنديپ جي جوڳين ۽ سنياسين جي طرفان رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ تحقيقاتي وفد موڪلڻ ۽ ان جي اثرن جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

وكان اهل سرنديپ وما	سرنديپ ۽ ان جي آس پاس
والاها لما بلغهم خروج	ماڻهن کي جڏهن رسول الله صلی
النبی صلی الله عليہ وسلم فارسلوا	الله عليہ وسلم جن جي پيدا ٿيڻ جي
رجلاً فهماً منهم وامروه	خبر پيئي تہ انهن پنهنجي هڪ

ان يسير اليه فعاقت الرجل عوائق ووصل الى المدينة بعد ان قبض رسول الله صلى الله عليه وسلم وتوفى ابوبكر ووجد القائم بالامر عمر بن خطاب رضى الله عنه فسأله عن امر النبى صلى الله عليه وسلم فشرح له وبين.

سمجهدار ماڻهوءَ کي مدين موڪليو ۽ ان کي حڪم ڏنو تہ هو پاڻ سهڪورن وٽ وڃي سندن جا حالات ۽ ديني دعوت جي تحقيق ڪري پر ان ماڻهو کي ڪيترين مشڪلاتن پيش آيون ۽ هو ان وقت مديني منوره پهتو جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وصال ڪري چڪا هئا پر حضرت ابوبڪر صديق جن بہ وفات پاتي هئي ۽ حضرت عمر رض بن الخطاب جي خلافت هئي، ان ڪري سند ڪان ئي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي ۽ ان تمام ڳالهيون "الف" کان "ي" تائين ٻڌايون.

ان کان پوءِ لکيو آهي تہ اِهو نمائندو "سرنديپ" کان سامونڊي سفر لاءِ روانو ٿيو پر مڪران ويجهو مري ويو. ان سان گڏ هڪ هندستاني نوڪر هو، اهو اڪيلو سرنديپ پهتو، ان ماڻهن کي پوري حقيقت ڪئي ۽ ٻڌايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وصال ڪري چڪا آهن. سندن جي پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رض جن بہ وفات ڪري ويا آهن ۽ ان وقت اسان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ صحابي عمر بن الخطاب رض جن کي خليفو ڏٺو: ان سرنديپ وارن سان حضرت عمر فاروق رض جي مهمان نوازي جو احوال بہ بيان ڪيو ان ڪانسواءِ چيو تہ خليفو جيتين لڳل ڪپڙا پائي ٿو ۽ مسجد ۾ بنا ڪنهن خوف ۽ ڀئي جي

آرام ڪري ٿو. ان جو اثر سرنديپ وارن تي تمام سٺو ٿيو.

فتوا منعهم لاجل ما حكالهم ذالك الفلام ولبسه الثياب المرقعة لما ذكره من لبس عمر رضي الله عنه المرقعة و محبتهم للمسلمين وميلهم اليهم لما في قلوبهم مما حكاه ذالك الفلام عن عمر رضي الله عنه	سرنديپ جي ماڻهن جي تواضع ۽ خاطر جو سبب اهي ڳالهيون آهن جيڪي ان نوڪر بيان ڪيون هيون ۽ عمرؓ جن جو چتيون لڳل ڪپڙا پائڻ ان ڪري آهي ته ان حضرت عمر فاروقؓ جن جي باري ۾ بيان ڪيو هو ته ان اهڙو ڪپڙو پاتو هو ۽ انهن جو مسلمانن سان ميل محبت رکڻ به ان ڪري آهي ته نوڪر حضرت عمرؓ جي مهمان نوازي ۽ انڪساري جو ذڪر ڪيو هو.

ان وقت کان چوٿين صدي هجري تائين سرنديپ وارا اسلام ۽ مسلمانن سان برابر محبت ۽ تعلق رکندا هئا. اهڙيءَ طرح ان واقعي جي پڇاڙيءَ ۾ "بزرگ بن شهريار" پنهنجي زماني جي باري ۾ لکي ٿو:

وهم يحبون المسلمين و يسلمون اليهم ميلاً شديداً[1].	اهي ماڻهو مسلمانن سان محبت ڪن ٿا ۽ انهن ڏانهن ڏاڍا مائل آهن.

انهن واقعن مان نه صرف "سرنديپ" پر ان جي ڀر وارن علائقن ۾ اسلام ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خبرن جو پکڙجڻ لازمي هو. هندستان ۽ چين ۾ عربن جي تجارت عام هئي ۽ هتي انهن جا ساموندي سفر

[1] عجائب الهند ص ١٥٧ ليدن.

ٿيندا رهندا هئا. ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي شهرت هندستان کان ٿيندي چين تائين پهچي چڪي هئي.

غالب گمان آهي ته ”سرنديپ“ جو ٻڌيون بيان ڪيل وفد هتان جي ”ٻيڪور“ يا ”ڪرنتيه“ يا ”ڏکرچين“ ڏاڪ فرق جي طرفان مديني منوره موڪليو ويو هوندو. اهي عام طرح سان اگهاڙا رهندا هئا ۽ اڪيلا پنهنجي معمولي ڪپڙو (لنگهه) ٻڌندا هئا. سياري ۾ بدن تي ڪنڌو ورتو هيندا هئا، ڪيترا رنگا رنگ چوڪر يا ڪڙو جي گوڏ پائيندا هئا. شمشان جي رک بدن تي مليندا هئا. مٿي ۾ ڏاڙهي جا وار نه رکندا هئا، مردن جي کوپري ۾ کاڌو کائيندا هئا، تان ته دنيا جي بي ثباتي جو احساس ٿئي. جڏهن عرب جي انهن واپارين يا ٻين ذريعن کان انهن سنياسين کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خبر پئي ته انهن تحقيقات لاءِ پنهنجي ٽولي مان هڪ ماڻهوءَ کي روانو ڪيو. ان جي مسلمان ٿيڻ جي روايت نه ٿي ملي پر هو اسلام جي ڪيترن اثرن کان پوري طرح متاثر ٿيو. جيڪڏهن انهن جو ماڻهو صحيح سلامت واپس وڃي ها ۽ ان کان اسلامي تعليمات جو تفصيل ٻڌن ها ته اڄ سرنديپ ۽ اتر هند جو ديني نقشو غالبا ٻيو هجي ها. انهن جي اسلام سان ان عقيدت جي نتيجي ۾ عرب جا مسلمان واپاري سرنديپ ۾ مستقل آبادي زندگي گذارڻ لڳا هئا. انهن ئي عربن جي عورتن ۽ ٻارن کي اتان جي راجا هڪ جهاز ۾ عرب ڏي موڪليو. جن کي سنڌ جي پاسي ۾ سامونڊي ڌاڙيلن (ميد) ڦري ورتو. ۽ عرب عورتن کي گرفتار ڪيو. جنهن جي انتقام ۾ محمد بن قاسم ثقفي هندستان تي حملو ڪيو هو.

هندستاني راجا جو تحفو : هندستان جا وڏا وڏا راجا پنهنجي پاڙيسري بادشاهن ڏانهن تحفا موڪلي انهن سان تعلقات قائم ڪندا هئا ڪسريٰ ڏانهن ”راجا رهمي“ وغيره جا تحفا تحائف موڪلڻ جو ذڪر قاضي

رشيد بن زبير ڪتاب "الذخائر والتحف" ۾ ڪيو آهي، هجرت کان پوءِ پاڻ ڪريمن جي شهرت ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن سان واقفيت عرب جي آس پاس مٿي ته هندستان جي مذهبي طبقي وانگر هتان جي حڪمران طبقي به تحفا موڪلي پاڻ سڳورن سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ۽ پاڻ سڳورن سان تعلقات قائم ڪرڻ جي صورت ڪئي. اهڙيءَ طرح مشهور محدث "امام ابو عبدالله حاڪمؒ" "مستدرڪ ۾" حضرت ابوسعيد خدريؓ کان روايت ڪئي آهي:

اهدى ملك الهند الى رسول	هندستان جي راجا رسول الله
الله صلى الله عليه وسلم جرة فيها	صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾
زنجبيل فاطعم اصحابه	"سنڍ" جو هڪ ولو موڪليو پاڻ
قطعة قطعة واطعمني	سڳورن صحابن کي ان جو هڪ
منها قطعة.	ٽڪرو کارايو ۽ مونکي به ان جو هڪ
	ٽڪرو کارايو.

خود رسول الله صلي الله عليه وسلم جن به ان مان کاڌو. اهڙيءَ طرح ان روايت جي پڇاڙيءَ ۾ "امام حاڪم" لکيو آهي ته:

قال الحاكم: لم اخرج من	مان هن ڪتاب جي شروع کان هن
اوّل هذا الكتاب الى هنا	حديث کان سواءِ "علي بن زيد بن
لعلى بن زيد بن جدعان	جدعان" کان هڪ حرف به روايت
حرفًا واحدًا ولم احفظ في	نه ڪيو آهي ۽ ان حديث کان سواءِ
اكل رسول الله صلى الله	ڪا به حديث رسول الله صلي الله
عليه وسلم الزنجبيل سواه	عليه وسلم جن جي سنڍ کائڻ جي
فخرجته.	سلسلي ۾ مون کي ياد نه آهي ان
	ڪري ان کي بيان ڪيو آهي.

امام ذهبي "مستدرڪ" جي تلخيص ۾ هن حديث جي راوي "عمرو بن حڪام" تلميذ امام شعبه تي ڳالهايو آهي.

رجال ۽ سند تي ڪلام ڪرڻ محدثانه بحث آهي، تاريخي اعتبار کان هيءَ روايت معتبر ۽ مستند آهي ۽ ان مان ثابت ٿئي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ "سنڌ" جو تحفو روانو ڪيو هو، ظاهر آهي ته اهو تحفو راجا جي ڪنهن خاص قاصد هٿ موڪليو ويو هوندو. جنهن مديني منوره وڃي نبي صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿيو هوندو. راجا طرفان محبت ۽ عقيدت جو پيغام مليو هوندو ۽ ان جي جواب ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن راجا ۽ ان جي قاصد سان سهڻو سلوڪ ڪيو هوندو، جيئن عام دستور آهي. غالبًا هجرت کان پوءِ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اهو تحفو هندستان جي راجا جو پهتو آهي. جڏهن پاڻ سڳورن جي بعثت ۽ اسلام جي شهرت عام ٿي چڪي هئي ۽ آس پاس جي ملڪن ۾ پاڻ سڳورن جي خبر پهچي وئي هئي.

هاڻي هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته اهو تحفو ڪهڙي راجا موڪليو هو ۽ هو ڪهڙي علائقي جو حڪمران هو ان جي خبر نه پئجي سگهي آهي. حافظ ابن حجر "الاصابه" ۾ "قنوج" جي راجا "سرباتڪ" جي زباني هيءَ روايت نقل ڪئي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هن وٽ "حذيفه"، "اسامه" ۽ صُهيب رضي الله عنه کي اسلام جو دعوت نامو ڏئي موڪليو هو ۽ ان اسلام جي دعوت به قبول ڪئي هئي پر اها روايت خود حافظ ابن حجر ۽ حافظ ذهبي جي بيان مطابق قابل اعتماد نه آهي، نه ته هي اندازو ڪري سگهجي پيو ته راجا "سرباتڪ" ئي اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ "سنڌ" جو تحفو موڪليو هو. ممڪن آهي ته سرنديپ جي راجا اتان جي سنياسن وانگر پاڻ سڳورن سان تعلق پيدا ڪرڻ جي لاءِ اها صورت اختيار ڪئي هجي. بنگال جي راجا رهمي،

ايران جي بادشاهن ڏانهن قديم زماني کان وڏا تحفا موڪليندا هئا پر ٿي سگهي ٿو ته ان خاندان جي ڪنهن راجا نبي صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اهو تحفو موڪليو هجي.

”ابن قيم“ زاد المعاد ۾ ان واقعي کي ابو نعيم جي ڪتاب ”الطب النبوي“ جي حوالي سان نقل ڪيو آهي، پر ان ۾ ”ملڪ الهند“ جي بدران ”ملڪ الروم“ آهي ۽ ڪجهه لفظن ۾ به معمولي فرق آهي.[1] ”امام ابو عبدالله حاڪم“ ۽ ان جي ڪتاب ”المستدرڪ“ ۾ ۽ امام ابو نعيم اصفهاني ۽ ان جي ڪتاب ”الطب نبوي“ ۾ وڏو فرق آهي، ”مستدرڪ“ جو درجو ”الطب النبوي“ کان مٿي آهي، وري ”سنڊ“ خالص هندستاني شئي آهي ۽ قديم زماني کان هتان جا راجا پر وارث بادشاهن ڏانهن تحفو موڪليندا هئا، ان ڪري ڪنهن رومي بادشاهه جو ”سنڊ“ موڪلڻ جو تحفو صحيح معلوم نه ٿو ٿي سگهي.

سرباتڪ راجا قنوج ۽ رتن هندي جي حقيقت: پهرين صدي هجري جي پڇاڙي تائين صحابي سڳورن رضه جي وجود کان دنيا خالي ٿي وئي هئي، جنهن جي تاريخ شاهد آهي. ان جي باوجود بعد ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا جن پنهنجن پنهنجن دورن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي صحابي هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ان قسم جا به شخص هندستان ۾ به ٿي گذريا آهن — هڪ ”سرباتڪ راجا قنوج“ ۽ ٻيو ”بابا رتن هندي“. انهن ٻنهي پنهنجي وقت ۾ صحابي رسول هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ ٻاڻ سڳورن سان ملاقات جا واقعا بيان ڪيا آهن. پر ”رتن هندي“ جون ڪجهه بيان ڪيل روايتون به آهن جن جو مجموعو ”رتنيات“ جي نالي سان هڪ زماني ۾ صوفين جي هڪ طبقي ۾ مشهور هو.

ابن اثير ”اسد الغابه“ ۽ ابن حجر ”اصابه“ ۾ ”سرباتڪ“ جو ذڪر ڪيو آهي،

---

[1] زاد المعاد ج ٣ - ص ٢٢٥ - مصر.

ابن حجر سرباتڪ جي صحابي هجڻ جي دعوىٰ کي سختي سان رد ڪيو آهي پهريائين ابوموسىٰ جي هيٺين حوالي سان اسحاق بن ابراهيم طوسي جي زباني نقل ڪئي آهي ته مان هندستان جي راجا سرباتڪ کي قنوج نالي شهر ۾ ڏٺو آهي، مان ان کان پڇيو ته ان وقت تنهنجي عمر ڪيتري هئي؟ ان ٻڌايو ته منهنجي عمر سوا ست سؤ سال هئي، رسول الله صلى الله عليه وسلم جن مون ڏانهن خذيفه رضه اسامه رضه صهيب رضه جن کي موڪليو ۽ انهن مون کي اسلام جي دعوت ڏني، مان اسلام قبول ڪيو.

وري "ابوحاتم احمد بن حامد بلوي" جي ذريعي سان "ابو سعيد مظفر بن اسد حنفي طبيب" جو هي بيان نقل ڪيو آهي:

سمعت سرباتک الهندی	مان سرباتڪ هندي کي چوندي
يقول رأيت محمداً صلى الله	ٻڌو آهي ته مان محمد صلى الله عليه وسلم
عليه وسلم مرتين بمكة و	جن کي ٻه دفعا مڪي ۾ ۽ هڪ
بالمدينة مرةً وكان احسن	دفعو مديني ۾ ڏٺو آهي. پاڻ سڀ کان
الناس وجهاً ربعة من الرجال[1]	سهڻي انسانن کان وڌيڪ سهڻا ۽
	وچولي قد جا هئا.

ان کان پوءِ "حافظ ابن حجر"، "حافظ ذهبي" جو قول نقل ڪيو آهي ۽ ان کي ڪوڙ ڪوٺيو آهي.

قال الذهبى فى التجريد	ذهبي "تجريد اسماء الصحابه"
هذا كذب واضح وقد	۾ چيو آهي ته هي چٽو ڪوڙ آهي ۽
عذر ابن الاثير ابن مندة	ابن اثير، ابن منده کي ان جو بيان
فى تركه اخراجه.	نه ڪرڻ تي معذور چيو آهي.

ان کان پوءِ لکيو آهي ته ٣٣٣ھ ۾ "سرباتڪ" مري ويو. ان وقت ان جي

---

[1] الاصابه ج ٢، ص ١٢١.

عمر ٨٩٤ سال هئي . علامه محمد طاهر گجراتي "تذکره الموضوعات" ۾ سرباتڪ
کي ڪُراڙن ڪوڙن جي فهرست ۾ داخل ڪري "اصابه" جي عبارت نقل ڪئي آهي.
اهڙي طرح "نزهة الخواطر" جي مصنف "اصابه" جي عبارت نقل ڪئي آهي.
مان "رجال السند والهند" ۾ ان کي نقل ڪري لکيو آهي ته "سرباتڪ" نالي هڪ
شخص جي وجود ۾ شڪ نه آهي، جهڙي طرح هن جي صحابي هجڻ جي دعويٰ
۾ ڪوڙو هجڻ ۾ ڪوشڪ نه آهي.

"حافظ ابن حجر اصابه" ۾ "رتن هندي" جو ذڪر ڪري ان جي صحابي
هجڻ جي دعويٰ جي خلاف عالمن، رجال ۽ تاريخ جا بيان نقل ڪيا آهن ۽
تفصيل سان ان کي رد ڪيو آهي.[1]

"نزهة الخواطر" ۾ "بحر زخار" جي حوالي سان لکيو آهي ته ابوالرضا رتن
پنجاب جي شهر "ڀٽنڊا" ۾ پيدا ٿيو، جڏهن جواني ۾ پهتو ته مرشد ڪامل جي
تلاش ٿيس، ايتري ۾ هن کي معلوم ٿيو ته عرب ملڪ ۾ هڪ شخص الله جي
طرفان نبي هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، اهو ٻڌي مڪي شريف ويو ۽ رسول الله
صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پاڻ سڳورن کان فيض حاصل
ڪري هندستان واپس آيو، ان کانپوءِ ڇهه سؤ سالن کان وڌيڪ عمر ياتي ، ان
هڪ ڪتاب "الرسالة الرتنيه" نالي به لکيو جنهن ۾ بنا ڪنهن سند جي رسول الله
صلي الله عليه وسلم جن کان سڌي طرح ٻڌل حديثون گڏ ڪيون آهن. "رتن هندي"
جي تصديق شيخ علاءُ الدين سمناني، خواجه محمد پارسا، شيخ رضي الدين لالا
جهڙن بزرگن ڪئي آهي. ڇهين صدي کان پوءِ مري ويو ۽ "ڀٽنڊا" ۾ ان جي
قبر آهي.[2]

شيخ صلاح الدين صفدي ۽ شيخ مجد الدين فيروز آبادي "قاموس"

---

[1] الاصابه ج ٢، ص ١٢١ ـ [2] نزهت الخواطر ج ١، ص ١٢٤ ـ

جي مصنف به "رتن هندي" جي وجود جي تصديق ڪئي آهي. "صفدي" ان کي عقلي طرح جائز چيو، "علامه ذهبي" جي انڪار جي مخالفت ڪئي آهي ۽ فيروز آبادي لکيو آهي ته "مان رتن هندي جي وطن وڃي چڪو آهيان". تمام گهڻن ماڻهن ۾ پيڙهين کان بعد پيڙهين ۾ ان جو بيان نقل ٿيندو ٿو اچي. رتن هندي پنهنجي ڪتاب ۾ ٽن سؤ کان وڌيڪ حديثون بيان ڪيون آهن، جن جو اڪثر حصو واڌو بادي ڳالهين تي مشتمل آهي[1].

مؤرخين ۽ علماء رجال جو هي گڏيل فيصلو آهي ته حضرت ابو الطفيل عامر بن واثله رض سڀ کان آخري صحابي آهن، جيڪو هڪ روايت جي مطابق سنه ١١٠ھ ۾ فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ دنيا جي اک ڪنهن به صحابي رسول کي نه ڏٺو. صحيحين ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کان اٽڪل هڪ مهينو اڳ صحابن کي ارشاد فرمايو هيو ته:

فانه على راس مائة سنة	توهان مان جيڪي شخص اڄ
منها لا يبقى على وجه	زمين تي موجود آهن هڪ صديءَ
الارض ممن هو اليوم عليها	گذرندي گذرندي انهن مان
احد.	هڪ به باقي نه رهندو.

شرعي ۽ تاريخي نقطه نظر کان "راجا سر باتڪ"، يا "رتن هندي" صحابي نه آهن ۽ انهن جو شمار انهن ماڻهن ۾ به نه ٿو ٿي سگهي جيڪي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جا همعصر هئا — صرف ان جو عقلي جواز ۽ بزرگن جي باطني شهادت ان جي تاريخي ثبوت لاءِ ڪافي نه آهي.

---

[1] رتن هندي جي مڪمل تفصيل لاءِ الاصابه ج ١ـ ص ٥١٥ کان ص ٥٢٠ مصر.

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هندستاني شين جو استعمال

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هندستان جي ڪيترن شين جو استعمال هو ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ۽ صحابي سڳورن انهن شين کي استعمال ڪيو آهي. خوشبوئن ۾ مشڪ، عود ۽ ڪافور، مالن ۾ مرچ، لونگ، سُنڍ (ادرڪ) ڪپڙن ۾ هندستان ۽ سنڌ جا ٺهيل هر قسم جا ڪپڙا ۽ چادرون، جنگ جي هٿيارن ۾ هندي تلوارون ۽ نيزا، دوائن ۾ ڪُست هندي، ڪاٺين ۾ ساڳوان، اهي سڀ روزانا استعمال جون شيون هيون انهن کان سواءِ خاص خاص هندستاني شيون به رائج هيون، بعد ۾ جڏهن عرب ۽ هند جا تعلقات وڌيا ۽ مسلمانن هڪ پاڙيسري ملڪ جي حيثيت سان هندستان ڏانهن ڏٺو، اسلامي ۽ ثقافتي رابطا وڌيا ته عرب ۾ هتان جون مٿي بيان ڪيل شين کان سواءِ ٻيون گهڻيون شيون وڃڻ لڳيون. اسين هتي نبي صلي الله عليه وسلم جن جي تمام ويجهي زماني جون چند شيون بيان ڪيون ٿا جيڪي عرب ۾ استعمال ٿينديون هيون.

لغوي ۽ لساني توارد: قديم زماني کان دنيا ۾ ڳالهائڻ وارن ٻولين ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جيڪي "هفت اقليمي" آهن ۽ معمولي معمولي فرق سان دنيا جي اٽڪل هر زنده ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. اهڙن لفظن جي باري ۾ لسانيات جي ماهرن جي هيءَ دعويٰ نه آهي ته شروعات ۾ اُهي ڪهڙي

ٻوليءَ جا لفظ هئا ۽ بعد ۾ ٻين ٻولين ان کي ورتو. پر اُهي اهڙن عالمگير لفظن کي ٻوري دنيا جي ٻولين جو گڏيل سرمايو چون ٿا، جيڪي هر هڪ ٻوليءَ ۾ لهجي جي فرق ۾ مقامي اثر کان ان ٻوليءَ جا ٿي ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ان جو بهترين مثال عربي جي لفظ "قسط" جو آهي، جيڪو خود "عرب" ۾ مختلف لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ قُسط، ڪُشت ۽ ڪُست به چيو وڃي ٿو. ان کي هندي ۾ ڪُٺ، ڪوٺ ۽ ڪٺ چيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ يوناني ۾ قرسطوس، سرياني ۾ قوشتا، فارسي ۾ ڪشته، انگريزي ۾ ڪُستَ چيو وڃي ٿو.

اهوئي حال عرب جي لفظ "زنجبيل" جو آهي، هندي ۾ ان کي زنجابيرا، سرياني ۾ زنڪبيل، فارسي ۾ شنڪوير، انگريزي ۾ جنجر چيو وڃي ٿو.[1]

اهڙيءَ طرح ٻيا گهڻا لفظ اهڙا آهن جيڪي ٿوري فرق سان دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ هڪجهڙا آهن ۽ انهن کي ڪنهن هڪ ٻوليءَ جو لفظ نٿو چئي سگهجي پر ان کي لساني توارد جو نتيجو چئي سگهجي ٿو.

قرآن مجيد ۾ به ڪجهه اهڙا لفظ آيا آهن جيڪي عربي زبان وانگر هندي، فارسي، حبشي، نبطي ۽ سرياني زبانن ۾ استعمال آهن، انهن جي باري ۾ به اهو چيو ويندو ته اهي لغوي توارد ۽ زبان جو ميلاپ آهي ـــ امام ابن جرير طبري جي اها ئي راءِ آهي جيئن امام سيوطي "اتقان" ۾ نقل ڪئي آهي:

وقال ابن جرير ما ورد عن ابن عباس وغيره من تفسير — امام ابن جرير چيو آهي ته حضرت ابن عباس وغيره کان قرآن جي

---

[1] محيط اعظم ج ٣، ص ٣٠، ج ٢، ص ١٠٨.

الفاظ من القرآن ا منها	ڪيترن لفظن جو تفسير بيان
بالفارسة والحبشة والنبطية	ٿيل آهي، اهي فارسي، حبشي ۽
أو نحو ذالك انما اتفق	بنطي وغيره ٻولين جا لفظ آهن
فيها توارد اللغات فتكلمت	ته انهن ۾ لغت جو ملاوٽ ٿي
بها العرب والفرس و	ويو آهي ۽ عرب ۽ فارس ۽ حبش
الحبشة بلفظ واحد[1]	جي ماڻهن هڪ ئي لفظ جو استعمال
	ڪيو آهي .

ان دعوىٰ جو هڪ ٻيو دليل هي به آهي ته اهڙا هڪ جهڙا ۽ لاڳيتا لفظ عربي زبان ۾ ان جي پوري قاعدي مطابق استعمال ٿين ٿا ۽ ان جا صيغا ۽ اشتقاق ٿين ٿا. مثال طور: فِلفِل اسم جنس آهي، واحد فلفلہ ۽ ان جو تصغير فُليفلہ آهي. فعل رباعي فَلْفَلَ ۽ تَفَلْفَلَ اچي ٿو: شرابٌ مُفَلْفَل ۽ رُزٌ مُفَلْفَل ان شراب ۽ چانورن کي چيو ويو جي ٿو جنهن ۾ فلفل يعني مرچ پيل هجن .

قَرْنفل ۽ قَرْنَفُول ٻن طريقن سان ڳالهائي واحد قرنفلہ ۽ قَرْنفولہ ٺاهين ٿا. ۽ طعام مُقَرْفل ان کاڌي کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ فلفل (مرچ) پيل هجن. اهڙي طرح مِسڪ جي هڪ ٽڪري کي مسڪہ چئي ان جو جمع مِسَڪ ٺاهين ٿا ۽ ڪافور جو جمع ڪوافر ۽ ڪوافير استعمال ڪن ٿا.

ڪافور، مشڪ ۽ سنڌ جو قرآن ۾ بيان : قرآن مجيد ۾ ان قسم جا ٽي مشترڪ ۽ هڪ ڪرا لفظ آيا آهن ، جيڪي هندستان ۽ عرب ۾ مقامي لهجي جي فرق سان ڳالهايا وڃن ٿا. هڪ زنجبيل جنهن کي هندي ۾ "زنجا بيرا" چون ٿا، ٻيو مسڪ جيڪو هندي ۾ "موشڪا" چون ٿا ۽ ٽيون ڪافور

---

[1] الاتقان ج ا۔ ص ١٣٦ ۔

جنهن کي هندي ۾ "کپور" چون ٿا. نه اهي عربيءَ ۾ آهن ۽ نه هنديءَ ۾ پر ٻنهي ٻولين جا اهي لفظ اصلي آهن ۽ انهن کي مستقل حيثيت حاصل آهي، پر انهن نالن سان جيڪي شيون آهن اُهي خاص هندستاني آهن ۽ هتان کان عرب وينديون هيون ۽ انهن نالن ۽ شين لاءِ قرآني نالا نهڻ وڏي فخر جي ڳالهه آهي. ان کان سواءِ جنت جي نعمتن ۽ لذتن ۾ انهن کي خاص حيثيت حاصل آهي، يعني جنت جون اهي نعمتون ۽ لذتون دنيا جي نعمت ۽ لذت جي انداز ۾ هندستان کي حاصل آهن ۽ ان جي خبر قرآن مجيد ڏني آهي. جنت جي پاڪيزه، لذيذ ۽ فرحت بخشيندڙ مشربتن جو بيان قرآن مجيد ۾ آهي:

① اِنَّ الابرار يشربون من كاس كان مزاجها كافورًا	نيڪ ماڻهو اهڙو پيالو پيئندا جنهن ۾ ڪافور جي آميزش هوندي.
② ويسقون فيها كاسا كان مزاجها زنجبيلا	۽ انهن کي جنت ۾ اهڙو پيالو پياريو ويندو جنهن جي آميزش سنڍ جي هوندي.
③ يسقون من رحيق مختوم ختامه مسك	انهن کي اهڙو خالص پاڪيزه شراب پياريو ويندو جنهن جي مهر مشڪ جي هوندي.

حديث ۾ هندستاني شين جو بيان: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي حديثن ۾ هندستان، هندستاني شين ۽ هندستاني باشندن جا بيان مختلف اندازن (طريقن) سان آيل آهن ۽ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زبان مبارڪ تي انهن جا نالا ۽ لفظ آيا آهن، جيئن اڳ معلوم ٿيو آهي ۽ اڳتي به معلوم ٿيندو، پر هندي زبان جو ڪوئي جملو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي زبان کان چيل نه آهي. جڏهن جو فارسي جا ڪجهه جملا حديثن ۾

ملن ٿا، جن کي پاڻ سڳورن پنهنجي زبان مبارڪ سان ادا فرمايو آهي. البت ڪجھ روايتن مان خبر پوي ٿي ت خلافت راشده جي زماني ۾ هندي زبان عرب ۾ آباد هندستانين ۾ رائج هئي، جنهن کي ڪجھ صحابي سڳورا ب سمجهندا هئا. اهڙي طرح "مجمع البحرين" جي حوالي سان چئي چڪا آهيون ت "جاٽن ۽ اساورن" حضرت علي رضه سان "هندي" ۾ ڳالهايو ۽ سندن جي خلافت ۽ حڪومت جو ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو.

هاڻي اسين هندستان جي انهن شين کي بيان ڪيون ٿا جيڪي نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ رائج هيون ۽ جن کي رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابي سڳورا استعمال ڪندا هئا يا پاڻ سڳورن انهن کان منع ڪئي.

مشڪ : رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پاڪ ۽ صاف هئا ۽ خوشبوءِ کي ڏاڍو پسند فرمائيندا هئا. هن دنيا جي جن شين سان پاڻ سڳورن کي رغبت هئي انهن مان هڪ خوشبوءِ ب آهي. هڪ روايت ۾ آهي ت پاڻ سڳورا جڏهن ٻاهر ويندا هئا ت خوشبوءِ کان معلوم ٿيندو هو ت پاڻ سڳورا ڪٿان لنگهيا آهن. خوشبوءِ ۾ "مشڪ" پاڻ سڳورن جي پياري خوشبوءِ آهي. حضرت ابو سعيد خدري رضه کان روايت آهي ت هڪ دفعي پاڻ سڳورن جي سامهون مشڪ جو بيان آيو ت پاڻ سڳورن فرمايو:

اوليس من اطيب	ڇا مشڪ سڀني خوشبوئن کان
للطيب [١]	پاڪيزه خوشبوءِ ن آهي؟

حديثن ۾ ڪيترن جاين تي مشڪ جو بيان آيو آهي. مثال طور رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "جنت وارن" لاءِ فرمايو آهي ت:

ورشحهم المسک	انهن جو پگهر مشڪ وانگر خوشبودار هوندو.

---

[١] طبقات ابن سعد ج ١ ص ٣٩٩ -

شهيد جي باري ۾ فرمايو آهي:

لونه لون دم وريحه مسک۔	شهيد جي رت جو رنگ ته رت وانگر هوندو پر ان جي خوشبوءِ مشڪ جهڙي هوندي.

روزيدار جي باري ۾ فرمايو آهي:

لخلوف فم الصائم اطيب عندالله يوم القيامة من ريح المسک [١]	روزيدار جي وات جي بوءِ قيامت جي ڏينهن الله وٽ مشڪ جي خوشبوءِ کان به زياده خوشبودار هوندي.

هڪ دفعي حضرت عائشه رضي الله عنها کان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خوشبوءِ استعمال ڪرڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو ته حضرت عائشه صديقه رضه جن فرمايو ته:

نعم يذکار الطيب المسک والعنبر [٢]	هائو پاڻ سڳورا مشڪ ۽ عنبر جي خوشبوءِ استعمال فرمائيندا هئا.

هڪ روايت آهي ته راوي جي سوال تي حضرت عائشه رضي الله عنها جن "ذڪارة الطيب" جو نالو ورتو ۽ جڏهن راوي ان جو مطلب پڇيو ته حضرت عائشه رضه جن مشڪ ۽ عنبر جو نالو ورتو [٣]

حضرت انس رض کان روايت آهي ته:

کان لرسول الله صلي الله عليه وسلم سکة يتطيب منها [٤]	نبي صلي الله عليه وسلم جن "سُکه" نالي هڪ خاص قسم جي خوشبوءِ

---

[١] سنن نسائي ۽ تاريخ ڪبير بخاري ۔ [٢] سنن نسائي تاريخ ڪبير ۔

[٣] طبقات ابن سعد ج ١، ص ٣٩٩ ۔ [٤] شمائل ترمذي ۽ طبقات ابن سعد ص ٣٩٩ ج ١

لڳائيندا هئا.

ملا علي قاري "جمع الوسائل في شرح الشمائل" ۾ "سُکّ" جو مطلب هن طرح لکيو آهي ته:

هو ضرب من الطين يتخذ من مسك ورامک وهو نوع عصر[1]	"سُکّ" هڪ قسم جي مٽي آهي جيکو مشڪ ۽ رامڪ نالي هڪ تيل جي ملائڻ سان تيار ٿيندي آهي.

هڪ روايت ۾ آهي ته:

كان ياخذ المسك فيمسح به رأسه ولحيته[2]	پاڻ سڳورا مشڪ کي مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ لڳائيندا هئا.

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن مشڪ کي ڏاڍي چاهه سان استعمال فرمائيندا هئا ۽ ٻين کي به ان جي استعمال جي ترغيب ڏني آهي. حديث شريف ۾ آهي ته:

من خير طيبكم المسك	توهان جي خوشبوئن ۾ سڀ کان
المسك اطيب الطيب[3]	وڌيڪ سٺي خوشبوءِ مشڪ آهي
	مشڪ بهترين خوشبوءِ آهي.

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن "مشڪ" جو تحفو به ڏنو آهي. اهڙي طرح حبشه جي بادشاهه "نجاشي" کي پاڻ سڳورن چند "اواقي مشڪ" ۽ "حلّه" جو تحفو روانو فرمايو هو. پر نجاشي جي وفات جي ڪري اهو تحفو واپس آيو ۽ پاڻ سڳورن ان مان هڪ هڪ اوقيه مشڪ سيني پاڪ گهر وارن کي ڏئي باقي حضرت ام سلمه رض کي ڏئي ڇڏيو.[4] رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي تجهير

---

[1] جمع الوسائل ص ٢٠٣ - [2] كنز العمال، كتاب الشمائل ج ٢، ص ٢٤.
[3] كنز العمال كتاب الزينة ج ٢، ص ٣٢٣ - [4] طبقات ابن سعد ج، ص ٢٨٨ -

وتكفين ۾ اهوئي مشڪ استعمال ڪيو ويو جيڪو پاڻ سڳورن وٽ موجود هو ۽ جنهن مان پاڻ سڳورا زندگيءَ ۾ خوشبوءِ لڳائيندا هئا:

كان عند على مسك فأوصى ان يحنط به، قال، وقال على هو فضل حنوط رسول الله صلى الله عليه وسلم [١]	عليؓ جن وٽ مشڪ هو. پاڻ سڳورن ان مان خوشبوءِ لڳائڻ جي وصيت فرمائي هئي. عليؓ جو بيان آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي استعمال مان بچيل خوشبوءِ هئي.

عام طرح صحابي سڳورا به مشڪ استعمال ڪندا هئا، مشهور تابعي "ضحاڪ بن مزاحم" کي مشڪ جي استعمال ۾ توقف هو ته ان کي ماڻهن چيو:

ان أصحابه رسول الله صلى الله عليه وسلم كانوا يتطيبون به [٢]	رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جا صحابي سڳورا مشڪ استعمال ڪندا هئا.

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي مشڪ جي خوشبوءِ پسند ڪرڻ جي ڪري، اهو مسلمانن لاءِ هڪ پسند جي خوشبوءِ ٿي وئي. اهي ان کي سنت سمجهي استعمال ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هڪ دفعي "معتزلي عالم" "مشڪ جي ڏن" جي باري ۾ ٻڌو ته اهو خوش ٿيندو آهي ته چيو:

لولا النبى صلى الله عليه وسلم قد تطيب بالمسك ما تطيبت [٣]	جيڪڏهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن مشڪ استعمال نه ڪيو هجي ها ته مان ان کي استعمال نه ڪيان ها

---

[١] طبقات ابن سعد ج ٢، ص ٢٨٨ - [٢] جامع بيان العلم ج ٢، ص ١٥٥ -

[٣] لسان العرب ج ٥ - ص ٦٧ -

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني کان پوءِ مديني منوره ۾ عود،
مشڪ، ڪافور ۽ ٻين خوشبوئن جو استعمال اينتري حد تائين تيڻ لڳو جو
مشڪ ۽ عطر جي واپارين جي هڪ وڏي جماعت مديني ۾ آباد ٿي ويئي جيڪا
صرف خوشبوءِ جو واپار ڪندي هئي. "دارين" هندستاني مشڪ جي خاص منڊي
هئي. اينتريقدر جو ان جي ڪري مشڪ کي صرف "داري" چوندا هئا. مديني ۾
دارين جي "مشڪ" وڪڻندڙن جي ڪثرت جو اندازو ان مان ٿي سگهي ٿو "حرّه"
جي واقعي ۾ ٦٣ھ ۾ "مُسرف بن عقبه مُرّي" شام کان مديني تي حملو ڪيو ۽
مديني جي اوير ۾ "حرّه" واقعه ۾ لٿو ته مديني وارن سان دارين جا چار سؤ
مشڪ وڪڻندڙ ۽ عطر وڪڻندڙ شامي فوج جي مقابلي لاءِ نڪتا:

واخرج جميع اهل المدينة
حتى اربع مائة رجل من
اهل البحرين من اهل دارين
كانوا عطارين فقالوا مالنا
وهٰذا انما نحن تُجار ،
فابوا الا افراجهم .

سڀ مديني وارا مقابلي لاءِ ڪڍيا
ويا، اينتريقدر بحرين جي شهر
"دارين" جا چار سؤ عطر وڪڻندڙ
به مقابلي لاءِ آندا ويا، انهن
پهريائين چيو ته اسان جو ان
جنگ سان واسطو، اسان ته
واپاري آهيون پر مجبورًا انهن کي
به آندو ويو.

مديني وارن انهن جو جهنڊو جدا ٺاهيو هو، اهي ماٺو پهرين ئي
حملي ۾ نه بيهي سگهيا ۽ ميدان مان هليا ويا، پر انهن وڏي چالاڪيءَ سان پنهنجو
جهنڊو ميدان ۾ لڳائي چئني طرفن کان پٿرن سان روڪي ڇڏيو هو ۽ ان کان
پوءِ به هو پنهنجي جاءِ تي جهوميندو رهيو، جنهن کان شامي فوج سمجهي
پيئي ته مديني وارا جمي ڪري مقابلو ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترا

شامي اڳتي وڌيا ۽ ماريا ويا، آخر ۾ "مسرف بن عقبه" پڇيو ته هي جهنڊو کڻڻ ٽولي جو آهي:

فيقال للدارين العطارين	ته ماڻهن چيو ته دارين جي عطر
فيقول مالي وللعطارين[1]	وڪڻندڙن جو آهي انهن چيو
	مون کي انهن عطر وڪڻندڙن
	سان ڪهڙو تعلق آهي؟

"مسرف بن عقبه" بعد ۾ انهن عطر وڪڻندڙن جي شڪايت "يزيد" ڏانهن لکي ته ان "بحرين" جي حاڪم کي انهن جي باري ۾ لکيو جنهن "دارين وارن" تي چار لک درهم ڏنڊ وڌو.

مديني ۾ "دارين" جي مشڪ وڪڻندڙن جي ٽولي ۽ جيئن لکن جي تاون مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مديني ۾ مشڪ جو واپار ڪيترو بقدر وڌيڪ ۽ ڪيترو فائدي وارو هو ۽ هي ته ان جو استعمال ڪيتري قدر عام هو.

عود ۽ ڪافور: عود يعني "اگر" به "جنتي" خوشبوءِ آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جنت وارن جون صفتون بيان فرمايون آهن:

ومجامرهم الألوة[3]	انهن جون انگيٺيون عود جون
	هونديون.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي عود ۽ ڪافور جي خوشبوءِ پسند هئي ۽ انهن کي انگيٺي ۾ ٻاري انهيءَ جو واس استعمال ڪندا هئا:

كان يستجمر بالألوة غير	رسول الله صلي الله عليه وسلم جن
مطراة وكافور يطرحه	عود استعمال ڪندا هئا ۽ عود

---

[1] انساب الاشراف بلاذري ج ۴ قسم ٻيو ص ۴۳ يروشلم. [2] مسلم.
[3] ڪنز العمال ڪتاب الشمائل ج ۴، ص ۲۴.

مع اَلُوة [1] — سان گڏ ڪافور ۾ وجهندا هئا.

"نهايه ابن اثير" ۾ آهي ته "اُلوّه" اهو عود آهي جنهن سان استجمار ڪيو ويو آهي يعني ان جو واس استعمال ڪيو ويو آهي. حضرت عبدالله بن عمرؓ جن جڏهن خوشبوءِ ساڙيندا هئا ته عود جي مٿان ڪافور ۾ وجهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا:

هڪذا ڪان رسول الله صلى الله عليه وسلم يستجمر [2] — اهڙيءَ طرح رسول الله صلى الله عليه وسلم جن واس استعمال ڪندا هئا.

هڪ دفعي مال غنيمت ۾ حضرت عمرؓ جن وٽ عود آيو، جيئن ته گهڻو نه هيو ان ڪري حڪم ڏنائون ته ان کي مسجد ۾ ساڙيو (واس) وڃي جيئن عام مسلمان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن، ان کان پوءِ مسجد نبوي ۾ عود جي خوشبوءِ ساڙڻ خلفاءِ جي سنت ٿي وئي ۽ ڪيترن صدين تائين ان جو رواج هليو [3].

لونگ، مشڪ ۽ عود جو هار: عرب ۾ قديم زماني کان ٻارن ۽ عورتن لاءِ "سخاب" نالي خاص خوشبوئن جو هار ٺاهيو ويندو هو. جنهن ۾ لونگ، عود (اگر ڪاٺي) ۽ مشڪ وغيره کي وڏي سليقي سان استعمال ڪيو ويندو هو، لونگ جي داڻن کي پچائي سوئي سان ڌاڳن ۾ وڌا ويندا هئا ۽ عود جي ڪاٺي ۾ ڳوهي ويندي هئي، موتي يا ڪوپڙ وغيره شامل نه هوندو هو. عام طرح ان هار جي ڏيک ڳچي کان ڌن تائين هوندي هئي، خشڪ ٿيڻ کان پوءِ لونگ جي داڻن ۽ عود جي ٽڪرن جي حرڪت سان آواز پيدا ٿيندو هو، ان ڪري ان هار کي "سخاب" چوندا هئا، ان جو استعمال

---

[1] طبقات ابن سعد ج ١، ص ٣٠٠، [2] طبقات ابن سعد ج ١، ص ٤٠٠ -

[3] الدرة الثمينه فى تاريخ المدينة بر حاشيه شفاء الغرام ج ٢، ص ١٤٧ -

سُونهن کان وڌيڪ خوشبوءِ لاءِ هوندو هو. حديث ۾ حضرت حسن رضي الله عنه کي اهو هار پارائڻ جو بيان ملي ٿو.

حضرت ابوهريره رضه کان روايت آهي ته هڪ دفعو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ”سوق قينقاع“ کان موٽيا ته حضرت فاطمه رضي الله عنها جي گهر ويا ۽ حضرت حسن رضه جن لاءِ پڇيو. جڏهن حضرت حسن رضه جن ٻاهر اچڻ ۾ دير لڳائي ته اسان سمجهيو ته حضرت فاطمه رضه ان کي وهنجاري سنواري ”سخاب“ پارائي رهي آهي:

فظننا انه انما تجسه	جڏهن ديرٿي ته اسان سمجهو ته
امه لان تغسله وتلبسه	ان جي ماءُ ان کي روڪيو آهي ته
سخابًا [١]	جيئن وهنجاري سينگاري سخاب پارائي.

امام نووي لکيو آهي ته ”سخاب“ هڪ هار آهي جيڪو لونگ، مشڪ ۽ عود مان تسبيح وانگر ڌاڳي ۾ ٻارن ۽ ٻارڙين جي ڳچي ۾ پارايو ويندو آهي.

سُنڍ: زنجبيل کي آلي هجي ته ادرڪ ۽ خشڪ هجي ته سنڍ چيو ويندو آهي، هي ٻه جنت جي لذتن مان آهي. المستدرڪ ۾ حضرت ابوسعيد خدري رضه کان روايت آهي ته هندستاني راجا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ”سُنڍ“ تحفو موڪليو هو. ته پاڻ سڳورن صحابن کي هڪ هڪ ٽڪرو ڏنو هو. اهڙيءَ طرح مون کي به هڪ ٽڪرو ڏنو ويو [٢] ”ابن قيم“ به زادالمعاد ۾ ابونعيم اصفهاني جي ڪتاب الطب النبوي جي حوالي ساڳي روايت نقل ڪئي آهي، پر ان ۾ ”ملڪ الهند“ جي بدران ”ملڪ الروم“ آهي [٣]. بهرحال نهي

---

[١] صحيح مسلم ـ [٢] المستدرڪ ج ٤، ص ١٣٥ ـ

[٣] زادالمعاد ج ٣، ص ٢٣٥ ـ

روايتن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابي سڳورن جي سنڌ کائڻ جو بيان آهي .

"حاڪم" لکيو آهي ته ان حديث کان سواءِ ڪنهن ٻي حديث ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي "سَنَدُ" کائڻ جو بيان نه ٿو ملي .

ڪُست هندي : هندستان جي مشهور دوا جيڪا ڪاٺيءَ جو قسم آهي، هتي ان کي ڪُٺ چيو ويندو آهي ۽ عرب ۾ ان کي قط، قسط، ڪُست ۽ ڪُشت چيو ويندو آهي. ان کي ڪجهه حديثن ۾ عود هندي يعني هندستاني ڪاٺيءَ سان به تعبير ڪيو ويو آهي. ان سان علاج نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ نه صرف عام هو پر رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان کي خوش نصيب هندي دوا جي بار بار استعمال لاءِ چيو آهي. صحيح بخاري ۾ ان کي عنوان ڪري هڪ مستقل باب قائم ڪيو ويو آهي "باب السعوط بالقسط الهندي البحري وهو الڪُست." ان باب ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت ام قيس بنت محصن رضه کي ٻارن جي پيدائش ۽ ڳلي جي بيماريءَ ۾ قسط هنديءَ جي استعمال جي تاڪيد هنن لفظن ۾ فرمايو آهي :

عليڪم بهٰذا العود الهندي	توهان هن هندستاني ڪاٺيءَ کي
فان فيه سبعة اشفية،	خاص ڪري استعمال ڪريو، ڇوته
يستعط به من العُذرة	هن ۾ ستن بيمارين کان شفا آهي
ويُلدُّ به من ذات الجنب.	ڳلي جي بيماريءَ ۾ هن جي ناس ڏني ويندي آهي ۽ ذات الجنب ۾ پياري ويندي آهي .

اها روايت صحيح مسلم ۾ حضرت ام قيس کان تفصيل سان روايت

ل بخاري ڪتاب الطب باب السعوط ـ

ٿيل آهي، ان ۾ آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن عورتن کي خطاب ڪندي فرمايو:

علام تزغون اولادكن بهذا	توهان پنهنجي اولاد کي ان جور
الا علاق عليكن بهذا العود	کي لڳرائڻ ڇو ٿا ڏکايو، توهان
الهندى، نان فيه سبعة	هن هندي ڪاٺي کي استعمال ڪيو
اشفية منها ذات الجنب	ڇوته ان ۾ ستن قسمن جي بيماري
يسعط من العذرة ويلدّ	کان شفا آهي جنهن ۾ ڄمرب آهي
ذات الجنب[1]	ڳلي جي بيماري ۾ ان جي ناس ڏني
	ويندي آهي ڄمر ۾ پياري ويندي آهي.

هڪ دفعي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حضرت عائشه رض جن جي هجري ۾ آيا، ڏٺائون ته ٻار جي نڪ جي ٻنهي ناسن مان رت وهي ٿي، پاڻ سڳورن سبب معلوم فرمايو ته معلوم ٿيو ته اها حالت ڳلي جي غدودن يا مٿي جي سُور ڪري آهي، پاڻ سڳورن فرمايو :

ويلكن لا تقتلن اولادكن	توهان عورتن تي افسوس آهي
ايما امرأة اصاب ولدها	توهان پنهنجي اولاد کي قتل نه ڪيو
عذرة اووجع فى راسه	جنهن عورت جي ٻار جي ڳلي يا
فلتا قد قسطا هند يا	مٿي جي سُور جي شڪايت هجي،
فلتحكه ثم تسعطه اياه[2]	اهو "قسط هندي" گسي گهي ۾ ان
	جي ناس ڏي.

اهڙي طرح پاڻ سڳورن جي هدايت مطابق جڏهن قسط هندي استعمال ڪيو ويو ته ٻار کي جلدي شفا ٿي ويئي. صحيح مسلم ۾ حضرت انس رض کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو :

---

[1] صحيح مسلم - [2] زاد المعاد ج ٢، ص ٨٢ - مصر -

ان افضل ما تداريتم به	توهان لاءِ بهترين دوا سڱيون
الحجامة والقسط البحري	هڻائڻ ۽ قسط بحري آهي.
ولا تعذبوا صبيانكم بالغمز[1]	توهان پنهنجن ٻارن جو ڳلو
	دٻائي انهن کي تڪليف نه ڏيو.

شارحين حديث لکيو آهي ته قسط بحري جو مطلب قسط هندي آهي. عورتن جي ماهواري بند ٿيڻ کان پوءِ قسط هندي جو استعمال طبي حيثيت کان مفيد آهي ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن عورتن کي ان جي اجازت ڏني آهي. حضرت ام عطيه رضه جن کان روايت آهي ته:

وقد رخص لنا عند الطهر	پاڪ ٿيڻ تي اسان کي اجازت
اذا اغتسلت احدانا من	ڏني آهي ته جڏهن ڪا عورت حيض
محيضها في نبذة كشت	کان پاڪ ٿيڻ وقت غسل ڪري ته
اظفار[2]	"ڪُست اظفار" ٿوري استعمال ڪري.

محدث "ابن تين رض" کان اظفار جي بدران "ظفار" صحيح پڙهيو آهي[3] جيڪو يمن جو تجارتي شهر آهي ۽ "ڪست هندي" ان ڏانهن منسوب ٿيندي آهي. لسان العرب ۾ ڪُست اظفار کي ڪست هندي جو ٻيو نالو ڏنو ويو آهي:

وفي حديث الحيض نبذة	حديث ۾ ٿوري ڪست اظفار
من كست اظفار هو القسط	جي استعمال جي اجازت آهي
الهندي[4]	جيڪا قسط هندي آهي.

ڪست هندي ۾ نبي صلى الله عليه وسلم جن ستن بيمارين جي شفا

---

[1] صحيح مسلم - [2] بخاري باب الطيب للمراة عند غسلها من الحيض
[3] فتح الباري ج ١، ص ١٢١ - [4] لسان العرب ج ٢، ص ٧٨ -

پيدائي آهي. جن ۾ ٻارن جون ڪي بيماريون ڳلي جا غدود ۽ ڪڪڙي (ٻارجوسڪي وڃڻ) ٺيڪ ٿيون. جنهن جي ڪست هندي مجرب دوا آهي. ڪجھ شارحين لکيو آهي ته پاڻ سڳورن ڪي ڪست هندي جي ڪجھ بيمارين جي شفا لاءِ وحي ذريعي معلوم ٿيو هو ۽ ڪجھ جو علم تجربي سان ٿيو هو[1]

عالمن لکيو آهي ته حديثن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان طب ۽ دوا جي بابت جيڪي ڳالهيون آيون آهن اُهي تشريعي نه آهن، بلڪ تجرباتي آهن. يعني انهن جون استعمال ڪرڻ ڪا به شرعي حيثيت نه ٿو رکي بلڪ هيءَ تجربي جي ڳالھ آهي.

ساڳوان: هندستان جي ساج يعني ساڳوان جي ڪاٺي جو استعمال عرب ۾ قديم زماني کان عام هو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ”کٽ مبارڪ“ جا پاوا ساڳوان جا هئا. جنهن ڪي پاڻ سڳورن هجرت کان وفات تائين استعمال فرمايو. بعد ۾ اها ”کٽ“ آثار متبرڪ ۾ محفوظ هئي ۽ ان تي مُردہ (جنازا) قبرستان کڻي ويندا هئا. بلاذري ”انساب الاشراف“ ۾ حضرت عائشه رض کان روايت ڪئي آهي ته مڪي ۾ قريشن وٽ ”کٽ“ جو رواج نه هو، جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مديني تشريف فرما ٿيا ته ابو ايوب انصاري رض کان پڇيو ته ڇا توهان وٽ کٽ نه آهي ۽ انهن احترام ڪندي انڪار ۾ جواب ڏنو. ”حضرت اسعد بن زراره رض“ جن کي خبر پئي ته هڪ ”سندل“ موڪليو ان جا پاوا ساڳوان جا هئا:

فبلغ اسعد بن زراره ذالك	هيءَ ڳالھ اسعد بن زراره کي
فبعث الى رسول الله صلى الله	معلوم ٿي ته انهن رسول الله صلى
عليه وسلم بسرير له عمود	الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾

---

[1] فتح الباري ج ١٠، ص ١٢١.

وقوائمه ساج، مرصول بخزم يعني المسدّ فكان ينام عليه حتى تحول الى منزلي كان فيه لي فكان ينام عليه حتى توفي فوضع عليه وصلى عليه وهو فوقه [1]

پاوا وارو سندل موڪليو جنهن جا پاوا ساڳوان جا هئا. اهو خزم جي واڻ سان واڻيل هيو. پاڻ سڳورا ان تي آرام فرمائيندا هئا، جڏهن منهنجو حجرو تيار ٿي ويو ته پاڻ سڳورا ان ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اهو سندل به آيو ۽ پاڻ سڳورا ان تي آرام فرمائيندا هئا. جڏهن وفات ڪيائون ته ان تي رکيو ويو ۽ پاڻ سڳورن جي جنازه به ان تي رکي پڙهي وئي.

ان کان پوءِ مديني جا ماڻهو اسان کان اهو سندل وٺي ويندا هئا ۽ پنهنجن جنازن کي ان تي رکي قبرستان کڻي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح ان سندل تي حضرت ابوبڪر صديق رض ۽ حضرت عمر فاروق رض جن جا جنازه کنيا ويا. ان سندل کي برڪت لاءِ ڪم آڻيندا هئا.“ ”انساب الاشراف“ ۾ ازواج مطهرات جي بيان ۾ آهي ته حضرت زينب رض پنهنجي وصيت مطابق ان سندل تي رکي قبرستان کڻي وئي. جڏهن ”مروان“ جو زمانو آيو ته عوام کي ان سندل کان روڪي حاڪمن ۽ اميرن لاءِ مخصوص ڪيو ويو ۽ عام جنازن لاءِ ڪٿون ٺهرايون ويون [2] بعد ۾ عبدالله بن اسحاق حضرت معاويه رض جي ماڻهن کان چار هزار درهم ۾ خريد ڪيو. مشهور محدث يحيٰ بن معين سنه ٢٣٣ ھ ۾ مديني پاڪ ۾ فوت ٿي ويو ۽ ان کي به ان سندل تي غسل

---

[1] انساب الاشراف ج ١، ص ٥٢٥. [2] انساب الاشراف ج ١، ص ٤٣٦.

ڏنو ويو[1]

"طريحي" مجمع البحرين ۾ لکيو آهي:

في الحديث يصلى على سرير من ساج، قال في المغرب، الساج شجر عظيم جدًا، ولا ينبت الا ببلاد الهند......	حديث ۾ آهي ته ساڳوان جي تختي تي نماز پڙهندا هئا، مُغرب ۾ آهي ته ساڳوان جو وڻ تمام وڏو ٿيندو آهي جيڪو صرف هندستان ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽
في الحديث الميت وتغسيله على ساجة وهي لوح من الخشب المخصوص[2]	حديث ۾ جيڪو ساڳوان تي ميت جي غسل ڏيڻ جو بيان آهي، اهو خاص ڪاٺيءَ جو تختو هيو.

ان مان به پاڻ سڳورن جي ساڳوان جي تخت تي نماز پڙهڻ ۽ ان تي مُردن جي غسل ڏيڻ جي خبر پوي ٿي.

حضرت عائشه صديقه رض جن جي حجري مبارڪ جو دروازو ساڳوان جي ڪاٺي جو ٺهيل هو. امام بخاري رح "الادب المفرد" ۾ "محمد بن ابو فُديڪ" کان روايت ڪئي آهي ته محمد بن هلال ازواج مطهرات جا حجرا ڏٺا آهن، ان بيان ڪيو ته ڪجين ڦرهن ۽ ٽُتڙن جا ٺهيل آهن، جن تي ڇات ۾ ڪمبل جا پردا لڳل هئا. مان حضرت عائشه رض جن جي حجري جي باري ۾ معلوم ڪيو ته ٻڌايو ويو ان جو دروازو شامي طرف هو. مان پڇيو ته ان ۾ ٻه دروازا هئا يا هڪ، ته محمد بن هلال ٻڌايو ته:

كان بابًا واحدًا قلت	هڪ ئي دروازو هو، مان

[1] العبر في خبر من غبر ذهبي ج ١، ص ٤١٥ ڪويت.

[2] مجمع البحرين ماده سوج - ايران.

من اى شى ء كان، قال من   پڇيو ته ڪهڙي شيءِ جو هو
عرعر الساج [1]   ان ٻڌايو ته ساڳوان جي ڪاٺيءَ جو.

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني کان پوءِ حرمين جي مسجدن جي ڇت ۾ ساڳوان جي ڪاٺي استعمال ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح سڀ کان اول وليد بن عبد الملڪ مسجد حرام جي ڇت رنگ روغن ۽ گلن، ڦلن سان سينگاريل ساڳوان جي ٺهرائي:

واول من نقل اليه   وليد بن عبدالملڪ سڀ کان
اساطين الرخام وسقفه   پهرياٺين مسجد حرام ۾ پٿر جا
بالساج المزخرف الوليد   ٿنڀا ٺهرايا ۽ ان جي ڇت گل ڦل
بن عبد الملك [2]   رنگين ساڳوان جي تيار ڪرائي.

حضرت عثمان رضي الله عنه حين ان کان گهڻو اڳ سنه ٣٠ھ ۾ جڏهن مسجد نبوي جي تعمير ۽ توسيع فرمائي ته ان جي ڇت ساڳوان جي ٺهرائي هئي:

وجعل عمدة من حجارة   پاڻ سڳورن ان جا ٿنڀا گلن ڦلن
منقوشة وسقفه بالساج [3]   تي ٺهرايا ۽ ساڳوان جي ڇت ٺهرائي.

وري جڏهن وليد سنه ٩١ھ ۾ مسجد نبوي ۾ توسيع ڪئي ته ان به ان جي ڇت ساڳوان جي ٺهرائي ۽ ان تي سون جو پاڻي چاڙهايو:

وعمل سقفه بالساج و   وليد مسجد نبوي جي ڇت ساڳوان
مزخرفة بالذهب [4]   جي ٺهرائي ان تي سون جو پاڻي
چاڙهايو.

---

[1] الادب المفرد باب النساء - [2] القرىٰ لقاصد ام القرىٰ ص ٦٠٧ -
[3] الدرة الثمينه فى اخبار المدينه لابن نجار - حاشيه شفاء الغرام ج ٢ - ص ٣٤١
[4] الدرة الثمينه فى اخبار المدينه لابن نجار حاشيه شفاء الغرام ج ٢، ص ٣٤٣-

مطلب ته ساڳوڻا عام گهرن کان وٺي مسجدن تائين عام طرح استعمال ٿيندو هو.

هندستان جا نيزا: هندي تلوار" وانگر خطي نيزا" به قديم زماني کان عرب ۾ مشهور ۽ استعمال ٿيندا آهن ۽ ان جي باري ۾ لسان العرب ۾ آهي ته،

وليست الخط بمنبت	خط شهر ۾ نيزا پيدا نٿا ٿين پر
للرماح ولكنها مرفا السفن	هو انهن ٻيڙين جو بندرگاهه آهي
التي تحمل القنا من الهند[1]	جيڪو هندستان کان بانس وغيره
	کڻي اتي وڃي ٿيون.

امام لغت جوهري جو قول آهي ته "خط" يمامه ۾ هڪ شهر جو نالو آهي جنهن ڏانهن "خطي نيزا" منسوب آهن. ان ڪري آهي هندستان کان آڻي سڌا ۽ درست ڪيا ويندا آهن[2] ان نيزي جو ذڪر حديث ۾ آيو آهي. اهڙي طرح مشهور حديث "ام زرع" ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

ونكحت بعده رجلا سريا	ام زرع ابو زرع کان پوءِ هڪ
ركب شريا واخذ خطيا	بهادر سان نڪاح ڪيو جيڪو
واراح على نعما ثريا[3]	تيز رفتار گهوڙي تي سوار ٿيو،
	۽ هٿ ۾ خطي نيزو کڻي نڪتو ۽
	وڏي نعمت جو مالڪ هو.

اهڙيءَ طرح نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ خطي نيزن جو استعمال بلڪل هيو.

هندي تلوار: هندستان جي لوهه جي ۽ هندستان جي ٺهيل تلوار

---

[1] لسان العرب ج ٧، ص: ٢٩٠ لفظ خط، [2] شمائل ترمذي.

[3] شمائل ترمذي.

عرب ۾ قديم زماني کان مشهور ۽ استعمال ٿيندي هئي. انڪري عربي زبان ۾ ڪيترا نالا ۽ وصفون آهن. نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني جا شعر ۽ واقعا ۽ حديثن ۾ هندي تلوارجا ذڪر بيان آيا آهن، جن کان ان زماني ۾ انجي عام استعمال جي خبر پوي ٿي. خود رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وٽ "قلعه" جي بهترين لوهه جي يا "قلعه" جي ٺهيل تلوار هئي، اها تلوار شوال سنه ٢هه ۾ غزوه بني قينقاع ۾ حاصل ٿي هئي. طبقات ابن سعد ۽ انساب الاشراف ۾ آهي:

اصاب رسول الله صلى الله عليه وسلم	رسول الله صلى الله عليه وسلم جن
من سلاح بنى قينقاع ثلاث	وٽ بنو قينقاع جي اسلحه مان
اسياف سيفا قلعيا وسيفا	ٽي تلوارون هيون هڪ "قلعي تلوار"
يدعى بتارا، وسيفا يدعى	هڪ جو نالو "بتار" هو ۽ هڪ کي
الحتف [1]	"حتف" چوندا هئا.

سنڌي ڪپڙا: سنڌ ۽ هندستان کان نباتاتي جاما ۽ ڪپهه جا ٺهيل ڪپڙا عرب ويندا هئا. ان کان سواءِ سنڌ کان انگوشا ۽ گوڏيون عرب ۾ ڏاڍيون مشهور ۽ استعمال ٿينديون هيون. غالبا مُسنّده ۽ "مسنديه" انهن ڪپڙن کي چيو ويندو هو جيڪي "يمن" وٽي وڪامندا هئا. ڪجهه روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت عائشه رضه جن سنڌي ڪپڙا استعمال فرمايا هئا. لسان العرب ۾ آهي:

وفى حديث عائشة رضى الله	۽ حضرت عائشه رضه جي حديث ۾
عنها انه رأى عليها اربعة	آهي ته ڏسڻ وارن سندن جي جسم
اثواب سندٍ، قيل هونوع	تي چار سنڌي ڪپڙا ڏٺا، خيال آهي

---

[1] طبقات ابن سعد ج ١، ص ٤٨٦، ج ٢، ص ٢٩ ۽ انساب الاشراف ج ١، ص ٥٢٢.

من البرود اليمانية ^(١) ته اسي يمني چادرون هيون.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ۽ صحابي سڳورن به ڪجهه اهڙا ڪپڙا استعمال ڪيا آهن جيڪي هندستان ۾ بين شهرن کان عرب ويندا هئا، يا بنهي جاين تي تيار ڪيا ويندا هئا. ان ڪري انجي باري ۾ هي نه ٿو چئي سگهجي ته اهي خالص هندستاني هيا يا نه. پر انهن جي هندستاني هئڻ ۾ شڪ ضرور آهي.

مثال طور عام استعمال جي ڪپڙن يمن، صحار ۽ نجران وغيره ۾ تيار ٿيندا هئا جن کي برود يمانه (يمني چادرون) حُلّه سحوليه (سحولي جوڙا) ۽ اثواب نجرانيه (نجراني ڪپڙا) جي نالن سان ياد ڪيو ويندو هو ۽ انهن ئي شهرن ۾ هندستان جا ڪپڙا ويندا هئا پر ڪڏهن ڪڏهن ۽ اڪثر انهن شهرن جي نسبت سان مشهور ٿيندا هئا. ۽ جهڙي طرح اتر عرب جي انهن ساحلي شهرن ۾ ڪپڙي جا ڪيترا ڪارخانا هئا، جن ۾ ڪپڙو تيار ٿيندو هو، اهڙي طرح اهي شهر هندستان ۽ سنڌ جي ڪپڙن جي منڊي به هئا. جتان اهي ڪپڙا عرب جي علائقن ۽ يورپ به موڪليا ويندا هئا. ان ڪري حديثن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي لباس جي سلسلي ۾ جيڪي "يمني" "نجراني" ۽ "سحولي" ۽ "صحاري" چادرن ۽ ڪپڙن جو بيان آهي انهن جي هندستاني هجڻ جو وڏو شڪ آهي. اهڙي طرح طبقات ابن سعد ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي "ڦڻي" هاٿي جي ڏندن جي هئي ^(٢) ته ٿو چئي سگهجي ته اهو عاج هندي يا "عاج زنجي" هو، ڇو ته عرب ۾ هندستان ۽ "زنج" ٻنهي ملڪن کان هاٿي جا ڏند ويندا هئا.

ڪُرته: ڪُرته هندستان جي خاص لباس آهي. ان جي تعريب "قرطق" آهي جيتوڻيڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي استعمال ڪرڻ جو واضح

---

(١) لسان العرب ج ٣، ص ٢٢٣ - (٢) طبقات ابن سعد ج ١، ص ٤٨٤ -

اشارو نہ ٿو ملي پر ڪجھ ڳالھين مان معلوم ٿئي ٿو تہ نبي صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني ۾ يا سندن جي قريبي دور ۾ ڪُرتي جو رواج ۽ استعمال هو. لسان العرب ۾ لفظ "قرطق" ۾ آهي :

فی حدیث منصور جاء	منصور جي حديث ۾ آهي تہ ڇوڪرو
الغلام وعليه قرطق ابيض	آيو جنهن جي جسم تي سفيد
ای قباء وهو تعريب كرته	ڪرتو هو. "قرطق" ڪرتي جي
وقد تضم الطاء	تعريب آهي ...... ۽ خارجين
وفی حدیث الخوارج كاء	جي بيان ۾ آهي تہ اهڙي طرح مان
فی انظر اليه حبشى عليه	ان شخص ڪي ڏسي رهيو آهيان تہ
قريطق هو تصغير قرطق [1]	هڪ حبشي آهي جنهن جي بدن
	تي هڪ ننڍو ڪرتو آهي .

سنڌي ڪُڪڙ: ابن خردازبہ، ابن فقيہ همداني ۽ جاحظ وغيره سنڌي ڪڪڙ (دجاجہ سنديہ) ۽ هندستاني ڪڪڙ (ديڪ هندي) جو بيان ڪيو آهي . سنڌي ڪڪڙ عرب ۾ هندستان جي خاص شيءِ سمجھي وينديون هئي. رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم جن ۽ صحابن سڳورن جي ڪڪڙ کائڻ جو بيان حديثن ۾ وضاحت سان موجود آهي، پر انهن ۾ سنڌي ڪڪڙ جي وضاحت نہ آهي. اهڙيءَ طرح صحيحين ۾ حضرت ابوموسیٰ کان روايت آهي تہ :

ان النبی صلی اللہ علیہ وسلم	رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم جن
اکل لحم الدجاج [2]	ڪڪڙ جو گوشت کاڌو .

پر ڪجھ طريقن کان معلوم ٿئي ٿو تہ نبي صلی اللہ علیہ وسلم جن جي رسالت جي زماني ۾ "سنڌي ڪڪڙ" جو گوشت استعمال ٿيندو هو "طريحي"

---

[1] لسان العرب ج ١ ـ ص ٢٢٣ ـ [2] زاد المعاد ج ١ ـ

مجمع البحرين ۾ لکيو آهي:

وفي الحديث دجاج سندي [1]	حديث ۾ سنڌي ککڙ جو بيان آهي.

هندي طرز جا وار ڪترائڻ: عرب ۾ هندستاني قومون گهڻائيءَ ۾ آباد هيون ۽ انهن جون ڪيتريون عادتون ۽ رواج، رائج ٿيا. اهڙيءَ طرح نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ جاٽن جي وارن ڪترائڻ ۽ حجامت جو بيان ملي ٿو. پر هيءَ خبر نٿي پئجي سگهي ته ان جهڙا وار ڪنهن ٺهرايا:

وفي بعض الاخبار فحلق راسه زطيه، قيل هو مثل الصليب كانه فعل الزط [2]	ڪجهه خبرن مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن جاٽن واڱر مٿي جا وار ڪترايا. هڪ قول مطابق اها حجامت صليب مطابق هئي گويا اهو جاٽن جو فعل آهي.

ان مان ايترو ضرور معلوم ٿئي ٿو ته هندستان جي جاٽن واڱر ڪنهن به ان زماني ۾ وار ٺهرايا هوندا.

لفظ بابو: عرب ۾ "بابوس" اننڍيءَ جي ٻچڙي کي چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ ان لفظ جو استعمال هَنَجَ ۾ ڪيئي ننڍڙي انسان جي ٻچي لاءِ به هوندو آهي. تقريبًا ان ئي معنيٰ ۾ هندستان ۾ ننڍي ٻار لاءِ "بابو" لفظ چيو وڃي ٿو. "بابو" ۽ "بابوس" ۾ صرف آخر ۾ "سين" جو اضافو آهي. ان کان سواءِ عرب ۾ ٻار پيءُ کي ۽ پيءُ ٻار کي بابا چوي ٿو. لسان العرب ۾ آهي:

وقالوا بأبأ الصبي ابوه	لغت جي عالمن چيو آهي ته جڏهن

[1] مجمع البحرين لفظ سنڌ - [2] لسان العرب ج ٧ - ص ٣٠٨ - بحار الانوار ج ٢، ص ٦٢ -

اذا قال له بابا، و بأبأه — پيءُ پنهنجي ٻار کي باباچوي ته

العبى اذا قال له يا بابا[1] — يا ٻار پنهنجي پيءُ کي باباچوي ته

ته بأبأ جو صيغو استعمال ٿيندو آهي.

هندستان ۽ عرب ۾ هي هڪجهڙو لفظ ٿوري مقامي اثر جي فرق سان حديث ۾ آيو آهي، اهڙيءَ طرح بخاري ۾ حديث "جُريج راهب" ۾ آهي ته:

فمسح راس العبى وقال — جريج راهب ٻار جي مٿي تي هٿ

له يا بابُوس من ابوك، — گهمايو ۽ چيو ته اي بابوا تنهنجو

فقال راعى الغنم[2] — پيءُ ڪير آهي؟ ان چيو ٻڪرار.

مولانا فضل الله گيلاني "شرح الادب المفرد" ۾ لکيو آهي ته:

البابوس الصغير والرضيع — بابوس جي معنىٰ ننڍڙي ٻار يا

وهو بابو في الهندية[3] — کير پياڪ ٻار جي آهي ۽ هندي

زبان ۾ اهوئي بابو آهي.

هندستان جي جن شين کان منع ڪئي وئي آهي: نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هندستان جون گهڻيون شيون عرب ۾ عام هيون، جن مان ڪيترن شين کي خود رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پسند فرمائي خود استعمال ڪيو آهي ۽ صحابي سڳورن کي انهن جي استعمال لاءِ فرمايو اهڙي طرح هندستان جي ڪيترن شين ۽ ٻين ملڪن جي هڪجهڙن ڳالهين کان منع فرمائي آهي، جو ته ان ڪري اسلامي عقيدن ۽ عملن ۾ ڪمزوري پيدا ٿيڻ جو خوف هو يا اُهي بلڪل اسلامي تعليمات جي خلاف هيون.

نرد يعني چُوسر: ان کي "نرد شير" ۽ "ڪوبه" به چيو ويجي ٿو. ان

---

[1] لسان العرب ج ۱، ص ۲۵ - [2] فضل الله العمد ج ۱، ص ۱۰۸ -

[3] صحيح مسلم، الادب المفرد عن ابى بريدة عن ابيه ص ۱۸۶ -

راندڪي مسعودي هندستان جي راجا "ناهود" جي زماني جي ايجاد بيان ڪئي آهي. هيءَ هندستاني راند گهڻو ڪري ايرانين جي معرفت عرب پهچي آهي جوته "چُوسر" اسلام جي عقيدي توحيد ۽ تقدير جي بلڪل خلاف آهي. ان ڪري رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سختي سان ان راند کان روڪيو آهي.

ارشاد رسالت صلي الله عليه وسلم آهي ته:

من لعب بالنسرد شير فكأنما غمس يده في لحم الخنزير ودمه^ا	جنهن چوچڙي کيڏي ان جڻ پنهنجو هٿ خنزير جي خون ۽ گوشت ۾ وڌو.

ٻئي حديث ۾ آهي:

من لعب بالنسرد فقد عصى الله ورسوله .	جنهن چوچڙي کيڏي ان الله ۽ ان جي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي نافرماني ڪئي.

حضرت ابوهريره رض جن جو بيان آهي ته جيڪي ماڻهو "چوچڙ" سان جوئا کيڏين ٿا جڻ ته انهن خنزير جو گوشت کاڌو ۽ جيڪي بنا جوا کيڏين ٿا انهن جڻ خنزير جي خون ۽ گوشت ۾ هٿ وڌا آهن، ۽ ان کي ڏسڻ وارا جڻ خنزير جو گوشت ڏسي رهيا آهن^۲

شطرنج: هيءَ به هندستاني راند آهي. جيڪا عرب ۾ عام ٿي وئي هئي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان کان به سختي سان منع فرمائي آهي. هڪ حديث ۾ آهي:

ملعون من لعب بالشطرنج	شطرنج کيڏڻ وارو ملعون آهي.

---

^ا صحيح مسلم، الادب المفرد ص۱۸۶ - ^۲ الادب المفرد ص۱۸۶ -

۽ ٻئي حديث ۾ آهي ته:

اذا مررتم بهولاء الذين يلعبون بهٰذا الازلام و الشطرنج والنرد وماكان من هٰذه فلا تسلموا عليهم وان سلموا عليكم فلا تردوا عليهم [1]

جڏهن توهان جُوا، شطرنج ۽ چُوسر وَغيره کيڏڻ وارن وٽان لنگهو ته انهن کي سلام نه ڪريو ۽ جيڪڏهن اُهي توهان کي سلام ڪن ته انهن جي سلام جو جواب نه ڏيو.

حضرت علي رض جن پنهنجي زماني ۾ چوسر ۽ شطرنج کي ڏاڍيءَ سختيءَ سان روڪيو، هڪ دفعي حضرت علي رض جن شطرنج کيڏڻ واري ٽولي جي پرسان لنگهيا ۽ قبضو ڪيو ۽ فرمايو ته خدا جو قسم هيءَ راند توهان جي اخلاق ۽ عادتن کي خراب ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن آئينده لاءِ حجت تيڻ جو ڊپ نه هجي ها ته مان هن راند کيڏڻ کان توهان جي چهرن کي ماريان ها. حضرت علي رض جن فرمايو ته توهان مان ڪنهن جي هٿ ۾ ٽانڊو ڪڻڻ ايستائين جو وسامي وڃي بهتر آهي ان کان جو توهان شطرنج جي راند کيڏو ٿا [2]

ڳوهڻ: وشم يعني هٿن ۽ جسم جي مختلف عضون کي ڳوهڻ هندستان ۽ عرب ٻنهي ملڪن ۾ عام هو. پر دنيا جي اڪثر وحشي ۽ متمدن قومن ۾ ان جو رواج هو. جاهليت جي شعرن ۾ ڳوهڻ جو بيان ڪثرت سان ملي ٿو. زهير بن ابي سلمىٰ جو چوڻ آهي ته:

ودارٌ لها بالرّقمتين كأنها مراجع وشم في نواشر معصم

---

[1] ڪنز العمال باب اللهو واللعب ج ٢، ص ٣٣١.

[2] ڪنز العمال باب اللهو واللعب ج ٧، ص ٣٣٥.

(رقمتن جي جاءِ ۾ محبوبه جي گهر آثار ظاهر آهن، جهڙيءَ طرح وٺڻ جي آڱرين رڳن ۾ ڳوهڻ جا نشان هوندا آهن)

"لبيد بن ربيعه" جو چوڻ آهي:

لخلوة أطلالُ ببرقةِ تهمد تلوح كما فى الوشم فى ظاهر اليد

(خوله جي گهر جا نشان" برقه شهمد" جاءِ ۾ ائين ظاهر ٿين ٿا جيئن هٿ جي پٺيان ڳوهڻ جا نشان هوندا آهن).

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان کان به سختيءَ سان منع فرمائي آهي. حديث ۾ آهي:

لعن اللهُ الواشمة	ڳوهڻ، ڳوهڻ واري ۽ ڳوهائڻ
والموشمة	واري ٻنهي تي الله جي لعنت هجي.

ستارن کان بارش جو عقيدو: انواء يعني "ستارن" کان بارش جو عقيدو هندستان ۽ عرب ۾ هو ۽ ٻنهي ملڪن جا ماڻهو اهو عقيدو رکندا هئا ته فلاڻي فلاڻي "ستاري" کان بارش ٿئي ٿي. اهو ايمان "بالكواكب" ۽ "ستاره پرستيءَ" جو آهي، جيڪو خدا پرستيءَ جي عقيدي جي بلڪل خلاف آهي ان ڪري حديث ۾ ان عقيدي ۽ خيال جي سختيءَ سان منع ڪئي وئي آهي. هڪ حديث ۾ آهي:

من قال مطرنا نبوءُ كذا فقد	جيڪو شخص ائين چوي ٿو ته اسان تي
كفر انزل على محمدؐ (مسلم)	فلاڻي ستاري جي ڪري بارش ٿي آهي ته
	اهو محمدؐ جن جي دين جو منڪر آهي.

ان باب ۾ هي چند شيون مثال لاءِ بيان ڪيون ويون آهن، جيڪڏهن ان سلسلي ۾ حديث، سيرت جي چند ڇاڻ ڪئي وڃي ته ان موضوع تي چڱو خاصو مواد ملي سگهي ٿو، جيڪو هڪ ڪتاب ٿي سگهي ٿو.

اسلام ۽ مسلمانن جو هندستان ۾ اچڻ

رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ ڪنهن صحابي سڳوري جو باقاعدي دعوت ڪئي هندستان اچڻ جي صحيح ۽ مستند روايت نه ٿي ملي سگهي. پر پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جن جي وفات کان چار پنج سال پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني ۾ هڪ روايت موجود آهي.

نبي صلی الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ سامونڊي سفر: هن بحث کان اڳ مناسب معلوم ٿئي ٿو ته نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ صحابي سڳورن جي سامونڊي سفرن تي مختصر بحث ڪيو وڃي ۽ ٻڌايو وڃي ته ان زماني ۾ عام طرح سامونڊي سفر جو رواج هو. يورپ جا مستشرق جيڪي اسلام جي هر جدد شرف جا منڪر آهن، هن حقيقت جو به انڪار ڪن ٿا، ظاهر آهي ته عرب جو ملڪ ٽن پاسن کان سمنڊ ۾ گهريل آهي ۽ قديم زماني کان عربن ۽ ٻين ملڪن جو سلسلو سامونڊي رستن کان جاري هو ۽ انهن جا تجارتي ۽ سامونڊي اوير ۾ چين تائين ۽ اولهه ۾ روم تائين جاري هو. اهڙيءَ طرح نبي صلی الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ صحابي سڳورن جو سامونڊي سفر جو تجارتي سلسلو جاري رهيو. امام حسن بصري، حضرت سمره رض جن کان روايت ڪئي آهي:

ڪان اصحاب رسول الله رسول الله صلی الله عليه وسلم جن

صلى الله عليه وسلم يتجرون في البحر.	جا صحابي سڳورا سامونڊي واپار ڪندا هئا..

هڪ دفعي شڪارين جي هڪ ٽولي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو:

انا نركب البحر، ونحمل	اسان سامونڊي سفر ڪندا آهيون
معنا القليل من الماء.[1]	۽ ٿورو پاڻي پاڻ سان کڻندا آهيون.

صحيح مسلم ۾ حضرت جابر رض کان روايت آهي ته مڪي جي فتح جي موقعي تي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن اعلان فرمايو ته الله ۽ ان جي رسول شراب، مردار، خنزير ۽ بتن جي خريد وفروخت حرام ڪري ڇڏي آهي:

فقيل يارسول الله ارأيت	ته ان وقت ماڻهن عرض ڪيو ته
شحوم الميتة فانه يطلى	يارسول الله! مردار جي چربي
بها المسفن ويدهن بها	لاءِ ڇا حڪم آهي؟ جو ته انهن
الجلود، ويستصبح بها	ڪي ٻيڙن، چمڙن ۽ ڏيئن ۾
الناس، فقال لا، هو حرام[2]	استعمال ڪيو ويندو آهي. پاڻ ڪريم
	فرمايو ته نه، اهو به حرام آهي.

خطيب بغدادي "موضع اوهام الجمع والتفريق" ۾ "مسلم بن ابي عمران اسدي" جي بيان ۾ حضرت ابن عباس رض کان روايت ڪئي آهي ته:

ان امرأة ركبت البحر	هڪ عورت سامونڊي سفر ڪيو
فنذرت ان تصوم شهرًا	۽ هڪ مهينو روزا رکڻ جي باس
فماتت قبل ان تصوم	باسي، پر ان کي پورو ڪرڻ کان
فأتت اختها النبي صلى الله	اڳ ئي مري وئي، ان جي ڀيڻ

---

[1] رحلة الصديق، نواب صديق حسن خان ص ٤٠٧ بمبئي، [2] صحيح مسلم.

عليه وسلم فقال صدق عنها[1] رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي مسئلو معلوم ڪيو ته پاڻ سڳورن فرمايو ته توهان انهن مان ٻه دفعا روزا رک.

انهن چند حديثن ۾ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني جي واقعن مان پڙهي پڙهي جي ساموندي سفرن جو اندازو ٿي سگهي ٿو. ان کان سواءِ حديثن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي زماني جي ساموندي سفرن جا بيان موجود آهن. اهڙي طرح نبوت جي پنجين سال صحابي سڳورن جي هڪ جماعت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي حڪم ۽ مشوره سان ساموندي رستي کان حبشه هجرت ڪئي، ستين سال ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن "عمرو بن امية ضمري" رض جن کي خط مبارڪ ڏئي حبشه جي بادشاهه نجاشي ڏانهن موڪليو "يمن" جي "قبيلي شعر" جا اٽڪل ٥٢ مسلمان مديني جي ارادي سان ساموندي سفر لاءِ روانا ٿيا. ان زماني ۾ مديني جو بندرگاهه "جار" هو. پر هوا جو رخ بدلجڻ سان اهي ماڻهو حبشه پهچي ويا. اتان جي مسلمان مهاجرن انهن جو استقبال ڪيو ۽ غزوه خيبر جي موقعي تي ستين سال ۾ گڏ وٺي مديني پهتا ۽ انهن ماڻهن کي "اهل السفينه" جو لقب مليو[2].

طبقات ابن سعد ۾ آهي ته اهي ماڻهو مردن ۽ عورتن سميت پنجاهه ڄڻا هئا ۽ يمن کان سوار ٿي "جده" ۾ لٿا:

وقدموا في سفن، في البحر ساموندي رستي کان ٻيڙين ۾

---

[1] اوهام الجمع والتفريق ج ٢، ص٢٩٦، حيدرآباد. [2] صحيح مسلم باب فضائل اشعر-

وخرجوا بجدة [1] هاڻي ۾ جده پهتا.

(٣٠) ماڻهن سان گڏ حضرت تميم داري "بحر روم" جي سفر تي روانو ٿيو. پر مخالف هوا جي ڪري انهن سڀني ٻيڙين ۾ سوار ٿي هڪ ٻيٽ تي پهتا [2]

اهڙيءَ طرح لخم ۽ جذام جا ٽيهن (٣٠) ماڻهن سان گڏ حضرت تميم داري "بحر روم" جي سفر تي روانو ٿيو. پر مخالف هوا جي ڪري ننڍين ٻيڙين ۾ سوار ٿي هڪ ٻيٽ تي پهتا [2]

اسلامي تاريخ ۾ صحابي سڳورن جي سامونڊي سفرن جا ڪيا بيان موجود آهن، ان کان سواءِ قرآن مجيد جاءِ جاءِ تي سمنڊن ۾ جهاز راني جا خطرناڪ منظر بيان ڪري عربن جي مشرڪانه عقائد کي جهنجهوڙيو آهي، ۽ توحيد جي دعوت ڏني آهي. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني جي شعرن ۾ به سامونڊي سفرن ۽ جهاز راني جا بيان موجود آهن. انهن شاهدن ۽ دليلن کان پوءِ هندستان ۾ صحابي سڳورن جو اچڻ ان ڪري بعيد نه ٿو ڄاڻي سگهجي ته هو سامونڊي سفر نه ڪندا هئا. ۽ نه وري اُهي جزيرة العرب جي ريگستانن ۽ پهاڙن جي حدن کان ٻاهر نڪرندا هئا. ان موضوع تي تفصيلي معلومات لاءِ علامه سيد سليمان ندوي جو ڪتاب "عربن جي جهاز راني" کي پڙهڻ گهرجي.

نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ اسلام جي دعوت جون ٻه روايتون

سنه ٦ هه جي پڇاڙي يا سنه ٧ هه جي شروع ۾ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن عرب ۽ ٻين علائقن جي بادشاهن ۽ حڪمرانن ڏانهن اسلام جي تبليغ جي دعوت صحابي سڳورن ذريعي موڪلي ته عرب جي اوڀر علائقن جي حڪمرانن ڏانهن به اسلامي دعوت جا خط روانا ڪيا. عمرو بن عاص سهمي رضه جن کي عمان ۾ "جيفر" ۽ "عياذ" ڏانهن "سليط بن عمرو رضه" جن کي "هوزه" ڏانهن ۽ "علا بن حضرمي" کي بحرين ۾ "منذر بن ساوي عبدي"

---

[1] طبقات ابن سعد، بيروت، ج ١، ص ٣٤٨ - [2] صحيح مسلم ذڪر دجال -

ڏانهن روانو فرمايو. اهي سڀ شهر هندستان جي سامهون آهن ۽ قديم زماني کان هندستان ۽ چين تائين عرب واپارين جو رستو رهيو آهي. پران کان اڳتي سمنڊ پار نبي صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ ڪنهن صحابي سڳوري جي اچڻ جي مستند روايت نه آهي ۽ جيڪا هڪ اڌ روايت آهي ان جو ثبوت نه ٿو ملي سگهي. حالانڪ انهن ٻئي ڏينهن ۾ "عمرو بن ضمري رض" جو "حبشه" خط مبارڪ کڻي وڃڻ جي روايت حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ موجود آهي، ورڻي به انهن غير معتبر روايتن جو بيان ڪرڻ بي محل نه ٿيندو.

ان سلسلي ۾ اسان کي اجان تائين صرف ٻه روايتون ملي سگهيون آهن، پهرين روايت قنوج جي راجا "سرباتڪ" ڏانهن صحابن سڳورن جي اسلام جي دعوت کڻي اچڻ ۽ راجا جي مسلمان ٿيڻ جي آهي، جنهن کي حافظ ابن حجرؒ "اصابه" ۾ غير مستند چيو آهي:

وزعم ان النبي صلی الله عليه وسلم	سرباتڪ چيو ته نبي صلي الله عليه وسلم
انفذ اليه حذيفة واسامة	جن ان ڏانهن حذيفه، اسامه ۽
وصهيبا يدعونه الى الاسلام	صُهيب کي اسلام جي دعوت ڏئي
فاجاب واسلم وقبل كتاب	موڪليو. اهڙيءَ طرح ان اسلام
النبي صلی الله عليه وسلم ل	قبول ڪيو ۽ رسول الله صلي الله
	عليه وسلم جن جي خط مبارڪ کي چمي ڏني.

ان روايت کي نقل ڪري حافظ ابن حجر لکي ٿو ته ذهبي "تجريد اسماء الصحابه" ۾ چيو آهي ته هي ڪوڙ ۽ بلڪل ڇتو ڪوڙ آهي.

ٻي روايت "سنڌ" ۾ پنجن صحابن سڳورن جي اچڻ ۽ انهن مان ٻن جو واپس وڃڻ ۽ ٽن جو سنڌ ۾ ئي انتقال ڪرڻ جي آهي. اِها روايت هڪ

ل الاصابه ج ٢، ص ١٢١ - مصر -

قلمي مجموعي ۾ "جمع الجوامع" جي حوالي سان نقل ڪئي وئي آهي:

روى ان رسول الله صلى الله عليه وسلم ارسل كتابه الى اهل السند على يد خمسة نفر من اصابه فلما جاءوا بعض اهله ثم رجع من اصابه اثنان مع الوافد عليه من السند، واظهر اهل السند الاسلام و بيتو الاهل السند الاحكام وماتوا فيه وقبورهم فيه الان موجودة وجدت[1]	روايت ڪئي وئي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سنڌ جي باشندن ڏانهن پنهنجن صحابن سڳورن ذريعي پنهنجو مبارڪ موڪليو. جڏهن اهي صحابي سنڌ جي شهر "نيرن ڪوٽ" ۾ آيا ته انن جي ڪجهه ماڻهن اسلام قبول ڪيو. وري انهن پنجن مان به واپس هليا ويا ۽ باقي ٽي سنڌ ۾ رهي پيا. سنڌ جي ماڻهن انهن جي ڪري اسلام قبول ڪيو ۽ صحابن انهن کي اسلامي حڪم سيکاريا ۽ بعد ۾ اهي صحابي سنڌ ۾ انتقال ڪري ويا ۽ انهن جون قبرون اڄ ڏينهن تائين موجود آهن.

جنهن قلمي مجموعي ياداشت کان هيءَ روايت نقل ڪئي وئي آهي ڏاهو معتبر آهي ڏاهو معلوم آهي ته "جمع الجوامع" ڪهڙو ڪتاب آهي. علامه سيوطي جي "جمع الجوامع" ۾ ان قسم جي روايت بعد از عقل معلوم ٿئي ٿي.

---

[1] مجموعه ڪلمات ورسائل مولوي بخاري قلمي ورق عنا ـ

نوٽ: هي قلمي ڪتاب مصنف وٽ محفوظ آهي (مترجم)

مطلب ته ملي ۾ يا سڪي ۾ يا ان کان اڳ هندستان ۾ ڪنهن صحابي سڳوري جي اسلام جي دعوت ڪيئي اچڻ ڪا به صحيح روايت نه آهي، پر ان کان اٺ يا نو سال پوءِ خلافت عمر فاروق رضي الله عنه جي شروعاتي ڏينهن ۾ عرب کان مسلمانن جي هندستان اچڻ جون ڪيئي روايتون موجود آهن ۽ ان ئي زماني ۾ "باب الهند" بحرين کان مسلمانن جي رضاڪارانه فوج "ٿاڻه" (بمبئي) ڀڙوچ (گجرات) ۽ ديبل (سنڌ) آئي ۽ اتر هند جي ڪجهه ساحلي شهرن ۾ ڪنهن صحابي سڳوري جي اچڻ جي جيڪا روايت مشهور آهي اها به تاريخي طرح غير مستند آهي.

وصال نبوي صلي الله عليه وسلم جن جي چوٿين سال هندستان ۾ صحابي سڳورن جو اچڻ

عرب جو اوڀر ساحلي علائقو "بحرين" هميشه کان چين ۽ هندستان جي تجارت جو مرڪز هو. ان جي سيني علائقن ۾ هندستان جا ماڻهو پکڙيا پيا هئا. ان جي مرڪزيت ۽ اهميت ڪري نبي صلي الله عليه وسلم جن اُتي پنهنجا به حاڪم مقرر فرمايا، هڪ حضرت علاء حضرمي رض ۽ ٻيو حضرت ابان بن سعيد بن عاص رض. هڪ روايت ۾ آهي ته علاء حضرمي رض جن "قطيف" علائقي جو حاڪم هو ۽ "ابان رض" جن "خط" علائقي جا حاڪم هئا. حضرت ابوبڪر صديق رض جن پنهنجي خلافت جي زماني ۾ "علاء حضرمي" کي ٻيهر اتان جو حاڪم مقرر ڪيو پر حضرت عمر فاروق رض جن پنهنجي زماني ۾ ان جاءِ تي حضرت ابوهريره رض جن کي "بحرين" جو حاڪم مقرر ڪيو. هڪ روايت ۾ آهي ته حضرت علاء جي زماني ۾ ئي حضرت ابوهريره رض کي اهو عهدو ڏنئي ان جي حوالي قضاءِ ۽ نمان جي امامت سان گڏ زڪوات ۽ خراج جي وصولي جي ذميداري به رکي وئي هئي.

بحرين جي مرڪزيت، هتي هندستانين جي گهڻائي ۽ هندستان کان

تجارتي جهازن جي اچ وڃ ڏسي ڪري حضرت ابوهريره رضه جن کي تعجب نه ٿيو ۽ انتي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بشارت ياد آئي هجي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ ان هندستان ۾ جهاد ڪرڻ جي تمنا فرمائي هجي. جيئن پهريائين ئي چڪو آهي:

عن ابي هريرة قال وعدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم غزوة الهند فان ادركتها انفق فيها نفسي ومالي فان اقتل كنت افضل الشهداء وان ارجع فأفا ابوهريرة المحرر [1]	حضرت ابوهريره کان روايت آهي ته اسان کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "غزوه هند" جو وعدو فرمايو آهي. جيڪڏهن مان ان ۾ شريڪ ٿي سگهيس ته پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪندس. جيڪڏهن مان ڪم آيس ته بهترين شهيد هوندس ۽ جيڪڏهن واپس ٿيس ته جهنم جي باهه کان آزاد ابوهريره رهندس.

حضرت ابوهريره جي اها تمنا دل ۾ ئي هئي ته حضرت عمر فاروق رضه سنه ۱۵ھ ۾ ان جي جاءِ تي "حضرت عثمان بن ابي العاصي" ثقفي کي بحرين جو حاڪم مقرر فرمايو. جنهن هندستان تي اسلام جي جيالن جي ذريعي ٽن طرفن کان چڙهائي ڪئي.

سنه ۱۵ھ ۾ ٺاڻه، ڀڙوچ ۽ ديبل تي حملو:

عثمان بن ابي العاصي ثقفي رضه سنه ۹ھ ۾ طائف جي وفد ثقيف سان گڏ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن

---

[1] مسند احمد وسنن نسائي باب غزوة الهند.

انھن جي صلاحيت ڪري ان کي طائف جو حاڪم مقرر فرمايو. ان وقت کان حضرت ابوبڪر صديق رضه جي خلافت ۽ حضرت عمر فاروق رضه جن جي خلافت جي شروعات تائين طائف جا حاڪم رهيا. پر حضرت عمر فاروق رضه جن انهن کي طائف جي بدران بحرين ۽ عمان جو حاڪم مقرر ڪيو. هي ڪيترائي ڀائر هئا:
(١) عثمان بن ابي العاصي رضه (٢) حڪم بن ابي العاصي رضه (٣) مغيره بن ابي العاصي رضه (٤) حفص بن ابي العاصي رضه، عثمان بحرين ۽ عمان جي توليت جي شروعاتي دور ۾ پنهنجي ڀاءُ "حڪم" کي طائف کان گهرائي بحرين موڪليو ۽ پاڻ عمان پهچي "متطوعين" ۽ "فدائيان" اسلام جي فوج تيار ڪئي ۽ ان جي قيادت پنهنجي ڀاءُ "حڪم" کي ڏئي هندستان روانو ڪيو. ان مهم ۾ ٿاڻه (بمبئي) ۽ ڀڙوچ (گجرات) ٻنهي ساحلي شهرن تي حڪم بن ابي العاص پنهنجي فوج کي ساڻ ڪري حملو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪئي. ان کان سواءِ عثمان پنهنجي ٻئي ڀاءُ مغيره ابن ابي العاص جي اڳواڻي ۾ هڪ رضاڪارانه سامونڊي فوج ديبل (ٺٽه سنڌ) ڏانهن رواني ڪئي، جتان اسلامي فوج ڪامياب ۽ ڪامران واپس ٿي.
جڏهن اسلامي لشڪر هندستان کان واپس ويو ته حضرت عثمان ثقفي رضه اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جن کي ان جو پورو تفصيل لکيو. جو ته حضرت عمر فاروق رضه جن ان فوجي چڙهائيءَ کان بي خبر هئا. ۽ ان کان اڳ سامونڊي رستي کان اسلامي فوج ايڏانهن نه آئي هئي، ان ڪري حضرت فاروق رضه جن عثمان رضه جن جي قدم کي ناپسند فرمايو ۽ سخت خط لکيو ته جيڪڏهن ان خطرناڪ ۽ غير منظم مهم ۾ مسلمانن جو جاني نقصان ٿيو ته تنهنجي قبيلي ثقيف کان هڪ هڪ جو بدلو وٺندم. مطلب ته وصال نبوي صلي الله عليه وسلم جن جي ڇهن سالن کان پوءِ صحابي سڳورا اسلام جي دولت کڻي هندستان آيا ۽ ان سرزمين، انهن جو ڏي ڪري استقبال ڪيو. انهن مُهمن

جو ذکر مشهور تاريخ دان بلاذري "فتوح البلدان" جي "باب فتوح السند"
۾ هن طرح ڪيو آهي:

ولّى عمر بن الخطاب رضي الله
عنه عثمان بن ابي العاصي
الثقفي البحرين وعمان
سنة خمس عشرة فوجّه
اخاه الحكم الى البحرين
ومضى الى عمان فأقطع
جيشاً الى تانه فلما رجع
الجيش كتب الى عمر
يعلمه ذالك فكتب عليه
عمر يا أخا ثقيف حملت
ودًا على عودٍ واني احلف
بالله ان لو اصيبوا لأخذت
من قومك مثلهم ووجّه
الحكم ايضاً الى بروص
ووجّه اخاه المغيرة بن
ابي العاصي الى فور الديبل
فلقى العدو فظفر[1]

حضرت عمر رض جن سنه ١٥ هه ۾
عثمان بن ابو العاصي ثقفي کي
بحرين ۽ عمان جو حاڪم بنايو
"عثمان" پنهنجي ڀاءُ "حڪم" کي
بحرين روانو ڪيو ۽ پاڻ عمان
پهچي "ٿاڻي" ڏانهن هڪ فوجي
مهم رواني ڪئي ۽ جڏهن لشڪر
واپس آيو ته حضرت عمر رض جن کي
لکي ان جو اطلاع ڏنو. حضرت
عمر رض جن ان کي لکيو ته اي ثقفي!
تون اهڙي طرح ڪيڙي کي ڪاٺي
تي سوار ڪري سمنڊ جي حوالي
ڪيو آهي. خدا جو قسم جيڪڏهن
مسلمانن تي ڪا به آفت آئي ته
تنهنجي قوم کان ان جو بدلو وٺندم
ان کان سواءِ "عثمان" پنهنجي ڀاءُ
"حڪم" کي "ڀڙوچ" روانو ڪيو ۽
هڪ ٻئي ڀاءُ "مغيره" کي ديبل
ڏانهن روانو ڪيو. جتي ان

---

[1] فتوح البلدان ص ٤٢٠ - مصر -

دشمن سان مقابلو ڪري فتح پاتي.

عام تاريخن ۾ انهن حملن جي بيان نه ڪرڻ جو سبب

تعجب آهي نه عام تاريخدانن هندستان ۾ مسلمانن جي ان شروعاتي آمد ۽ هتان جي ٽن شهرن تي انهن جي حملي جو ڪو به ذڪر نه ڪيو آهي البته "ياقوت حموي معجم البلدان" ۾ "خور ديبل" ۾ حضرت حڪم ثقفي رض جي حملي جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

والديبل من ناحية السند مدينة على ساحل بحر الهند ووجّه اليه عثمان بن ابى العاص اخاه الحكم ففتحه [1]	ديبل سنڌ جو هڪ شهر "بحر هند" جي ساحل تي آهي ۽ عثمان بن ابي العاص پنهنجي ڀاءُ "حڪم" کي اِيڏانهن موڪليو جنهن ان کي فتح ڪيو.

ان مان ايترو ثابت ٿي ويو ته علامه بلاذري پنهنجي بيان ۾ اڪيلو نه آهي پر ياقوت حموي به ان سان گڏ آهي. البته حموي ان سلسلي ۾ صرف "ديبل" جو نالو ورتو آهي ۽ ٿاڻي ۽ ڀڙوچ جي باري ۾ خاموشي اختيار ڪئي آهي.

ڪيترن تاريخدانن بلاذري جي ئي حوالي سان عثمان ثقفي رض جي پنجن ڇهن سالن کان پوءِ مجاهدانه سرگرمين ۽ فتحن کي پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيو آهي. پر خود بلاذري ان کي فتوح البلدان ۾ "ڪور فارس" ۽ "ڪورمان" جي فتحن جي باب ۾ "عثمان" جي بحرين ۽ عمان ۾ تقرري کي بيان ڪندي ٿاڻي ڀڙوچ ۽ ديبل تي "حڪم" جي چڙهائي ڪرڻ جو ڪو به بيان نه ڪيو آهي -

حالانڪ ساموندي رستي کان فارس جي مهم جو بيان ڪيو آهي.

ثم لما ولى عمر عثمان بن	جڏهن حضرت عمر رض جن

---

[1] معجم البلدان ج ٣، ص ٤٨١ - بيان خو الديبل -

ابی العاصی الثقفی البحرین	عثمان بن ابي العاصي ثقفي کي
و عمان فدوضها والسقت	بحرين ۽ عمان جو حاڪم مقرر
له طاعة اهلهما، وجه	ڪيو ته ان انهن ٻنهي شهرن کي
اخاه الحکم بن ابی العاصی	زيرڪري مقامي باشندن کي
فی البحر الی فارس [1]	مطيع ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهجي ڀاءُ
	”حڪم“ کي سامونڊي رستي کان
	”فارس“ جي مهم لاءِ روانو ڪيو.

حوي ۽ ٻين تاريخدانن جي انهن حملن جي ذڪر نه ڪرڻ جو سبب اهوئي آهي ته اها بلڪل غير منظم جهڙپ هئي، ڪا به مستقل چڙهائي ۽ جنگ نه هئي، جنهن کي حضرت عمر فاروق رضه جن به ناپسند ڪري ڪا به اهميت نه ڏني پر سختيءَ سان روڪيو. اهڙيءَ طرح امام ابن البر به ”استيعاب“ ۾ عثمان بن ابي العاص جي سنه ١٥هه ۾ بحرين ۽ عمان جو حاڪم مقرر ڪرڻ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ”عثمان“ پاڻ نه ”عمان“ هليو ويو ۽ ٻنهجي ڀاءُ ”حڪم“ کي بحرين موڪليو. ان کان پوءِ ”حڪم“ جي باري ۾ ڪجهه نه لکيو آهي. پر عثمان سنه ٢١هه ۾ فارس جي شهر ”توّج“ تي حملو ڪرڻ جو بيان ڪيو آهي:

وسارهوء الی توّج ففتحها	۽ عثمان پاڻ توّج ويو ۽ ان کي
ومصرها وقتل ملکها	فتح ڪري آباد ڪيو ۽ اتان جي
شهرك وذالك سنة احدیٰ	ايراني حاڪم ”شهرڪ“ کي قتل ڪيو
وعشرين [2]	هي واقعو سنه ٢١هه جو آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته سنه ١٥هه کان سنه ٢٠هه تائين عثمان پاڻ ڪا به جنگي سرگرمي نه ڏيکاري پر سنه ٢١هه ۾ پهريون حملو ”توّج“ تي ڪيو ۽ ان ۾ ٻنهجي ڀاءُ ”حڪم“

---

[1] فتوح البلدان ص ٣٧٨ - [2] الاستيعاب حاشيه اصابه ج ٣- ص ٩١ -

ڪان به مدد ورتي. اهڙيءَ طرح حموي معجم البلدان ۾ لکيو آهي ته عثمان پنهنجي ڀاءُ حڪم کي عمان کان سامونڊي مُهم تي روانو ڪيو. ۽ ان فارس جي شهر "برڪان" کي فتح ڪري "توّج" جو رخ ڪيو.[1]

عثمان ثقفي جي ڀارن ان جي ڀاءُ حڪم ۽ مُغيره جي اڳواڻيءَ ۾ هندستان جي ٽن ساحلي شهرن تي جيڪو هنگامي حملو ڪيو هو، تيوهو ان جو مثال اهڙو آهي جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضه جي شروعاتي دور ۾ حضرت مثنيٰ بن حارثه شيباني رضه فارس جي حدن "حيره" جي طرف کان ۽ حضرت سويد بن قحطبه عجلي رضه "ابله" جي طرف کان حملو ڪيو هو ۽ وري صحرائن ۾ هليا ويندا هئا.[2] جهڙيءَ طرح انهن ٻنهي شخصن جي گوريلا حملن تفصيل سان احوال اسلامي تاريخن ۾ نه ٿو ملي، اهڙيءَ طرح "حڪم ۽ مغيره" جو هندستان تي انهن سامونڊي حملن جو بيان به نه ٿو ملي.

هندستان طائف ۽ ان جي قبيلي بنو ثقيف جو هي احسان ڪڏهن به نه ٿو وساري سگهي ته ان هندستان کي پنهنجي ديني ۽ روحاني توجه جو مرڪز بنايو، جڏهن به ان کي اقتدار مليو ان ڏانهن رخ ڪيو. حضرت عمر فاروق رضه جن جي دور ۾ حضرت عثمان ثقفي بحرين ۽ عمان جو گورنر رهيو آهي ۽ پنهنجن ٻن ڀائرن حڪم ۽ مغيره کي هتي اسلام جي برڪت ڏيئي روانو ڪيو ۽ اموي خلافت جي زماني ۾ حجاج بن يوسف ثقفي عراق جو گورنر ٿي پنهنجي نوجوان ڀائٽي محمد بن قاسم رح کي اسلامي فوج ڏيئي هندستان روانو ڪيو.

حضرت عثمان بن ابوالعاص ثقفي: هتي مناسب معلوم ٿئي ٿو ته هر ثقيف خاندان جي فرد جو مختصر بيان ڪيو وڃي، جنهن جو اتڪل هندستان جو هر فرد مُحسن آهي. حضرت ابو عبدالله عثمان بن

---

[1] معجم البلدان ج ٢، ص ٤٢٧ توج - [2] اخبار الطوال دينوري ص ١١١ مصر.

اِي العاص بن بشر بن عبيد دهمان بن عبدالله طائف جي مشهور قبيلي بنو
ثقيف سان تعلق رکي ٿو. ٩ھ ۾ طائف جي وفد سان رسول الله صلي الله
عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. وفد ۾ ميمبرن ۾ سڀ کان ننڍو هو، ان
ڪري ماڻهن ان کي منزل تي سامان جي حفاظت لاءِ ڇڏي ويا. جڏهن اهي
ماڻهو منجهند جو اچي سمهي پيا ته عثمان ثقفي اکيلي آهستي نبي صلي الله
عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو ۽ رسول الله صلي الله
عليه وسلم جن کان دين ۽ قرآن جي تعليم حاصل ڪندو رهيو، جيڪڏهن رسول الله
صلي الله عليه وسلم جن کي آرام فرمائيندي ڏسندو هو ته حضرت ابوبڪر صديق رض
۽ حضرت ابي بن ڪعب رض کان قرآن پڙهندو هو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن
ان ڳالهه کان ڏاڍا خوش ٿيا ۽ جڏهن وفد جي سڀني ميمبرن گڏ ڪري اسلام
آندو ته عثمان به پنهنجو اسلام ظاهر ڪيو. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان
کي پنهنجي طرفان طائف جو حاڪم مقرر ڪيو. خلافت صديقي تائين ان
عهدي تي رهيا. وري حضرت عمر فاروق رض جن ان کي بحرين ۽ عمان جي
گورنري لاءِ گهرايو. پهريائين ته حضرت عمر رض جن چيو ته جنهن کي رسول الله
صلي الله عليه وسلم جن حاڪم مقرر ڪيو آهي ان کي مان نه ٿو هٽائي سگهان. پر
جڏهن ماڻهن مشورو ڏنو ته توهان ان کي چيو ته پنهنجي طرف کان ڪنهن کي طائف
جو حاڪم مقرر ڪري، اهڙي طرح حضرت عمر رض جن ان کي هٽايو ته ان پنهنجي
ڀاءُ "حڪم" کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو ۽ بحرين ۽ عمان جي گورنري سنڀالي.
وري جلدي "حڪم" کي پاڻ وٽ گهرائي هندستان ۽ ايران جي مهم تي روانو
ڪيو ۽ پاڻ ايران ۾ بهادري جا جوهر ڏيکاري ڪيترا شهر فتح ڪيا. آخر ۾
بحرين ۽ عمان کان معزول ٿيندي بصره ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي.
بصره ۾ جنهن جاءِ تي رهندا هئا ان کي "شط عثمان" چيو ويندو هو. حضرت

عثمان رضي الله عنه جن جي ڪن عربي خدمتن جي سلسلي ۾ ٻارهن هزار جريب
جو هڪ ٽڪرو جاگير ۾ ڏنو. صحاح ۽ مسند ۾ هنن جون حديثون ۽
روايتون موجود آهن. حضرت معاويه جي زماني ۾ بصره ۾ انتقال ڪيو.

حضرت حڪم بن ابي العاص ثقفي: حضرت حڪم بن ابي
العاص بن بشر رضي الله عنه جي ڪنيت ابو عثمان يا ابو عبدالملڪ آهي.
صحابي رسول آهن. وڏا بهادر ۽ وڏي شان ۽ منزلت جا مالڪ هئا. پنهنجي
ڀاءُ عثمان ثقفي رض جي طرفان بحرين جي گورنري سنڀالي ۽ ايران ۽ عراق جي
اسلامي فتوحات ڪيون. پنهنجي اڳواڻي ۾ فدائيان اسلام جي هڪ جماعت
وٺي شاهه ۾ "تانه" ۽ "بڙوچ" آيا هئا. پوءِ ۾ پنهنجي ڀاءُ "عثمان" سان
گڏ "بصره" ۾ آباد ٿي ويا هئا.

حضرت مغيره بن ابي العاص رض: حضرت عثمان ثقفي رض جن جو
سڳو ڀاءُ ۽ ان جي فوجي ۽ اسلامي سرگرمين ۾ شريڪ هو. پاڻ پنهنجي
ڀاءُ عثمان جي طرفان ديبل (ڪراچي) تي فدائيان اسلام سان وڃي ڪامياب
حملو ڪيو. هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ سنڌ ۾ فوت ٿي ويا ۽ اتي دفن ٿيا،
پر اها روايت معتبر نه آهي.

حضرت حفص بن ابي العاص رض: حضرت حفص جن به حضرت
عثمان ثقفي رضي الله عنه جن جا سڳا ڀاءُ هئا.

خلافت راشده ۾ هندستان سان تعلقات: سنه ١٥ھ ۾
هندستان تي غير منظم ساموندي حملي کان پوءِ حضرت عمر فاروق رض
جن جي زماني ۾ وري ڪنهن منصوبي جي خبر نه ٿي پئجي سگهي. جيتوڻيڪ حضرت
عمر فاروق رضي الله عنه جن ان مهم جي سخت خلاف هئا، جيتوڻيڪ بنا ڪنهن
مڪمل تياري ۽ پوري معلومات جي هندستان جي ڏورانهين ساموندي سفر

جي مصلحت کي خلاف سمجهندا هو. ان ڪري حضرت عثمان ثقفي جن ٻيهر ٻين حملي ڪان پوءِ ان ڏانهن ڪو به توجه نه ڏنو، پر پنجن ڇهن سالن کان پوءِ ايران جي علائقن ۾ مجاهدانه سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجي ڀاءُ "حڪم" کي به ان ڏانهن توجه ڇڪايو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جن جي زماني ۾ سنڌ ۽ مڪران جي حدن تائين خشڪيءَ جي رستي کان اسلام جي مجاهدن جا قدم آيا پر اڳتي وڌي نه سگهيا، جڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه جن جو خلافت جو دور آيو ته پاڻ هندستان ڏانهن توجه ڏنو ۽ حضرت عمر فاروق رضه جن جي محتاط روش جي روشنيءَ ۾ عراق جي حاڪم "عبدالله بن عامر ڪريز" جي ذريعي حضرت "حڪيم بن جبله عبدي" جن کي هندستان جي سرحدي شهرن جي سياسي ۽ ملڪي حالتن ۽ جهاد جي امڪان جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏانهن روانو ڪيو، پر هتان جا حالات جهاد لاءِ مناسب نه هئا، ان ڪري وڌيڪ ڪا به ڪاروائي نه ڪئي وئي. جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جو خلافت جو زمانو آيو ته پاڻ سنه ٣٨ه جي شروعات ۾ "حارث بن مره عبدي" جنکي اجازت ڏني ته عابدن ۽ زاهدن جي هڪ جماعت وٺي هندستان جو رخ ڪيو اهڙيءَ طرح حارث بن مره عبدي جن هندستان جي اتر اولهه سرحد تي حملو ڪيو ۽ مال غنيمت حاصل ڪيو، پر بعد ۾ قيقان (ڪيڪان، قلات) جي هڪ لڙائيءَ ۾ حارث بن مره ۽ ٻيا ڪيترا مسلمان شهيد ٿيا، هي سنه ٤٢ه جو واقعو آهي.

حضرت معاويه رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ سنه ٤٤ه ۾ "مهلب بن ابي صفره" جن هندستان جو رخ ڪيو ۽ "بنون" تي حملو ڪيو، ان کان پوءِ "عبدالله بن سوار عبدي" جن "قيقان" تي حملو ڪري اڳتي ٿين

شڪست جو بدلو ورتو ۽ فتح حاصل ڪئي، بهرحال حضرت معاويه رض جن جي زماني ۾ ”زياد بن ابي سفيان“ جن ”سنان بن سلمه بن محبق هذلي“ جن کي ”مڪران“ ڏانهن روانو ڪيو، جتي مسلمانن کي فتح نصيب ٿي. انهن ڏينهن ۾ زياد ”راشد بن عمر دازدي“ کي مڪران ڏانهن موڪليو ۽ ”راشد“ قيقان کي فتح ڪري سلمونڊي ڦورڻ جي پاڙ پٽي.

مطلب ته حضرت عمرفاروق رضي الله عنه جي زماني جي شروعات کان حضرت معاويه جي زماني تائين هندستان ۽ عرب جي تعلقات جي نوعيت وقتي معرڪه آرائي ۽ غالب ۽ مغلوب جي رهي آهي، جنهن ۾ خلفاءِ راشدين ۽ بين صحابي سڳورن ۽ تابعين عُظام جن حصو ورتو آهي. ظاهر آهي ته انهن مُهمن (حملن) ۾ ”بزم نبوت“ جي جيالن ۽ مجاهدن جا قدم مبارڪ هن ملڪ ۾ آيا هوندا. جن جي مجاهدانه ڪارنامن ۽ تبليغ جي اثر ڪان اڄ تائين هندستان ۾ اسلام ۽ مسلمان زنده ۽ خوش آهن ۽ انشاءالله قيامت تائين زنده ۽ خوش رهندا.

وصلى الله تعالى على خير خلقه محمد وآله واصحابه اجمعين والحمد لله رب العالمين.

قاضي اطهر مبارڪپوري - بمبئي

٢٦ - رمضان المبارڪ سنه ١٣٨٣ھ

كتابت : محسن علي پنهور